لذيذ ۽ مٺو آهي، ۽ ان جي سڄي آل ۽ سيني اصحابن تي به سلام هجن.

جاڻ جو توکي شال الله تعالىٰ نيڪ بخت ڪري، هيءَ نفس جي حقيقت، ۽ نفس جي معرفت جو اهڙو بيان آهي، جو الله تعالىٰ جون تمام معرفتون "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ" - جي حڪم موجب ان سان وابسته ۽ ڳنڍيل آهن، يعني جنهن پنهنجي نفس جي حقيقت کي سڃاتو، تنهن بيشڪ پنهنجي رب کي سڃاتو.

جاڻ ته تصوف وارن اڳيان نفس جي حقيقت، بدن جي جوڙجڪ وارن جزئن (حصن) جي خلاصي جو نالو آهي. يعني قوت حيواني، جيڪا روح حيواني ۽ طبيعت ولندڙ آهي، جو شريعت ۽ تصوف وارا ان کي مطلقًا نفس چون ٿا ۽ حڪماءَ (۱) ان کي نفس (۲) ناطقہ چون ٿا، ۽ ڪڏهن ان کي محض نفس به چوندا آهن، پر ان مان ان شيءِ جي ذات ۽ حقيقت مراد هوندي آهي، جيئن چوٽي آهي: "النفس شيءٌ اي ذاته" معنيٰ نفس هڪ شيءِ آهي، يعني ان جي ذات آهي.

الله تبارڪ وتعالىٰ قرآن ڪريم ۾ پنهنجي ذات کي نفس ڪري ڪوٺيو آهي جيئن ارشاد آهي: تَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِيْ وَلَآ اَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِكَ (۳) اَيْ ذَاتِكَ (يعني تون ڄاڻين ٿو، جيڪو منهنجي اندر ۾ آهي، ۽ آءٌ نه ٿو ڄاڻان، جيڪو تنهنجي (ذات جي) علم ۾ آهي.

ڪن محققن ان کي قلب، دل، روح ۽ جان به چيو آهي، ۽ ان مان مراد نفس وٺن ٿا، جيئن امام محمد غزالي رحمةُ الله تعالىٰ عليه ڪيمائي سعادت ۾ لکيو آهي. اندر ۾ هڪ چشمون آهي، جنهن کي نفس، دل، قلب ۽ جان چون ٿا، پر هتي اهو نفس ۽ قلب مراد نه آهن، جن جو ذڪر ڇهن لطيفن (۴) ۾ ٿيل آهي. اهو ته هڪ گوشت جو گول ٽڪرو آهي، جيڪو سيني ۾ کاهي پاسي (ٻي هيٺ) رکيل آهي، ۽ ان جو اندر پورو (خالي) آهي. ان جي پور ۾ ڪارو رت هوندو آهي. اهو روح جو منبع ۽ ڪاڻ آهي. اهڙو قلب ٻين جانورن ۽ مڻلن کي به هوندو آهي. حقيقي قلب جي تعلق جي جاءِ، جنهن سان روحاني طبيبن جو واسطو هوندو آهي، ان کي ته روح چوندا آهن.

(۱) جن جو قول ۽ فعل سنت جي موافق هجي، ان کي حڪماءَ چوندا آهن. (مترجم)
(۲) اهو جوهر جيڪو مادي کان عليحده هجي.
(۳) سورة المائده آيت ۱۱۶
(۴) صوفياءِ ڪرام لطائف ستہ هنن کي چوندا آهن: ۱- قلب ۲- روح ۳- سري ۴- خفي ۵- اخفا ۶- نفس. (مترجم)

www.maktabah.org

جان مان بہ هت اها مراد نہ آهي، جو هڪ لطيف بخار، جيڪو گوشت واري ٽڪري (دل) مان حرارت (گرمي) سبب نڪرندو آهي، جنهن سان ظاهري طبيبن جو علاج معالجي جي سلسلي ۾ واسطو هوندو آهي. (اسان جڏهن بہ روح جي ڳالهہ ڪيون تہ ياد رکو جو) اسان جي روح مان مراد انسان جي حقيقت آهي، ۽ اها انساني حقيقت مدرڪ بہ آهي، تہ عالم ۽ عارف بہ. (يعني انساني حقيقت کي ادراڪ، علم ۽ معرفت حاصل آهي) مثال ڪڪ کي پوکڻ جي وقت بج چوندا آهن، ۽ جنهن وقت وري اهو بج ڦٽي سائو ٽيندو آهي تہ ان کي پوک يا فصل جو نالو ڏيندا آهن، پر جڏهن اُن جي اَنَ کي ڳاهي گهر ڪٽي وڃبو آهي تہ وري ڪڪ چٻبو اٿس. اهڙي طرح قدير خلقٽهار، جنهن وقت خلاقت جي بج کي آدم جي زمين ۾ چٽيو ٽي، تہ ان بج کي روح جو نالو رکيو هيائين، جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ (۱) (يعني مون ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو) جڏهن وري روح ۾ هڪ حال ڪان ٻئي حال ڏانهن ڦرڻ واري حالت پيدا ٽي تہ قلب نالو رکيو ويس. جيئن حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جو ارشاد آهي: قَلْبُ الْمُؤْمِنِ بَيْنَ اِصْبَعَيْنِ مِنْ اَصَابِعِ الرَّحْمٰنِ تَعَالٰى (يعني مومن جو قلب، الله تعاليٰ جي قدرت وارين آڱرين مان ٻن آڱرين جي وچ ۾ هوندو آهي جيڏانهن بہ ڦيرائي.)

وري جنهن وقت فصل جو ڦر ڪٽي، اصلي گهر ڏانهن روح کي گهرائي روانا ٽين ٿا تہ نفس نالو رکيائونس، جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً (۲) (يعني اي اطمينان وارا نفس! تون پنهنجي رب ڏانهن واپس ٽيءُ، اهڙي طرح جو تون ان کان راضي، هو توکان راضي).

(پوءِ) اهي ٽئي نالا (روح،قلب ۽ نفس) دراصل هڪ ئي آهن، پوءِ لفظ نفس کي جيڪو هن حديث "من عرف نفسه فقد عرف ربه"- ۾ آيو آهي، جيڪڏهن پهرئين معنيٰ تي محمول ڪيو وڃي، تہ معنيٰ هن طرح ٽيندي تہ "جنهن شخص پنهنجي نفس کي عبوديت (بانهي هئڻ) واري صفت سان سڃاتو، تنهن بيشڪ پنهنجي پيدا ڪندڙ کي ربوبيت واري صفت سان سڃاتو. نفس جو اهو دستور آهي جو هو باطل دعوائون ڪندو آهي، ۽ ربوبيت واريون صفتون، جيڪي صرف ان ذات لاءِ مخصوص آهن،

(۱) سورة الحجر آيت ۲۹

(۲) سورة الفجر آيت ۲۸

www.maktabah.org

جيئن عظمت، ڪبريائي، جباري، بي پرواهي ۽ قدرت انهن کي پاڻ ۾ تصور ڪندو آهي، ۽ چوندو آهي ته اهي صفتون منهنجيون ئي آهن پر جڏهن ٻانهي تي انوار الاهي جي تجليات سان هي ڳالهه واضح ٿي ويندي آهي ته اهي منهنجون سڀ دعوائون باطل آهن ۽ مهنجيون ٻانهپ واريون وصفون ته هي آهن: عاجزي، مسڪيني، ذلت، فقيري، نوڙت، نياز، جهالت جو اقرار، پوءِ يقيناً چئبو ته ان پنهنجي رب کي سڃاتو.

پر جيڪڏهن لفظ نفس جي معنيٰ کي ذات ۽ حقيقت واري معنيٰ تي محمول ڪيو وڃي ته معنيٰ هن طرح ٿيندي ته جنهن پنهنجي ذات ۽ حقيقت جي مڙني اجزائن سان پنهنجي وجود کي سڃاتو ۽ سمورن وجودن، وجود ملڪي، وجود انساني ۽ وجود شيطاني ۽ حقائق جسماني ۽ روحاني کي، پنهنجي ذات جي احاطي هيٺان آڻي عالم صغير ۾ مشاهدو ڪيائين، ۽ انهن سڀني کي وري عالم ڪبير ۾ مطلق ذات جل شانه' جي احاطي ۾ تصور ڪيائين، ۽ اهڙي طرح روح جزوي، عقل، قلب جزوي ۽ نفس جزوي کي پنهنجي ذات جي احاطي ۾ داخل ڏٺائين ته روح اعظر ۽ قلب اعظر، جيڪي عرش الاهي آهن، اهي نفس ڪلي ۽ عقل ڪلي کي حق سبحانه' وتعالیٰ جي ذات واحد جي احاطي ۽ گهيري ۾ آندل ۽ شامل ڏسندا.

هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته جيئن معرفت الاهي جي ڪُنهه (اونت) کي پهچڻ محال آهي، اهڙي طرح نفس کي سڀني صفتن سان سڃاڻڻ پڻ مشڪل آهي.

تو بقيمت ورائي دوجهاني
چڪنر قدرخود نمي داني

تون قيمت ۾ ٻنهي جهانن ڪان به مٿي آهين، پر آءٌ چا ڪريان جو پنهنجي قدر کي پاڻ نه ٿو ڄاڻين.

آدمي چيست برزخ جامع
صورت خلق حق درو واقع

يعني ماڻهو چا آهي؟ جيڪو برزخ گڏ ڪندڙ آهي. ڏسڻ ۾ مخلوق آهي، ليڪن ان ۾ حق واقع آهي.

نفس جي سڃاڻپ دل جي بصيرت ڪان سواءِ حاصل ڪانه ٿيندي

www.maktabah.org

آهي، ۽ دل جي بصيرت عشق الاهي ۽ رياضت ڪرڻ کان سواءِ حاصل ٿيڻ محال آهي.

ڪڏهن ان کي نفس چئي، ان مان مراد اصلي معنيٰ ونندا آهن، جيڪا صفات ذميمہ (خراب صفتن) جو مجموعو آهي (اهي بيڻيون صفتون هي آهن) مثال ڪاوڙ، شهوت، وغيره. اڪثر صوفي ان کي ئي نفس چوندا آهن، ۽ ان کي رياضت ۽ مجاهدن سان مارڻ لازم ڄاڻندا آهن.

حضور اڪرم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي هن ارشاد ۾ به ان ڏانهن اشارو آهي: أَعْدَاءُ عَدُوِّكَ نَفْسُكَ الَّتِيْ بَيْنَ جَنْبَيْكَ يعني تنهنجو زور دشمن، تنهنجو نفس آهي جيڪو توسان شامل آهي.

ترا با نفس کافر کيش کاريست
بدام آرش که اين طرفه شکاريست

توکي اهڙي ڪافر طبع نفس سان ڪم پيو آهي، ان کي دام ۾ آڻ جو اهو عجيب شڪار آهي.

پدر کز من روانش باد خوشنود
مرا از راه لطف اين پند فرمود

منهنجي پيءُ جو روح شال مون کان راضي هجي، جنهن مون کي خير خواهي جي ڪري هي نصيحت ڪئي هئي.

که محکومي سگي بودن درين راه
به از حکمي که راند نفس بدخواه

ته هن رستي (دنيا) ۾ ڪتي جو محڪوم تابعدار ٿي رهڻ چڱو آهي. ان بدخواه نفس جي حڪم هلائڻ کان (تابعدار ٿي رهڻ کان)

گرت مارسيه در آستين است
باز نفسي که با تو همنشين است

جيڪڏهن ڪارو نانگ تنهنجي قميص جي هانهن ۾ هجي، ته اهو ان نفس کان پلو ٿئي. جيڪو تو سان گڏ ويٺل آهي.

درين معنيٰ بسي کوشش نمودم
درست است آنچه ديدم آزمودم

www.maktabah.org

هن حقيقت کي معلوم ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪيم. جيڪو ڏٺم سو صحيح آزمايم.

اگر عهدي کند ناپائدار است
حديث گربئه کو روزه دار است

اهو (نفس) جيڪڏهن کو واعدو ڪري تہ اهو بي بقا آهي؛ جيئن بلي جي روزائت هجڻ تي کو اعتبار ڪونہ آهي.

کہ چون روئي ناگہ سوئي موش کرد
همہ زهد تقويٰ فراموش کرد

جڏهن بلي اوچتو ڪُوئي ڏانهن رخ ڪيو تہ ان وقت فقيري ۽ تقويٰ کي وساري ڇڏيائين.

گربہ اگر حجي اکبر کند
هم بحرصيد کبوتر کند

بلو جيڪڏهن حج اڪبري بہ ڪٽي ڪري پر پوءِ بہ حرم شريف ۾ ڪبوترن جو شڪار ڪندو.

نفس جا مختلف نالا، مختلف وصفن ۽ مختلف مرتبن ۽ مختلف عادتن جي ڪري رکيا ويا آهن (هڪ) ۱- جيئن تہ جيڪڏهن نفس جي خواهش هوندي تہ وجود واري ملڪ تي سندس تصرف ۽ قبضو هجي، ۽ اهو پنهنجي طبيعت ۾ پڪو هجي، ۽ هر وقت هن سوچ ۾ رهندو هجي تہ روح کي عالم بالا مان ڇڪي عالم سفلي ڏانهن آڻيان، ۽ پاڻ کي برائين کان بہ نہ روڪي ۽ نہ وري ملامت ئي ڪري. شهوتن ۽ شيطاني ڪمن تي پروسو ۽ انهن جي اطاعت ڏانهن رغبت هجيس، ۽ ڏوهن ۽ بي فرمانين ڏانهن لاڙو هوندس تہ اهڙي صفت واري نفس کي، نفس امارو چوندا آهن جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي: إِنَّ النَّفْسَ لَأَمَّارَةٌ بِالسُّوءِ (۱) (يعني بيشڪ نفس برائي جو حڪم ڪندڙ آهي) پوءِ بدن ۽ هيون سڀ قوتون نفس جون تابع هوندیون آهن، اهو نفس ڪافرن ۽ منافقن جو آهي.

۲- (هيو تہ) جڏهن پنهنجي وجود جي تدبير کي دل جي قبضي ۾

(۱) سورة يوسف آيت ع۵۳

www.maktabah.org

آڻي، دل جي حوالي ڪري، ۽نفس پڻ اطاعت ۽ فرمان برداري وارو رسو پنهنجي ڳچي ۾ پڌي. ان(دل) جو مقلد ٿئي، ۽ ايجادي امر (۱)۽ ايجابي امر (۲) ۾ سڪون ۽ آرام لهي. پر تنهن هوندي به اڃان ان ۾ ڪي اڻ وٽندڙ صفتن جا لوازمات، جيئن سرڪشي ۽ انتهاپسندي جهڙيون اڻ وٽندڙ صفتون منجهس باقي هجن، جنهن ڪري هميشه پاڻ کي ملامت ڪندو رهي. شهوت پرست نفس سان جنگ ڪندو رهي، ۽ ان کان بچاءُ ڳولينندو رهي ۽ جڏهن ان کان گناهه صادر ٿئي ته جلد پيشمان ٿئي، ته اهڙي صفت واري نفس کي لوامو چوندا آهن جيئن الله تعالىٰ جو ارشاد آهي: لَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ (۳) يعني قسم آهي لوامي نفس (ملامت ڪندڙ نفس) جو. اهو نفس گناهه ڪرڻ جي ڪري پاڻ کي ملامت ڪندو آهي، ۽ خواهشن کي برو سمجهندو آهي،۽ شيطان کي لعنت ڪندو آهي،۽ سيني شهوتن سان دشمني رکندو آهي،۽ انهن جي لذتن کي ناپسند ڪندو آهي، برائي ۽ گناهه کان يڪدم توبهه تائب ٿيندو آهي. اهڙي صفت وارو نفس عام مؤمنن ۽ ولين جو آهي.

حضرت معاذ رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو قيامت جي ڏينهن هر هڪ شخص خواهه نيڪوڪار هجي يا بدڪار پنهنجي نفس کي پيو ملامت ڪندو. نيڪ شخص چوندو ته ڪاش جو اڃان نيڪيون گهٽيون ڪريان ها ته الله تعالىٰ جو گهٽو انعام ۽ اڪرام لهان ها. پر بدڪار شخص پنهنجي عملن جي ڪري پيا پيشمان ٿيندا ۽ پاڻ کي پنهنجن ڪيل گناهن تي پيا ملامت ڪندا.

۳- (ٽيون) جڏهن ان نفس مان نفرت ۽ اختلاف (جو ڀڄ) بلڪل ختم ٿي ويندو آهي،۽ جهگڙالو مان بدلجي جڏهن دل جي سڪون ڏانهن موٽندو آهي،۽ پاڻ کي شريعت جي حڪمن جو فرمانبردار ۽ تابع بنائيندو آهي،۽ تقويٰ سان شوق رکندو آهي،۽ جيڪا پريشاني شهوتن جي پويان لڳڻ ڪري ٿيندي اٿس، اها به ان مان بلڪل ختم ٿي ويندي آهي ته اهڙي صفت واري نفس کي مطمئنه نفس چوندا آهن. الله تعالىٰ فرمايو آهي: يَآ اَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِيْ (۴) يعني اي اطمينان وارا نفس! پنهنجي

(۱) ايجادي امر مان مراد نئين شيءِ جو معاملو آهي.
(۲) ايجابي امر مان مراد معاملات کي مڃڻ ۽ منظور ڪرڻ يعني تسليم ورضا وارو مقام آهي.
(۳) سورة القيمة آيت۲
(۴) سورة الفجر آيت ۲۸

www.maktabah.org

رب ڏانهن رجوع ٿيءُ. اهو نفس انبياءِ عليهم السلام ۽ ڪن خاص ولين جو آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي. ڪلبهم باسط ذراعيه بالوصيد (۱) يعني: انهن جو ڪتو (نفس امارو) پنهنجون ٻانهون (انهن جي دلين جي غار واري چائٽ تي) پکيڙيون پيو آهي. يعني انهن جو نفس امارو تابعدار ٿيو پيو آهي، ۽ انهن جي مخالفت کو نه ٿو ڪري. بنا فرق جي انهن جي دلين واري غار جي چائٽ تي ٻانهون رکيو، انهن جي حڪر ڏانهن متوجهه ٿيو ويٺو آهي.

تفسير لطائف قشيري ۾ آهي ته جن شخصن جو قول آهي ته انسان جاڻي نفس آهن. امارو، لوامو، مطمئنو. تن جي اها پل آهي، حقيقت هن طرح آهي ته نفس هڪڙو آهي. البت ان جون حالتون مختلف ٿيندڙون آهن، جهڙي طرح انسان جو بدن هڪڙو آهي، تنهن ۾ مختلف حالتون ظاهر ٿيندڙون آهن. ڪنهن وقت بدن بيمار هوندو آهي ته ڪڏهن چگو ٿيلو. ڪڏهن وري بين بين يعني متوسط حال ۾ هوندو آهي. اهڙي طرح نفس به ڪڏهن امارو هوندو آهي ته ڪڏهن لوامو ۽ ڪڏهن مطمئنو. نفس جي هڪڙي هجڻ تي الله تعاليٰ جو هي فرمان شاهد آهي. وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰهَا * فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰهَا *(۲) يعني قسم آهي نفس جو ۽ ان جو، جنهن ان کي نيڪ ناهيو، پوءِ ان (نفس ۾) بدڪاري ۽ پرهيزگاري وڌائين. (ان جو تفسير صوفياءِ ڪرام هن طرح فرمايو آهي ته) الله تعاليٰ ان آيت ۾ نفس کي لفظ واحد سان آندو آهي. به نفس ياڻي نفس (يعني تثنيه يا جمع جا لفظ) نه فرمايا اٿس، پوءِ فجور ۽ تقويٰ (بدڪاري ۽ پرهيزگاري) ٻنهي جي نسبت به هڪڙي نفس ڏانهن فرمائي اٿس، جو ته پرهيزگاري ۽ بدڪاري جدا جدا به عمل آهن. بدڪاري نفس اماري جو عمل آهي، ۽ پرهيزگاري نفس مطمئني جو ۽ ٻنهي فعلن (فجور ۽ تقويٰ) کي هڪ نفس ڏانهن اضافت ڏيارڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته نفس هڪڙو آهي (جو هڪ شيءُ جا ڪيئي عمل ٿي سگهن ٿا) پر ائين کو نه ٿيندو ته نفس ٻي هجن، ۽ انهن ڏانهن بن فعلن (فجور ۽ تقويٰ) کي مضاف ڪجي. سو سراسر باطل ۽ مردود آهي، ۽ حقيقي حڪيم جل جلاله جي حڪمت لاءِ اها ڳالهه لائق کا نه آهي. پوءِ معلوم ٿيو ته فجور ۽ تقويٰ کي الله تعاليٰ هڪ نفس ڏانهن ان جي ڪري اضافت ڏياري آهي، جو فجور جو فاجر سان، ۽ تقويٰ جو متقي سان اتحاد آهي. (انشاءَ الله توهان (اها)

(۱) سورة الكهف آيت ۱۸

(۲) سورة الشمس آيت ۷-۸

www.maktabah.org

ڳالهه سمجهي ويا هوندا.)

حضرت خواجه معين الدين حسن سنجري (اجميري) رحمة الله عليه فرمايو آهي ته نفس چار آهن، هڪڙو امارو، ٻيو لوامو، ٽيون ملهمو، چوٿون مطمئنو. نفس امارو باهه سان تعلق رکي ٿو، ۽ نفس لوامو پاڻي سان، ۽ نفس ملهمو هوا سان، ۽ نفس مطمئنو مٽيءَ سان تعلق رکي ٿو.

ملهمي جي معنيٰ آهي. فرمانبرداري کرڻ ۾ نفس سان جنگ کندڙ. هي نفس بابت جيکي بيان ٿيو سو اهل شهود وارن جو مسلک هيو. وحدت الوجود وارن جو نفس بابت چوڻ آهي ته نفس موهوم هستي جو نالو آهي، ڇاکاڻ ته انهن وٽ غير حق (حق سبحانه وتعالیٰ جي ذات کان سواءِ ٻئي کنهن) جو وجود آهي ئي کو نه.

ماٺهو جيستائين هن دنيا ۾ آهي، دنيا مان مراد صوري عالم (ظاهري جهان) آهي ته اهو ننڊ ۾ آهي. جو کجهه ٻڌي ٿو يا سمجهي ٿو. اهو خواب خيال جي مثل آهي. جيئن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو فرمان آهي. دنيا خواب آهي. ان جون خوشيون احتلام (ننڊ ۾ ترڻ پوڻ) جي مثال آهن.

مولانا رومي فرمايو آهي:

اي برادر تو همين انديشئه
ما بقي تو استخوان و ريشئه

يعني: اي ڀاءُ تون فقط غور (فڪر) آهين. باقي تون هڏا ۽ رڳون آهين.

گر گلست انديشئه تو گلشني
ور بود خاري تو هيمه گلخني(۱)

يعني: جيڪڏهن تنهنجو فڪر گل آهي، ته تون گلزار آهين، ۽ جيڪڏهن تنهنجو فڪر ڪنڊو آهي، ته تون ٻٽيءَ جو ٻارڻ آهين.

پوءِ وحدت الوجود وارا مذڪور حديث مبارک "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ" جي معنيٰ هن طرح ٿا ڪن. جنهن پاڻ کي معدوم ۽ لاشي (کجهه به نه) ڪري ڄاتو. تنهن

(۱) مثنوي شريف دفتر دوم ص ۸

www.maktabah.org

تحقيق الله تعاليٰ کي موجود ڪري سڃاتو، ته الله تعاليٰ جڏي هيو، ان سان ٻي ڪا به شيءِ ڪا نه هئي. اهو اڄ تائين اهڙي طرح ئي آهي. جهڙي طرح اصل ڪان هيو، يعني آءٌ ڪڏهن به نه هيس، نه ڪي پنهنجي نفس سان، نه ڪي الله تعاليٰ سان. نه تون فاني آهين، نه موجود، نه تون هو آهين، نه اهو تون آهين، انهن علتن مان ڪا به علت تو سان شامل ڪا نه هئي. پوءِ جيڪڏهن تو، انهن صفتن سان پنهنجي وجود کي سڃاتو، ته بيشڪ تو الله تعاليٰ کي سڃاتو، پر جيڪڏهن تو پنهنجي وجود کي انهن صفتن سان سڃاڻي نه سگهيو ته پوءِ الله تعاليٰ کي تون سڃاڻي نه سگهئين. انهيءَ ڪري ته حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي عَرَفْتُ رَبِّيْ بِرَبِّيْ: يعني مون پنهنجي پالڻهار کي پنهنجي پالڻهار سان سڃاتو (يعني ان جي پالڻهار واري صفت سان)

ع بافتاب توان ديد آفتاب کجا است

يعني: سج جي ذريعي ئي ڏسي سگهبو آهي ته سج ڪٽي آهي.

چون برآمدي زجانوزجائي
پس ببيني خدا را بخدائي

جڏهن جان ۽ جهان کان باهر ايندين ته پوءِ خدا سان خداتعاليٰ کي ڏسندين.

۽ حضور عليه الصلاة والسلام جن فرمايو آهي. مَنْ رَاٰنِيْ فَقَدْ رَاَي الْحَقَّ (۱) جنهن مون کي ڏٺو، تنهن بيشڪ ذات حق کي ڏٺو. پوءِ جنهن شخص کي اهڙي معرفت (پاڻ سڃاڻڻ جي دولت) حاصل ٿي ويندي ته اهو حال واري زبان سان هن طرح چوندو.

مسلمان گر بدانستي که بت چيست
بدانستي که دين در بت پرستي است

مسلمان جيڪڏهن ڄاڻي ها ته بت ڇا آهي؟ ته ڄاڻي ها ته دين بت پرستي ۾ ئي آهي.

اگر بت گر زبت آگاه بودي
کجا در دين خود گمراه بودي

(۱) مشڪواة شريف ص ۳۹۴

www.maktabah.org

يعني: جيڪڏهن بت ناهيندڙ بت جي حقيقت کان واقف هجي ها تہ پنهنجي دين کان ڪيئن گمراهہ ٿئي ها.

ع غير اورا رسم قهاري دلداري نماند

يعني: ان جي غير ۾ قهاري ۽ دلدار هڻڻ واري رسم باقي نہ ٿي رهي. "إِذَا تَمَّ الْفَقْرُ فَهُوَ اللّٰهُ" جي حقيقت بہ اهائي آهي تہ جڏهن فقر واري صفت تمام ٿي تہ بس پوءِ اهو ئي الله آهي.

حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي. زماني کي گاريون نہ ڏيو، ڇو تہ زمانو (ڪيرائيندڙ) اهو الله تعاليٰ ئي تہ آهي.

اي پاڻو! زماني جو وجود الله تعاليٰ جو ئي وجود آهي. جو شريڪ ۽ مثل ۽ ڪفو کان پاڪ آهي. قدسي حديث ۾ آهي تہ، قيامت ۾ الله تعاليٰ فرمائيندو: اي بانهان! آءٌ بيمار ٿي پيو هوس، تون پڇڻ بہ ڪو نہ آيو هئين، مون توکان سوال ڪيو هيو تہ تو مون کي ڏنو ئي ڪو نہ هيو. ان حديث مان هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ مريض بانهي جو وجود ۽ سائل جو وجود، سو ان ذات حقيقي جو وجود آهي.

ڪجا غير ڪو غير ڪو نقش غير
سو الله، والله ما في الوجود

غير ڪٿي آهي، جيڪو ٻئي غير الله جو نقش هجي. الله جو قسم الله کان سواءِ، ٻيو ڪير بہ وجود ۾ ڪو نہ آهي.

درميان عارفان اين سر پنهان يافتم
هر کرا من جسته بودم عين خود را يافتم

يعني: معرفت وارن جي وچ ۾ هن لکل راز کي مون معلوم ڪيو تہ جنهن جو آءٌ ڳولائو هوس، سو تہ هوبهو پاڻ کي لڌم.

جيڪڏهن تون چگيءَ طرح فڪر ڪندين،۽ حقيقت واري سج تان عدم وارن اعتبارن ۽ تعيينات جي گرد غبارن کي پري ڪندين، تہ توکي ذات احديت جي حقيقت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ باقي نظر نہ ايندو، پوءِ جڏهن عدم وارين تعيينات جي سببان ذات احديت جي حقيقت، سج جي صورت ۾ ظهور لڏو تہ هاڻي جيڪو بہ سج جي

www.maktabah.org

پوجا ڪري ٿو تہ حقيقت ۾ ذات احديت کي پوجي ٿو. الله تعاليٰ بہ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ نہ پوجيو. سيئي عابد، ذات مطلق ۽ حق جي بندگي ڪن ٿا. كُلٌّ لَّهٗ قَانِتُوْنَ، اي عابدون. يعني سمورا ان ذات مطلق جي بندگي ڪن ٿا.

گر بغفلت راہ باطل میروند
رو بحق دارند ترسا و جهود

جيڪڏهن غفلت سببان رستو غلط ورتو اٿن، تہ بہ اهي يهودي ۽ نصارا حق تعاليٰ ڏانهن منهن رکن ٿا.

توئي مقصود گر مشغول غيرم
توئي معبود گر نزديک ديرم

اگرچہ (ظاهر ۾) غير سان مشغول آهيان، ليڪن (حقيقت) ۾ تون ئي منهنجو مقصود آهين، ويجهو تہ مندر کي آهيان، پر معبود تون ئي آهين.

سياڻي لاءِ هڪ حرف بہ ڪافي آهي. هاڻي نفس جي خراب عادتن جو ڪجهہ بيان ڪجي ٿو.

۱- انهن مان هڪ هي آهي، جو نفس هميشہ سڏن ۽ حرص جو پوجاري رهندوآهي، ڇاڪاڻ تہ نفس هميشہ اهو پيو گهرندو آهي تہ پنهنجو قدم شهوتن ۽ لذت وارين شين ڏانهن وڌائي، ۽ طبعي مرادن کي بغل ۾ جهلي، ۽ سڏن جي پوري پوري اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ ڪمر بستہ ٿيندو آهي. ان سببان حق تعاليٰ جي عبادت ۾ غير کي شريڪ ڪندو آهي، جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي. ڇاتو ڏٺو ان کي، جنهن پنهنجي خواهش کي معبود بنايو. اها بيڙي عادت نفس مان، سواءِ زهد ۽ محبت الاهي جي نہ ويندي.

۲- نفس جي ٻي خراب عادت هي آهي، جو ان ۾ منافقي هوندي آهي، ان جو ظاهر، باطن جي موافق نہ هوندو آهي. ماڻهن جي سامهون پرپٽ هڪجهڙو نہ هوندو آهي. انهن جي سامهون تہ سچائيءَ جو اظهار ڪندو آهي، ليڪن انهن جي پرپٽ وري ان جي ابتڙ ڪندو آهي. نفس مان اها خراب عادت صدق (سچائي) کان سواءِ ڪا نہ نڪرندي.

۳- نفس جي ٽين خراب عادت رياءُ آهي. جو هو هميشہ هن خيال ۾

www.maktabah.org

هوندو آهي، تہ پاڻ کي ماڻهن جي نظر ۾ واکاڻ وارن ڪمن سان سينگاري، ۽ اهي ڪم توڙي جو الله تعاليٰ کي پسند نہ هجن، ۽ هو حتي المقدور پنهنجي عيبن کي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ خوبين کي وري ظاهر ڪندو آهي. سندس بديون، اهل حقيقت ۽ بصيرت وارن کان رياءَ جي ڪري مخفي ڪونہ هوندیون آهن، البت گهٽ نظروارن ۽ پاراڻي طبعيت وارن جي نظر کان مخفي ٿي سگهن ٿيون. بصيرت وارن کي تہ، ان جي بچڙائي گهٽي ڏسڻ ۾ ايندي. ان رياءَ واري آدمي جو مثال ان بد صورت پوڙهي عورت جهڙو آهي، جيڪا پاڻ کي ڳهن ڳڻن ۽ سٽن ڪپڙن ۽ ميندي ۽ خضاب سان سينگاري ٿي. ٻارن کي ان پوڙهي عورت جو سينگار تہ سٽو ڏسڻ ۾ ايندو، پر عقلمندن کي ان کان نفرت ايندي.

۴- نفس جي چوٽين خراب عادت رئيس ۽ وڏي هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ آهي. نفس هميشہ ان ڳالهہ جو خواهشمند رهندو آهي، تہ ماڻهو سندس چوڻ آکڻ ۾ رهن، ۽ سندس ئي صحبت ۾ رهن، ٻئي ڪنهن ڏانهن بہ نہ ڏسن، ۽ ان کان ئي ڏجندا رهن ۽ هر قسم جي ڏک ۽ مصيبت ۾ ماڻهو ان جا محتاج ٿي، سندس رحمت واري پلاند کي جهلين. جيئن الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي (مصيبت ۽ ڏک جي وقت ۾ پنهنجي رحمت واري پلاند جهلڻ لاءِ) فرمائيندو آهي، تہ نفس بہ ائين ئي چاهيندو آهي. اها صفت اله هجڻ جي دعويٰ واري معنيٰ ۾ آهي، ۽ خدا تعاليٰ سان جنگ جي مترادف آهي. نفس جي اها بد صفت صفات الاهي جي تجلين کان سواءِ نہ ويندي.

۵- نفس جي پنجين خراب عادت عجب (فخر تکبر) ۽ پاڻ پائڻ آهي. نفس هميشہ پنهنجي خوبين کي پنهنجي نظر ۾ وڏو ڏسندو رهندو آهي. ان جي هٿان ڪنهن کي ڪا ٿوري شيءِ ملي تہ ان کي هو تمام وزني سمجهندو آهي، ۽ سالن جا سال ان کي نہ وساريندو آهي، ۽ ان شخص کي احسان ۾ ڳهيل پيو ڄاڻندو، پر جيڪڏهن ٻئي جي هٿان ڪيس ڪيتري بہ گهٽي ڇگائي پهتي هوندي، تہ ان کي هو ڪنهن بہ اعتبار ۾ نہ آڻيندو. جيئن سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي: ثَلَاثٌ مُهْلِكَاتٌ شُحٌّ مُطَاعٌ وَّهَوًى مُّتَّبَعٌ وَّعُجَابُ الْمَرْءِ بنفسه يعني: ٽي شيون انسان کي هلاڪ ڪنڊڻ آهن، ۱- حرص جي تابعداري، ۲- سڏن جي پٺيان لڳڻ، ۳- مرد جو پاڻ کي پائڻ.

عارفن جو چوڻ آهي: اَلنَّفْسُ ضَمُّ النَّظَرِ اِلَيْهَا شِرْكٌ وَالنَّظَرُ عَنْهَا عِبَادَةٌ. يعني: نفس ڏانهن پنهنجي نظر رکڻ شرڪ آهي، ۽ ان کان نظر ڪڍڻ عبادت آهي. نفس جي اها بد صفت پاڻ کي گهٽ (حقير) سمجهڻ سان ئي ختم ٿيندي.

www.maktabah.org

٦- نفس جي ڇهين خراب عادت بخل ۽ هٿ بند رکڻ جي آهي. اهو خواهشن ۽ مال اسباب ۾ شهوت جي حد تائين چنبا وجهندو آهي. ان لاءِ ته جيئن ٻين کان مال گهٽو ڪري فخر ڏيکاري، يا وري محتاجي ۽ سنجي ٿيڻ جي خوف سببان مال مان هٿ نه ٿو ڪيي. نفس ۾ جڏهن اها صفت زور وٺندي آهي ته ان مان حسد پيدا ٿي پوندو آهي، چاڪاڻ ته حاسد، جڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڪنهن نعمت سان مالامال ڏسندو آهي ته ان جي ختم ٿيڻ جي طلب ڪندو آهي، ۽ هو نه گهرندو آهي ته ڪا شيءِ ڪنهن وٽ هجي، پوءِ اهڙي طرح هو ٻين جي مال ۾ بہ بخل ڪندو آهي، جڏهن اها صفت مضبوط ٿيندي آهي ته ڪينو ۽ بغض پيدا ٿي پوندوآهي. پوءِ جڏهن ڪنهن شخص کي دنياوي نعمتن ۾ پاڻ جهڙو يا پاڻ کان وڌيڪ ڏسندو آهي ته هر وقت ان جو زوال چاهيندو رهندو آهي. نفس جي اها خراب عادت نور يقين جي غلبي سان ئي ختم ٿيندي آهي.

٧- نفس جي ستين خراب عادت حرص ۽ لالچ آهي. نفس هميشہ شهوتن ۽ لذتن ڏانهن لاڙو ڪندڙ ۽ چڪائيندڙ هوندو آهي. اعتدال ۽ وچڑي حد تي ڪيس ٽڪاءُ نہ هوندو آهي، ۽ سندس حرص واري گجي ڪنهن بہ شيءِ سان نہ ٿي پرجي، جيسين هلاڪت (موت) کي وڃي پهچي، نفس جي اها صفت تقويٰ کان سواءِ ختم نہ ٿيندي.

٨- نفس جي اٺين خراب عادت ڪاوڙ ۽ جلد بازي آهي. ان حالت ۾ هو ڪنهن شيءِ تي بہ اطمينان کو نہ ڪندو آهي. دلي شهوتن ۽ قولي، فعلي سڏن جي خيالات اچڻ وقت کين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جي دير نہ ڪندو آهي، ۽ چاهيندو آهي ته هاڻي جو هاڻي سندس مرادون پوريون ٿين. مرادن جي نفعي لاءِ جهڳڙو ۽ جلد بازي بہ ڪندو آهي. نفس مان اها عادت صبر کان سواءِ نہ ويندي.

٩- نفس جي نائين خراب عادت جلدي غمگين ٿيڻ آهي، ان کي (انهن شين کان جيڪي سندس مرضي موافق نہ هوندين) جلد بيقراري ٿي پوندي آهي. ڪوڙو گمان کيس اهڙي ڏيکاري ڏئي ٿو ته هو حال وارا ڪم ڇڏي ڏئي ۽ صرف قال وارا ڪم ئي سندس لاءِ جمعيت، قرار ۽ بي پرواهي جو سبب ٿيندا، پر کيس اها خبر نہ آهي ته اهڙي قسم جا گمان کيس ڪڏهن بہ مقصود تائين کو نہ پهچائيندا، ۽ گهٽو ڪري اهي گمان مرادن جي خلاف واقع ٿي پوندا آهن. جيڪڏهن اتفاقيہ هڪ پيرو کا بہ سندس مراد پوري ٿي بہ پوي ته سندس ساڻئي پسنديده مراد ان لاءِ خوفناڪ ٿي پوندي. ان مصيبت کان ڇوٽڪاري جي صورت مستقل شڪراني کان سواءِ نہ ٿيندي.

www.maktabah.org

۱۰- نفس جي ڏهين خراب عادت سستي آهي، چاکاڻ ته نفس جهڙي طرح شهوتن ۽ مرادن کي حاصل کرڻ ۾ تکڙ کندو آهي، تيئن وري عبادت ۽ چگن کمن کرڻ ۾ سست ۽ دير کندڙ هوندو آهي.

اها بد صفت نفس مان گهٽي رياضت ۽ سخت مجاهدن کرڻ کان سواءِ نه ويندي، چاکاڻ ته طبعيت ۾ جيکا پيدائشي ٽڏائي ۽ خشکي آهي، ان کي گهٽي رياضت ۽ سخت مجاهدن کرڻ سان ئي ختم کبو آهي. پڻ اهي (رياضت ۽ مجاهدو) ان کي از خود امرن قبول کرڻ، ۽ احڪامن جي تابعداري کرڻ لاءِ نرم کندا.

چاٽڻ گهرجي ته اهي ڏهه بد عادتون، ٻين عادتن جي جڙ آهن، ٻيون سڀ خراب عادتون انهن (ڏهن) جوڙ تاريون آهن، پوءِ نفس جيکڏهن انهن صفتن کي سجاڻڻ واري مرتبي تي پهتو،جو کنهن عادت کي اجمالي علم ذريعي معلوم کيو هوندائين ته اها خراب عادتن مان آهي. پوءِ جڏهن اها عادت پهرئين پيري ان جي وجود ۾ پيدا ٿي آهي، ۽ هو ان کي هاڻي تفصيل ۽ تعيين سان سجاڻي ٿو، ۽ ان کان پاسو کري ٿوته ان کي عارف چوندا آهن، پر جيکڏهن پهريائين انهن صفتن جي سجاڻڻ کان غافل رهيو آهي، ليکن ٻئي پيري جڏهن کيس خبر پئي ته اها خراب عادت آهي، ۽ ان کان واقف ٿيو ته ان کي متعرف چوندا آهن.

پر جيکڏهن مجمل علم کي تفصيل واري علم سان اصلي ئي نه سجاتائين ته ان کي غافل چوندا آهن.

جنهن هدايت جي پيروي کئي، تنهن تي سلام هجي.

خط سترهون

باطني توجه جي سوال جي متعلق، ميان عبدالحميد ويٺل ديهه کوکر ڏانهن لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون خاص الله تعاليٰ جي لاءِ، جنهن اسان کي هي هدايت واري واٽ ڏيکاري. جي هو اسان کي هدايت نه فرمائي ها ته هوند، اسين هدايت وارا کو نه ٿيون ها. بيشڪ اسان جي پالڻهار جا سڀ رسول سچ سانڻ آيا. صلاتون ۽ سلام ان

www.maktabah.org

(محبوب کريم) تي هجن، جنهن جو نالو مبارک، سندس وصال واري صاف منهن شربت جي عاشقن لاءِ ماکيءَ کان به وڌيڪ لذيذ ۽ مٺو آهي، ۽ ان جي آل ۽ اصحابن تي پڻ سلام هجن.

حمد ۽ صلاة بعد، لکجيٺو ته اوهان جو خط بن ڏن سوالن تي مشتمل هيو، سو پهتو جنهن ۾ اوهان ناقابل برداشت فراق جي شڪايت لکي هئي. اي دوست! ان نعمت جو شڪر ادا ڪيو، جو اها ايمان جي نشاني آهي. حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي "جنهن کي پنهنجي دوست لاءِ محبت نه آهي، ان کي ايمان نه آهي، ۽ پڻ وصال ۾ ظاهري صورت کي ڏسبو آهي، پر فراق ۾ حقيقت جو مطالعو ٿيندو آهي.

جيئن مولانا سعدي فرمائي ٿو:

اگر هوشمندي بمعنيٰ گرائي
که معنيٰ بماند نه صورت بجائي

يعني جيڪڏهن عقلمند آهين ته حقيقت ڏانهن توجهه ڪر، ڇاڪاڻ ته حقيقت باقي آهي، ظاهري صورت فاني آهي.

ان ڪري ته شيخ عطار رحمة الله تعاليٰ عليه دانهن ڪئي آهي:

کفر کافر را ودين دیندار را
ذره دردت دل عطار را

يعني: کافرن کي کفر مليو ۽ ديندارن کي دين مليو آهي، تنهنجي درد جو ذرو عطار جي دل کي مليو آهي.

ڪنهن ٻئي بزرگ چيو آهي:

گر درد عشق را بقيامت جزا دهند
ماغير درد عشق نخواهيم جزائي درد

يعني: جيڪڏهن عشق جي درد جي، قيامت ۾ جزا ڏنائون ته اسين عشق جي درد کان سواءِ ٻيو ڪو درد جو عيوضو نه گهرنداسون.

اوهان باطني توجهه لاءِ لکيو هيو، اي مخدوم صاحب! توجهه جو مثال سج ۽ آئيني جي مثل آهي، ۽ ان سج جي عڪس جو مثال (ذات بحت جي مثل) ذات

www.maktabah.org

باري تعاليٰ جي مثل آهي، ۽ مرشد آئيني جي مثال آهي، جيڪو هميشہ سڄ جي ذات ڏانهن متوجهہ هجي ٿو، پوءِ جنهن شخص جي دل هيمشہ آئيني جي سامهون هوندي تہ ضرور ان جي صورت جو شعاع ان جي دل تي پوندو.

يک چشمہ زدن غافل زان ماهہ نباشم
ترسم کہ نگاهي کند آگاهہ نباشم

يعني: هڪ پلڪ جيترو بہ محبوب کان غافل نہ ٿيندس، ڊجان ٿو تہ متان هو مون ڏانهن نهاري ۽ مون کي خبر ئي نہ پوي.

بيت

آگم ڪيو اچن، سڄڻ سانوڻ مينهڑا
پاسي تن وسن، جي سپ جماندر سکيون

۽ اوهان وحدت شهودي جي حصول لاءِ سوال ڪيو آهي، اي دوست! مقرر رتبو طلبڻ، طريقت ۾ بي ادبي آهي. طالب کي جڳائي تہ پنهنجي اختيار کي ڇڏي تفويض واري واٽ پسند ڪري (يعني پاڻ کي الله تعاليٰ جي مرضي جي حوالي ڪري)

جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ: جيڪو منهنجي ذڪر ۾ مشغول آهي، ۽ ذڪر جي مشغولي سبب، مون کان سوال بہ نہ ٿو ڪري تہ آءٌ سوال ڪندڙن کي جيڪي ڏيان ان کان بہ وڌيڪ بهتر نعمت ان کي ڏيندس. تنهن لاءِ (خدا جو طالب) ذڪر لاءِ استقامت ۽ رضا الاهي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهري.

سپردم بتو مايۂ خويش را
تو داني حسابِ کم و بيش را

ترجمو: مون پنهنجي موڙي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏي آهي، ٿوري ۽ گهٽي جو حساب تون ڄاڻين ٿو.

الله تعاليٰ فرمايو آهي: جنهن شيءِ کي اوهان خراب سمجهو ٿا، اها اوهان لاءِ پلي ٿي سگهي ٿي، ۽ اهو بہ ممڪن آهي جو اوهان جنهن شيءِ کي پسند ڪيو ٿا، اها اوهان لاءِ بري هجي، ان ڳالهہ کي الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو.

اوهان شفاعت واسطي لکيوآهي. اي دوست! ايمان تي خاتمو صرف

www.maktabah.org

انبياءُ عليهم السلام لاءِ مقرر آهي. پر جيڪڏهن قيامت واري ڏينهن الله تعالىٰ پنهنجي عام مهرباني سان، هن ذره ناچيز جي وات تان "مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗ اِلَّا بِاِذْنِهٖ" واري مهر لاهي شفاعت ڪرڻ جي اجازت ڏني، تہ پوءِ جڏهن هت جهان ۾ ئي امت محمدي علىٰ صاحبها الصلواة والسلام جي خدمت ڪرڻ کي شاهي تاج سمجهي، اکين تي رکي قبول کيو اٿم. پوءِ جي خدا گهريو تہ اتي بہ ان خدمت ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪونہ ڪندس، توهان ۽ توهان جي پاڙيسرين تي سلام هجي.

خط مبارڪ ارڙهون

مثنوي شريف جي پهرئين بيت جي معنيٰ جي تشريح بابت لکيو ويو

بشنو از نئي چون حکايت مي کند
واز جدائيها شکايت مي کند

ترجمہ: (ظاهري معنيٰ) نَرَ ڪان ٻڌ! تہ ڪهڙي ڳالهہ ٿو ڪري، پنهنجن سنگتين کان جدا هجڻ جي شڪايت ڪري ٿو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اي طالب! ڄاڻ تہ مثنوي معنوي قرآن جو مغز آهي، پوءِ اهو خطاب بہ قرآن ڪريم وانگر هر عام خاص کي آهي، جيئن مولانا رومي فرمايو آهي:

هر ڪه دور افتاده از بخت نژيند
ميکند آگاهش از بانگ بلند

يعني: جيڪو بدبختيءَ سببان پري پئجي ويو، آءٌ ان کي وڏي آواز سان خبردار ڪريان ٿو.

و آنکه او در صف نزديکان نشست
راز ميگويم بگوشش پست پست

۽ جيڪو شخص ويجهن جي صف ۾ ويٺو آهي، ان جي ڪن ۾ آهستي آهستي راز جون ڳالهيون چوان ٿو.

www.maktabah.org

گاهه شرح محنت وهجران وهم
بيدلان راداغها برجان نهم

ڪنهن وقت تہ تڪليفن ۽ وڇوڙي جو بيان ڪري ۽ غافلن جي دل تي داغ هڻان ٿو.

گاهه آرم مژده قرب وصال
بخشم اهل ذوق راصد وجد حال

ڪنهن وقت وصال جي قرب جي خوشخبري ڏيان ٿو، ذوق وارن کي سوين حال ۽ وجد ڏياري چڏيان ٿو.

هم شرائع رابيان مي ڪنم
هم حقائق راعيان مي ڪنم

پڻ شريعت جو بہ بيان ڪيان ٿو،۽ حقيقت کي بہ ظاهر ڪريان ٿو.

پوءِ بالفرض ڪتاب مثنوي جي مضمون ۾ ان خطاب ذريعي بشارت آهي تہ عين اليقين کان اڳ ۾ علم اليقين آهي، ڇو تہ علم اليقين ٻڌ سڌ جو نتيجو آهي، ۽ عين اليقين حضوري علم آهي، ۽ شريعت پاڪ حقيقت ۽ معرفت کان بہ مقدم آهي.

پوءِ جاڻ تہ مثنوي شريف باطني معنائن جو درياءَ آهي، تنهن لاءِ هر ڪو ان کي پنهنجي حوصلي آهر سمجهي بيان ڪري ٿو.

نقل آهي تہ هڪ نحوي مسئلو ويٺي بيان ڪيو تہ"ڪان" جا بہ قسم آهن ۱- هڪڙي ڪان ناقص ۲- ٻيو ڪان تامہ، ۽ جيڪا ڪان اسر نہ رکي پر خبر رکي اها "ڪان" ناقص آهي، ۽ جيڪا "ڪان" اسر رکي پر خبر نہ رکي اها تام آهي (۱) اتي هڪ عامي ماڻهو ويٺو هيو، تنهن اها ڳالهہ ٻڌي چيو تہ اها ڳالهہ عاقلن جي راءِ جي ابتڙ آهي، ڇا لاءِ تہ جنهن کي خبر هجي سو ناقص(ڪٻل) ٿيو، ۽ جيڪو بي خبر (بنا خبر جي) هجي سو وري ڪامل(پورو) ٿيو! (سو ڪيئن؟) ان مجلس جي ڪنڊ ۾ هڪ عارف ويٺو هيو تنهن نحويءَ جي ڳالهہ کي پسند ڪيو، ۽ چيائين تہ نحوي نيڪ ٿو چوي. يعني جيڪو حق تعاليٰ جي اسر ۾ مستغرق آهي، ۽ غير کان خبر نہ ٿو رکي اهو واقعي ڪامل

(۱) تام معنيٰ پورو - ناقص معنيٰ ڪٻل

آهي، ۽ جيڪو اجان غير کان خبر رکي ٿو اهو ناقص آهي.

پوءِ شريعت وارن جو چوڻ آهي ته هن جاءِ تي "ني" واري لفظ مان مراد قلم آهي، جو وجود محمدي عليه الصلواة والسلام جو ڪنايو آهي.

"چون حڪايت مي ڪند" جي معنيٰ آهي ته الله تعاليٰ جي احڪامن ۽ فرمان کي پهچائي ٿو. "از جدائيها شڪايت مي ڪند" جي معنيٰ آهي ته خداوندي فرمانن جي مخالفت ڪندڙن جي شڪايت ٿو ڪري، ۽ صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح ۾ ان بيت جون معنائون ڪيترن ئي قسمن جون آهن. پهرئين هي ته نئي مان مراد اهو پهتل ڪامل شخص آهي، جو خودي کان خالي ٿي ربوبيت واري درگاهه جي منڙي آواز سان پريل ٿي مظهر هجڻ جو مرتبو ماڻي، بِيْ يَسْمَعُ وَبِيْ يُبْصِرُ سڏجڻ جو لائق ٿيو (۱)

ٻيو"ني" مان مراد قلم آهي، ۽ قلم مان مراد"انسان ڪامل" يا"نفس قلم" آهي ڇو ته ڪنهن به لفظ کي مجازي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ ته عام محاوري ۾ مشهور آهي، پر اهو حقيقت ۾ منع ۽ ناجائز آهي.

ٽيون"ني" مان مراد نڙ وارو ڪانون آهي، جنهن کي وڄائيندا آهن.

چوٿون "ني" مان مراد انسان جو روح آهي، جيڪو هن عالم ۾ ذات جي مظاهر جو "سر دفتر" ۽ عالم ملڪوت جي مجرداتن جو "سر حلقو" آهي.

پو انهن تشبيهن بابت خود صوفين سوال به ڪيا آهن ته انهن جا جواب به لکيا آهن. در حقيقت اهو اختلاف لفظن جي قيرڦار ۾ آهي، معنيٰ ۾ ڪوبه اختلاف ڪونه آهي.

ليڪن مولانا رومي جي روش موجب "ني" مان مراد اهو ڪاني جو نڙ آهي، جيڪو ظاهر ۾ وڄائڻ جي ڪم ۾ اچي ٿو، ڇو ته مولانا رومي عليه الرحمة جي اها عادت آهي جو هو پنهنجي ڪلام حقائق نظام کي برسبيل تمهيد ۽ تمثيل قصي ۽ ڳالهه جي ذڪر سان مجازي طرح شروع ڪندو آهي. پوءِ مجاز کان حقيقت ڏانهن جيڪا اصلي مقصود آهي ٽپي ويندو آهي. بلڪ مجاز جي ذڪر ڪرڻ وقت به ان جي نظر حقيقت تي ئي

(۱) قدسي حديث ۾ آهي الله تعاليٰ فرمايو آهي ته بانهو واصل بالله ٿيڻ کان بعد فنائيت جي مرتبي ملڻ وقت منهنجي ئي طاقت سان ٻڌندو آهي، ۽ منهنجي ئي طاقت سان ڏسندو آهي.

مشڪواة شريف جي صفحي ۱۹۷ تي ان جهڙي ڏگهي حديث موجود آهي (مترجم)

www.maktabah.org

هوندي آهي، ۽ اهڙا الفاظ استعمال ڪندو آهي، جيڪي مثال ڏيڻ ۾ مناسب هجن. پڻ مولانا صاحب پاڻ به ان حقيقت کي هن طرح بيان فرمايو آهي:

هر کيش افسانه بخواند افسانه است
وآنکه ديدش نقد آن مردانه است

جيڪو ان کي آکاڻي ڪري پڙهندو ته ان لاءِ آکاڻي آهي، ۽ جنهن ان کي حقيقت ڪري ڏٺو ته اهو همت وارو مرد آهي.

پوءِ ان بيت جو اصلي مقصد هن طرح آهي ته عارف ڪامل قلم جي مثل آهي جنهن پنهنجا سڀ واسطا ڇني سر تسليم قدرت جي طاقت اڳيان جهڪايو آهي، يا ته عارف ان نڙ جي مثل آهي جنهن جو اندر مَاسِوَي اللهِ کان خالي ٿي ربوبيت جي آواز سان پُر ٿيو آهي، ۽ پنهنجي اصلي وطن ۾ جيڪي (وحدت بحت) کان عبارت آهي، ۽ جنهن کي جمع الجمع به چئجي ٿو (۱) ۽ نيستان به ان کان عبارت آهي. ذي سلم جي پاڙي ۾ سڪونت رکي آهي(۲) هينئر بهار جي موسم ۾ جا "بسط" کان عبارت آهي. حقيقت محمدي واري باغ ۾ جنهن جي ويڪر آسمانن ۽ زمينن جيتري آهي جنهن مان مراد عالم جوهر آهي. جنهن شين جي حقيقتن جي گلن جو مشاهدو ٿي ڏٺو ۽ معرفت ورا ميوا ٿي کاڌائين.

خط مبارڪ اوٽويهون

"انَّ اللهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ" ۾ ڪهڙي رمز آهي؟ ان جو جواب مخدوم پير محمد ساڪن ڏيپارجا ڏانهن لکي موڪليو ويو

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون خاص الله تعاليٰ جي لاءِ. جنهن انسان کي هدايت واري

(۱) ماسوي الله جي تعلقات کي ختم ۽ فنا ڪري ڇڏڻ کي جمع الجمع چوندا آهن. اهو "احديت" جو مقام آهي. جيڪو عارفن، ڪاملن کي حاصل هوندو آهي.

(۲) ذي سلم معنيٰ مديني وارا

www.maktabah.org

وات ڏيڪاري، جي هو اسان کي هدايت نہ فرمائي ها تہ جيڪر اسين هدايت وارا ڪونہ ٿيون ها. بيشڪ اسان جي پالڻهار جا سڀ رسول سچ سان آيا. صلاتون ۽ سلام الله جي رسول تي هجن، جنهن جو نالو مبارڪ سندس جمال جي عاشقن لاءِ ماکيءَ کان بہ وڌيڪ مٺو ۽ لذيذ آهي، ۽ ان جي آل ۽ اصحابن تي پڻ سلام هجن.

اما بعد! توهان تي الله تعاليٰ طرفان سلامتي، رحمت ۽ برڪت هجي. غني ڪريم رب ڏانهن محتاج فقير، هي خط محب صادق اڪابرن ۽ فاضلن جي نموني، يعني مخدوم پير محمد ڏانهن موڪلي ٿو. شال الله تعاليٰ ان کي مصيبتن کان محفوظ رکي.

اوهان چند سوال لکي موڪليا آهن، انهن جو جيڪو جواب مون کي سمجهہ ۾ آيو اهو هي آهي.

پهريون سوال: الله تعاليٰ جي فرمان، اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ (ترجمو) (بيشڪ الله تعاليٰ جو حڪم، ماڻهوءَ ۽ ان جي دلي ارادن ۾ حائل ٿي ويندو آهي) واري آيت جي بي پايان بحر ۾ رمز رکيل آهي. ان مان مراد ڇا ونجي؟ تہ پوءِ جڏهن حق سبحانہ وتعاليٰ هر هڪ ماڻهو سان ايتري قدر ويجهڙائي رکي ٿو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم تي ايتري قرب جي باوجود وحيءَ موڪلڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟!

جواب: هن بي پايان بحر مان مراد اقربيت، يعني زور ويجهڙائپ آهي. ڇاڪاڻ تہ اها آيت شريف اقربيت (زور ويجهڙائپ) جي بيان ۾ نازل ٿي آهي.

تفسير بيضاوي ۾ ان آيت بابت آهي (وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ) تَمْثِيل لِغَايَةِ قربة من العبد كقوله نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ وتنبيه علىٰ انهٗ مطلع علىٰ مكنونات القلوب ماعسي يغفل عنه صاحبها (۱) ڇاڻو تہ بيشڪ الله تعاليٰ جو حڪم ماڻهوءَ ۽ ان جي دلي ارادن ۾ حائل ٿي ويندو آهي. ان آيت ۾ الله تعاليٰ جو پاڻهي سان انتهائي قريب هجڻ جو مثال بيان ڪيو ويو آهي. جيئن ٻئي هنڌ الله تعاليٰ جو فرمان آهي. اسان ان پاڻهي کي سندس ساهہ واري رڳ کان بہ تمام وڌيڪ ويجها آهيون، ٻيو تہ ان ڳالهہ ۾ هن ڳالهہ جي تنبيهہ ٿيل آهي تہ الله تعاليٰ دلين جي لکل رازن کان بہ واقف آهي (اهي بہ ڪيس معلوم آهن) پوءِ تہ ممڪن ئي ڪونہ آهي جو اهو پاڻهو الله تعاليٰ کان وسريل هجي، ليڪن وحي ذريعي ظاهري احڪام موڪلڻ، جن جو واسطو هن عالم اسباب

(۱) تفسير بيضاوي جلد اول ص۳۲۶

www.maktabah.org

سان آهي. ان جو تہ اقربيت واري معاملي سان کو تعلق ئي کونہ آهي (ڈسو) ويجهڑائپ جي باوجود حضرت سرور کائنات صلي الله عليه وسلم کي معراج کرايو ويو. مسجد حرام (بيت الله شريف) کان، مسجد اقصيٰ (بيت المقدس) تائين سير فرمايائون. اتان وري عرش معليٰ تائين، ۽ پوءِ جيستائين الله تعاليٰ گهربو تشريف وني ويا ۽ ديدار الاهي کان مشرف ٿيا. ويجهڑائپ جي باوجود بہ اهو سڀ کجهہ ٿيو (انتهيٰ) جيکو جواب مليو ظاهر ۾ اهو صحيح آهي.

اي مخدوم! الله تعاليٰ جو جيکو مخلوق سان قرب آهي اهو قرب(بي کيف) آهي، مفاصلي وارو قرب نہ آهي(جو چئجي تہ هيترو يا هيترو پنڌ فلاڻي کي قريب آهي) ۽ اهو قرب ساري موجودات کي هڪ جهڙو حاصل آهي. انبياءِ، اولياءِ، عوام الناس چرندڙ ۽ اڻ چرندڙ شين، سيني کي حاصل آهي، ۽ اهو قرب هاڻي بہ ائين آهي جيئن اڳ هو. اهو نہ وڌي ٿو ۽ نہ گهٽ ٿئي ٿو. الله تعاليٰ سان ٻانهي جو قرب چند قسم آهي.

مکڙو قرب زمان: جيئن نئون چاول ٻار، ۽ نئين تازي سبزي، جيکي قرب زمان جي کري دل کي وٺندڙ هوندا آهن. چوٽي آهي تہ هر کا نئين شيءِ لذيذ هوندي آهي. جنهن وقت برسات پوندي هئي تہ سرور کائنات صلي الله عليه وسلم متو مبارک کولي باهر برسات ۾ بيهندا هيا، ۽ فرمائيندا هيا تہ هي منهنجي رب جي زماني جي ويجهڑائپ کان(اچي رهي) آهي.

ٻيو قرب نوافل: جيئن قدسي حديث ۾ آهي تہ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ ٻانهو هميشه منهنجو قرب نفلن ذريعي حاصل کندو آهي.(۱)

ٽيون قرب موهبي(۲) جيئن الله تعاليٰ کنهن ٻانهي کي عبادت ڏانهن سبقت کرڻ نصيب فرمائيندو آهي، ۽ اها مهرباني کن ٿورن ٻانهن کي عطا کندو آهي جيکا نعمت وهبي هوندي آهي ان تي حساب ئي کونہ آهي

جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو هٰذَا عَطَاؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ (۳) هيءَ اسان جي عطا آهي پوءِ (هاڻي تون جنهن تي وٺئي) احسان کر

(۱) مشکواة شريف ص۱۹۷

(۲) موهبي معنيٰ عطا ٿيل

(۳) سورة ص آيت ص۳۹

ياروکي ڇڏ، تو تي کو به حساب کونہ آهي. مواهب اللدنيہ ۾ آهي تہ (۱) حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو (غار حرام ۾) گوشہ نشين ٿي ويهڻ، نبوت جي طلب کرڻ لاءِ نہ هيو، چو تہ اهو رتبو اعليٰ ۽ ارفع آهي، جيکو محنت ۽ طلب سان حاصل نہ ٿو ڪري سگهجي. اهو تہ الله تعاليٰ جي طرفان عطا ڪيو ويندو آهي ۽ خاص ڪري ان نعمت سان الله تعاليٰ جنهن به پنهنجي ٻانهي کي گهرندو آهي ان کي ئي مخصوص فرمائيندو آهي، ۽ (الله تعاليٰ فرمايو آهي) الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي تہ پنهنجي رسالت ڪنهن کي عطا فرمايان.

سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن نبوت واري نعمت وهبي آهي، تنهن ڪري ان جو ڪسجي وڃڻ ناممڪن آهي، جنهن جو تصور ئي نہ ٿو ڪري سگهجي. انبياءِ عليهم السلام جو خاتمو به نبوت واري حال ۾ ئي ٿيندو آهي، جيکو يقيني آهي، باقي نبين کان سواءِ مؤمن جو خاتمو (بالايمان) يقيني نہ آهي. پوءِ چاهي ولي ئي هجن. البتہ مبشرين (جن کي خاتمہ بالخير ۽ ولايت جي بشارت مليل آهي) انهن جو خاتمو ايمان ۽ خير سان يقيني ٿي سگهي ٿو. چو تہ موهبي ولايت جا صاحب تمام گهٽ هوندا آهن، ۽ انهن جو خدا تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به علم نہ آهي، جيئن فرمان آهي: منهنجا ولي منهنجي چادر هيٺان (ڍڪيل) آهن."

(۱) مواهب اللدنيہ جلد اول باب مبعث النبي صلي الله عليه وسلم ۾ بخاري شريف جي حديث حضرت جابر بن عبدالله انصاري رضي الله عنه کان هن طرح روايت ٿيل آهي، تہ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ آءٌ غار حرا ۾ (نبوت جي اعلان کان اڳ) هڪ مهينو گوشہ نشين ٿي رهيو هوس، پوءِ جڏهن گوشہ نشيني ختم ڪري غار مان هيٺ لهي (وادي جي پيٽ ۾) پهتس تہ مون کي سڏ ٿيو. پوءِ ساڄي پاسي واجهايم تہ کجهہ به نظر کونہ آيو. وري کاٻي پاسي ڏنم تہ به کجهہ نظر کونہ آيو. پوءِ وري پوئتي نهاريم تہ به ڪاشيءِ نظر ڪانہ آئي، پوءِ مون مٿو مٿي ڪري ڏٺو تہ مون کي هڪ شي ڏسڻ ۾ آئي (جيکو در اصل جبرئيل عليه السلام هيو) جنهن کي ڏسڻ کان پوءِ آءٌ بيهي نہ پيو سگهان، پوءِ آءٌ (حضرت) خديجه وٽ آيس ۽ مون چيو تہ دثروني دثروني (مون کي ڪپڙو ويڑهايو، ڪپڙو ويڑهايو) ۽ مون تي ٺڏو پاڻي وجهو پوءِ هيءَ سورة نازل ٿي: يا ايها المدثر قم فانذر* و ربک فکبر* اي نبوت جي پوشاڪ پائيندڙ! اٺ (جيکو توتي ايمان نہ آڻي ان کي عذاب کان) ڊيڄار ۽ پنهنجي رب جي بزرگي بيان ڪر. (اهہ) ان حديث شريف متعلق مواهب اللدنيہ واري متيون قول نقل ڪيو آهي (مترجم)

www.maktabah.org

اي مخدوم! الله تعالىٰ جو قرب، سمجهه، عقل کان، وهم ۽ فهم کان ٻاهر آهي. عبدالرزاق کاشي جي تفسير ۾ نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ آيت هيئان آهي، ته ان آيت مبارک ۾ قرب معنوي جو صرف مثال حسي صورت ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن جو مشاهدو ٿي سگهندو هجي. حالانڪ اها ذات حقيقي ته مفاصلي نه هوندي به تمام قريب آهي(۱) (اهه) ان جي ڪري مولانا سعدي شيرازي رحمةَ الله تعالىٰ عليه دانهن ڪئي آهي.

دوست نزديک تر از من بمن است
وين عجب ترک من ازوي دورام

يعني دوست مون کي مون کان به وڌيڪ ويجهو آهي، پر هي ڳالهه عجب واري آهي، جو آءُ ان کان پري آهيان.

چه کنم باکه توان گفت که او
درکنار من، من ازوئي مهجورم

چاڪيان؟! کنهن کي چئجي ته اهو(دوست) منهنجي ٻاڪر ۾ آهي، ۽ آءُ ان کان وڇڙيل آهيان.

خواجه ابو الحسن خرقاني رحمةَ الله تعالىٰ عليه فرمايو آهي، ته ويجهڑي ۾ ويجهو قرب، جنهن ۾ اسان آهيون، تنهن ۾ تمام گهٽي ڏورائپ به آهي.

هائو ان جو مثال هي آهي جڏهن کو شخص آئيني ۾ ڏسندو آهي ته اهو پنهنجي صورت کي تمام ويجهڙو ڏسندو آهي، پر جيڪڏهن ان صورت کي هٿ ڪرڻ چاهيندو ته ساري ڄمار گذري ويندي. ليڪن اها صورت هٿ ۾ ڪانه ايندي.

نزديکان را بيش بود حيراني
کايشان دانند سياست سلطاني

يعني بادشاهه جي درگاهه ۾ ويجهو رهندڙن کي حيراني گهٽي هوندي آهي، جو انهن کي بادشاهي تنبيهه جي خبر هوندي آهي.

الله تعالىٰ سان ويجهي هجڻ ۾ سڀ ٻانها برابر نه آهن، انهن ۾ تفاوت آهي. الله تعالىٰ جو فرمان آهي: اهي رسول آهن،جن کي اسان هڪ ٻئي تي فضيلت

(۱) تفسير ابن عربي ص۵۲۷ جلد۲

www.maktabah.org

ڏني آهي(۱)

پوءِ جهڙي طرح جو نبين سڳورن مان، عروج روحي وارو نبي، عروج قلبي واري نبي کان مرتبي ۾ تمام گهٽو هيٺ آهي، ۽ عروج قلبي وارو نبي، عروج نفسي واري نبي کان مرتبي ۾ تمام گهٽو هيٺ آهي، اهڙي طرح ناري جزئن جي عروج وارو شخص، بادي جزئن جي عروج واري شخص، کان مرتبي ۾ تمام گهٽو هيٺ آهي، ۽ بادي جزئن جي عروج وارو شخص وري آبي جزئن جي عروج واري شخص کان مرتبي ۾ تمام گهٽو هيٺ آهي، ۽ آبي جزئن جي عروج وارو شخص خاڪي جزئن جي عروج واري شخص کان مرتبي ۾ تمام گهٽو هيٺ آهي.

جڏهن سمورن لطيفن تي "خاڪ نفس" جي فضيلت وڌيڪ هئي تڏهن ان جو عروج به سيني کان مٿاهون ٿيو، ۽ جڏهن جو "خاڪي جزئو" عناصرن جي سمورن جزئن کان شرف وارو آهي تہ ان جو عروج به سيني کان تمام مٿاهون ٿيو (۲) جيئن جو حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو هي فرمان آهي خِيَارُكُمْ فِي الْجَاهِلِيَّةِ خِيَارُكُمْ فِي الْاِسْلَامِ اِذَا تَفَقَّهُوْا (۳) يعني جيڪي اسلام کان اڳ جاهليت واري زماني ۾ اوهان جا چگا هوا، اهي اسلام ۾ اچڻ کان بعد اوهان جا چگا آهن، جڏهن جو عالم بڻجن. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي "خاڪي جزئي" کان سواءِ بي ڪنهن به نبيءَ سڳوري جي "خاڪي جزئي" کي عروج حاصل ٿي نہ سگهيو.

سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي "خاڪي جزئي" جي عروج سببان ئي سندن پاڇولو ڪونہ هيو، نہ وري سندن جسم پاڪ تي مک ويهندي هئي، چاڪاڻ تہ سندن وجود مبارڪ زور لطيف ٿي ويو هيو، ۽ سندن عروج تمام مٿاهون ۽ سندن قرب تمام قريب هيو، جو "او ادنيٰ" جي شرف سان مشرف هيا.

هاڻي جاڻ تہ ڀانهي کي جيڪو الله تعالیٰ جو "قرب" حاصل ٿيندو سو مفاصلي گهٽجڻ سان حاصل ڪونہ ٿيندو آهي، بلڪ موهوم هستي جي وادي مان پار پوڻ سان حاصل ٿيندو آهي.

جيئن محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي حديث آهي تہ مون

(۱) سورة البقره آيت ۲۵۲

(۲) انسان جي وجود جو دارومدار چئن عناصرن تي آهي: ۱- خاڪي ۲- بادي ۳- آبي ۴- آتشي

(۳) مشڪواة المصابيح ص۳۲ ايضًا مسلم شريف ج۲ ص۲۶۸

www.maktabah.org

کي حضرت يونس بن متيٰ تي فضيلت نہ ڏيو، ڇاڪاڻ تہ منهنجو معراج عرش تي ٿيو آهي ۽ ان جو معراج مڇيءَ جي پيٽ ۾ ٿيو آهي. مولانا رومي فرمائي ٿو:

گفت پيغمبر کہ معراج مرا
نيست بر معراج يونس اجتبا

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ منهنجو معراج يونس عليه السلام جي معراج کان پسنديده نہ آهي.

آن من بر چرخ آن او نشيب
زانکہ قرب حق برون ست از حسيب

حالانڪ منهنجو مقام آسمان تي(آهي) ۽ ان جو مقام هيٺ چو تہ الله تعالیٰ جو قرب ان حساب کان باهر آهي.

قرب حق از حبس هستي رستن ست
قرب نبي بالا زپستي رفتن ست

الله تعالیٰ جو قرب هستي(وجود) جي قيد کان ڇڏڻ جي ڪري حاصل ٿيندو آهي. هيڻان کان مٿي وڃڻ کي قرب نہ چئبو آهي.

نيست را چہ جائي بالا ايست وزير
نيست را آني زود نے دور ست دير

فنائيت (وجود وجائڻ) لاءِ ڇا هيٺ ڇا مٿي، فنائيت لاءِ نہ جلدي آهي نہ دوري ۽ نہ دير آهي.

کارگاهي گنج حق در نيستي است
غره هستي چہ داني نيست چيست

الله تعالیٰ جي خزاني جو ڪارخانو فنائيت ۾ آهي. تون هستي جي ڏوکي ۾ آهين. تون ڇا سمجهندين تہ فنائيت ڇا آهي؟

ان تمهيد معلوم ڪرڻ کان بعد ڄاڻ تہ مقرب بندو جڏهن قرب جي وقت، پنهنجي خودي کان بي خبر ٿي ويندو آهي، تہ پوءِ ان کي احڪامن جي ڄاڻ ڪٿان

www.maktabah.org

ٿيندي! جو ته حادث شيءِ جڏهن قديم سان ملي ويندي ته ان حادث شيءِ جو ته نالو نشان به ميٽجي ويندو.

کتاب سلک سلوک جي هڪ سو ڏهين سلوک ۾ آيل آهي ته سالڪن جو چوڻ آهي ته، الله تعاليٰ جي واٽ اها آهي، جنهن ۾ وجود (هستي) جي سامان سان هڪ قدم به نه ٿو رکي سگهجي. الله، الله! اها اهڙي مشڪل واٽ ۽ عجيب بارگاهه آهي جو جنهن ۾ هر شخص کي پنهنجي هستي به ان واٽ کان روکيندڙ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. غور سان ٻڌ ته حضرت رسول کريم صلي الله تعاليٰ وسلم جن کان سواءِ، جڏهن کنهن به شخص ان واٽ کي طئي نه کيو آهي. انهن پاڻ فرمايو ته: "منهنجو خدا تعاليٰ سان کڏهن کڏهن اهڙو رابطو هوندو آهي، جو ان وقت ۾ مقرب ملائڪن کي به اتي پهچڻ جي گنجائش نه هوندي آهي." ته حضرت جبريل عليه السلام (اهوبڏي) دلشڪسته ٿي پيو. پاڻ وري فرمايائونس ته اي جبريل! دل کي مطمئن کر. نبيءَ مرسلن کي به ان هنڌ پهچڻ جي گنجائش نه هوندي آهي. ان جاءِ تي نبيءُ مرسلُ به پنهنجي ذات مبارڪ کي سڏيو اٿن، جو ته سندن حڪومت (نبوت) جي زماني ۾ ختم نبوت جو تالو، سندن نبوت واري صندوق تي لڳايو ويو هو. (ان وقت پاڻ ئي خاتم النبيين والمرسلين هئا، ۽ سندن ئي ذات بابرڪات کان سواءِ) ٻيو نبيءَ مرسل ۽ غير مرسل کو نه هيو. فرمايائون ته اي جبرئيل جيڪڏهن آءٌ چوان ته الله تعاليٰ وٽ منهنجو کڏهن اهڙو وقت هوندو آهي، جو ان هنڌ مقرب ملائڪن کي به پهچڻ جي گنجائش نه هوندي آهي ته تون دل شڪسته نه ٿيءُ، جو ان هنڌ تي محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) کي به پهچڻ جي گنجائش نه هوندي آهي.

منهنجا پيارا! جڏهن قاب قوسين او ادنيٰ جو ڪمان ڇڪيندڙ "قاب قوسين" واري جهان (معراج شريف) کان واپس موٽيو هو ته حضرت جبريل عليه السلام ڪائنڪ پڇيو هو ته يا محمد! جنهن جهان مان اڇو پيا اتي چا ڏٺو؟ ان مخزن اسرار (الاهي اسرارن) جي خزاني (نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم) فرمايو اي ادا! هي به ڪو سوال آهي جو (ان هنڌ) محمد (صلي الله عليه وسلم) کان محمد پڇيو هو ته چا ڏٺئي؟!

نخشبي را ز وصل دوست مپرس
بوالعجب عاشقي کرا گويد

www.maktabah.org

(مولانا ضياءالدين) نخشبي کان دوست جي وصال بابت پڇا نہ ڪر جو اهو عجيب عاشق آهي، جو راز ظاهر ڪرڻ ڏيندو:

آنکه ازخويش بيخبر باشد
خبر از ديگري کجا گويد (۱)

جيڪو پنهنجي هستيءَ جي حال کان ئي بي خبر هوندو، سو ٻئي جي باري ۾ ڇا ٻڌائيندو. (صوفياءِ ڪرام جو چوڻ آهي تہ) جنهن کي الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ٿيندي آهي، ان جي زبان ڳالهائڻ کان بند ٿي ويندي آهي. مولانا رومي فرمائي ٿو:

من چه گويم يک رگم هشيار نيست
وصف آن ياري که آنرا يار نيست (۲)

آءٌ ڇا چوان جو منهنجي هڪڙي رڳ ۾ هوشيار نہ آهي، جو يار جي تعريف ڪريان جنهن جو ڪو شريڪ ڪو نہ آهي.

گفتم ار عريان شود او در عيان
ني تو ماني ني کنارت ني ميان

چيم تہ جيڪڏهن اهو يار پنهنجو جلوو ظاهر فرمائي تہ، نہ تنهنجو وجود رهندو نہ تنهنجو پاڻ ۾ ڇيلهہ.

کسي را در اين بزم ساغر دهند
که داروئي بيهوشيش در دهند

جنهن کي هن محفل ۾ پيالو ڏين، ان کي (گوياتہ) بيهوشي جي دوا ڏنائون.

جنهن وقت ان ذات والاصفات کي جمع الجمع "وحدت" جي وطن مان سفر ڪرائي، طالبن جي رهنمائي لاءِ عاصين کي ڊيڄارڻ لاءِ روانو ڪيو ويوتہ، پهريائين ان کي بشريت واري عارضي ويس ۾ ڏڪائي "تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللّٰهِ" جي سهڻن اخلاقن جي زيورن سان سينگاري موڪليو تہ جيئن سچا طالب جيڪي فراق واري وادي ۾

(۱) سلڪ سلوڪ ص ۷۲
(۲) مثنوي دفتر اول ص ۷

www.maktabah.org

وطن ناهي وينا آهن، اهي بشريت واري هر جنسيت جي ڪري انس (وروح) ونڻ ۽ اخلاقن جي حسن سان انهن جون دليون ڇڪجي اچن. توکي خبر نه آهي ته هن فراق ۾ ان قرب کي وساري ڇڏيو اٿن؟! بلڪ هن حڪم موجب ته پنهنجي رب کي وساڙڻ وقت ياد ڪندو رهه. هر وقت اِذْ قَالَ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا (۱) ۽ اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ (۲) جي نعري سان هميشه هوشيار ۽ ذاڪر آهن.

بيت

ٻيهر ساريان ڪيئن! جو تون هيڪر هڏ نه وسرين

اگرچه ظاهر ۾ ڪٽي هن ۽ هن سان (مشغول) آهن، ليڪن باطن ۾ هڪدم به ان کان (الله تعاليٰ کان) غافل نه آهن.

ازدرون شو آشنا واز برون بيگانه وش
اين چنين زيبا روش کمتر بود اندر جهان

يعني: اندر ۾ دوست ٿي رهه، پر ظاهر ۾ ڏارين وانگر گذار. اهڙي سهڻي عادت وارا ماڻهو، جهان ۾ ڪي ٿورا ليندا.

بيت

ويهي منجهه وڃ، نايو ناگيلان ڇري
ڪڏهين ڪرهي جان، پڏر پڳ نه لڳ
جڳ ۾ جهڙو جڳ، هينئين سان هُت ڇري

بلڪ انهن جو باطن وحدت جي ڪن ۾ "اَنَا اَحْمَدُ بِلَامِيْمٍ" ۽ "اَنَا الْحَقّ" جا نعرا هڻي ٿو، پر انهن جو ظاهر بشريت جي لباس ۾ عبوديت، ٻانهائپ جو پٽو ارادي واري چيلهه سان ٻڌي عبده ورسوله' سڏائي ٿو.

(۱) ترجمو: "جڏهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم چيو پنهنجي ساٿي (حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه') کي غم نه ڪر الله تعاليٰ اسان سان گڏ آهي"
(۲) سورت شعراء آيت ۶۲ (ترجمو: بيشڪ منهنجو رب عنقريب مون کي سنئين واٽ ڏيکاريندو)

www.maktabah.org

منم آن بنده مرد تمامي
كند با خواجگي كار غلامي

يعني: مان ٻانهو هڪ كامل انسان جو آهيان، جيكو سرداري هوندي بہ غلامي وارا كم كري ٿو.

پوءِ انهن پيارن جي دل كي، ان فراق واري وقت ۾ جيكو بشريت جي پردي ۾ هو، وقت بوقت پيغامن ذريعي خوش ٿي ركيو. پوءِ هن قانون موجب تہ: الله تعاليٰ جي ذات ڏانهن (پهچڻ جون) واٽون سندس مخلوقات جي تعداد جيتريون آهن، هر هڪ جي گفتگو كرڻ جو طريقو جدا جدا آهي. جيئن اسان جي نبي كريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم عرش عظيم تي گفتگو فرمائي هئي، ۽ حضرت جبرئيل عليه السلام سان سدرة المنتهيٰ تي ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام سان جبل طور تي گفتگو ٿي. اگرچہ الله تعاليٰ هر شيءِ كي احاطو فرمائيندڙ آهي، ليكن هر هڪ جي لاءِ علم جو دروازو جدا جدا آهي. جيئن قرآن كريم ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا (۱) يعني: كنهن بہ بشر لاءِ اهو ممكن نہ آهي جو الله تعاليٰ ان سان (براهہ راست) گفتگو فرمائي، مگر وحي جي ذريعي يا پردي جي پويان، يا ان ڏانهن كو فرشتو موكلي. ان كي هو اهو (فرشتو) الله تعاليٰ جي اذن سان وحي ٻڌائيندو آهي.

بيت

جن كي جٽاءُ، پرين پاڻ پسائيو
تنين كي تٽاءُ، ليئا پائڻ آئيا

كڏهن حضرت جبريل عليه السلام كي سندس علم واري دروازي، سدرة المنتهيٰ وٽ سيكاري موكليو ويندو آهي، تہ جيئن اهو وجي ان (خدا جي ٻانهي) جي دل ۾ اها ڳالهہ وجهي، كڏهن تہ ملائك جي واسطي كان سواءِ ئي ان جي دل ۾ القاءُ كيو ويندو آهي، جو ان كي الهام چئجي.

حاصل كلام تہ الله تعاليٰ جو قرب (ويجهو هئڻ) سيني سان هڪ جهڙو آهي، البت ٻانهي جون قرب ۾ بہ حالتون، تجلي ۽ استتاري واريون آهن. الله تعاليٰ جي نيك ٻانهن جو مشاهدو تجلي ۽ پردي جي وچ ۾ هوندو آهي. (هي حديث) منهنجي

(۱) سورت شوريٰ آيت ۵۱

www.maktabah.org

قلب (دل) تي ڪڏهن ڪڏهن پردو اچي ويندو آهي. ان حال تي شاهد آهي.

پوءِ ان قرب واري وقت،جڏهن خود پاڻهو بيخود ۽ فنا هوندو آهي، تہ احڪامن جي حفاظت ۽ رعايت ڪيئن ڪندو؟ پردي واري حالت ۾ عقل ۽ فهم پنهنجي جاءِ تي هوندا آهن. ۽ اهو عبادات ۽ معاملات جي ڇاڻ لاءِ محتاج هوندو آهي، تہ ان حالت ۾ ان کي تعليم ڏيڻ بہ ضروري آهي، اها تعليم ڪنهن وقت ڪنهن ملائڪ جي واسطي سان، تہ ڪڏهن بغير واسطي سان الهام سان ڪئي ويندي آهي.

سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جو معراج عرش عظيم تي ان ڪري ٿيو جو پاڻ اشرف الانبياءِ هيا، پوءِ سندن معراج بہ عالم خلق جي شرف واري جاءِ تي سونهيو ٿي. ورنہ الله تعاليٰ جو قرب تہ آسمانن ۽ زمينن ۾ هڪ جهڙو آهي.

جيڪڏهن ڪو سوال ڪري تہ تجلي وقت پاڻهو پنهنجي وجود ۽ غير کان بي خبر هوندو آهي، تہ پوءِ هن حديث جو مطلب ڇا ٿيندو. (حديث هي آهي) تہ مون پنهنجي رب کي لاسرات ڇوڪر جي صورت ۾ ڏٺو. جيئن اها جامع اصول جي روايت آهي.

(جواب) الله تعاليٰ جي تجلي بہ قسم آهي. هڪڙي صوري ۽ بي معنوي. صوري تجلي، هر موجود شيءِ جي صورت ۾ ٿي سگهندي آهي. جيئن مسلم ۽ بخاري شريف جي هڪ ڏگهي حديث آهي ۽ مسند امام محمد ۾ بہ ان کي آندو ويو آهي. ان جو ڪجهہ حصو هت ڏجي ٿو.

الله تعاليٰ انهن کي اهڙي صورت ۾ ديدار ڪرائيندو، جيڪا انهن جي سجاتل ڪانہ هوندي. پوءِ انهن کي چوندو تہ آءٌ اوهان جو رب آهيان. پوءِ هو چوندا تہ اسان الله تعاليٰ کان، تنهنجي پناهہ ٿا گهرون، جيسين اسان جو رب اچي، تيسين اسان هن جاءِ تي ئي آهيون، پوءِ جڏهن اسان جو رب ايندو تہ اسان ان کي سجاڻينداسون، پوءِ الله تعاليٰ انهن کي سجاتل صورت ۾ ديدار ڪرائيندو. (۱)

بي حديث ۾ آهي. الله تعاليٰ انهن کي اهڙي صفت ۾ ديدار ڪرائيندو جيڪا ڏنل صفت کان گهٽ هوندي. (۲)

اهي سيئي حديثون صوري تجلي تي دلالت ڪن ٿيون. معنوي

(۱) مسلم شريف جلد اول ص ۱۰۰

(۲) مسلم شريف جلد اول ص ۱۰۲

www.maktabah.org

تجلي بابت قرآن کريم ۾ جيئن آيو آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: "پوءِ جڏهن ان جي رب، جبل تي پنهنجو نور چمڪايو. ان کي ذرا ذراکري ڇڏيائين ۽ موسيٰ (عليه السلام) بيهوش ٿي ڪريو. (۱)

جيڪڏهن معنويٰ تجلي ان جي طاقت آهر هوندي ته ان جو مشاهدو ڪري سگهندو، جيڪڏهن نه ته ان جي مشاهدي جي طاقت ئي نه رکي سگهندو.

جيئن علامه احمد بن خطيب قسطلاني مواهب اللدنيه ۾ فرمايو آهي ته: روايت آهي ته گهٽائي مريد پنهنجي مرشد ڏانهن صرف ڏسڻ سان ئي فوت ٿي ويا. جيئن ڳالهه ٿا ڪن ته ابوتراب نخشبي جو هڪ مريد هيو، جنهن تي ڏينهن ۾ ڪيترا پيرا خدا تعاليٰ جي تجلي ظاهر ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن ابو تراب نخشبي ان پنهنجي مريد کي فرمايو ته جيڪڏهن تون حضرت بايزيد بسطامي جو ديدار ڪرين ته البت هڪ وڏي عظمت واري ڪر کي ڏسندين، پوءِ اهو مريد پنهنجي مرشد ابو تراب نخشبي سان گڏجي حضرت بايزيد وٽ پهتو. جڏهن ان مريد جي نظر حضرت بايزيد تي پئي ته ان جي ڏسڻ سان ڪري مري پيو. حضرت بايزيد کي ابوتراب نخشبي عرض ڪيو ته اي بايزيد! هي ته توکي ڏسڻ سان ئي فوت ٿي ويو. حالانڪه هي ته هميشه الله تعاليٰ جي ديدار ڏسڻ جي دعويٰ ڪندو هيو. حضرت بايزيد فرمايو ته: تنهنجو مريد پنهنجي دعويٰ ۾ سچو هيو، الله تعاليٰ ان کي سندس مقام مطابق تجلي ظاهر ڪندو هيو، پر جڏهن مون کي ڏنائين ته الله تعاليٰ ان تي منهنجي مقام مطابق تجلي کي ظاهر فرمايو، جنهن جي جهلڻ جي ان کي طاقت نه هئي، تڏهن مري ويو. صوفياءِ ڪرام جون اصطلاحون تجلي جي باري ۾ مشهور آهن، معرفت جي مرتبن مان رؤيت (ديدار الاهي) جو رتبو وڏوءِ مٿاهون آهي. اهي (اهل طريقت وارا) تجلي مان رؤيت بصري (ظاهري اکين سان ڏسڻ) مراد نٿا وٺن، جنهن بابت خصوصيت سان حضرت موسيٰ عليه السلام کي چيو ويو هيو ته هرگز نه ڏسي سگهندين، ۽ نه وري اها تجلي مراد وٺندا آهن. جنهن لاءِ عام طور هي مشهور آهي ته ان کي کا به اک کا نه ٿي ڏسي سگهي. جڏهن توکي معلوم ٿيو ته انهن (صوفياءِ ڪرام) جي تجلي ڏسڻ مان اها مراد آهي، جنهن کي هو ثابت ڪري آيا آهن. اهي تجلي ڏسڻ جي اها معنيٰ مراد نه ٿا وٺن، جنهن معنيٰ سبب انسان دنيا ۾ تجلي جي ڏسڻ کان ناميد ٿيو آهي، پر ان تجلي کي ڏيکارڻ جو وري به خاص ٻانهن سان آخرت ۾ واعدو ٿيل آهي.

(۱) سورت اعراف آيت ۱۴۳

www.maktabah.org

ان حقيقت واضح ٿيڻ کان بعد کو به اعتراض کو نه آهي، نه کا توکي ان قوم (صوفياءِ کرام) تي بدگماني ڪرڻ جي گنجائش آهي. الله تعاليٰ پنهنجي رازن کي پاڻ ڄاڻي ٿو. (۱)

ڄاڻڻ گهرجي ته عرش، ڪرسي، آسمان ۽ زمينون الله تعاليٰ جي ولين سڳورن جي اندر ۾ آهن، جو اهي (ولي الله) آسمانن تي حڪمراني ڪندڙ آهن. جيئن هي آيت سڳوري ان بابت ڏس ڏئي ٿي ته "سَنُرِيْهِمْ اٰيَاتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ترجمو: هاڻي انهن کي پنهنجون آيتون (نشانيون) ڏيکارينداسين ۽ خود پنهنجي پاڻ ۾ ئي (کين ڏيکارينداسين.)

شيخ سنائي فرمايو آهي:

رباعي

آسمانهاست درولايت جان
کارفرمائي آسمان جهان
در رهه روح پست بالا هاست
کوهه هائي بلند درياهاست

روح جي ولايت ۾ آسمان آهن، جيڪي دنيا جي آسمان ۾ تصرف ڪندڙ آهن.

روح جي رستي ۾ هيٺاهيون، مٿاهيون آهن. وڏا جبل ۽ درياهه آهن.

مولانا رومي مثنوي ۾ فرمائي ٿو.

مصطفيٰ روزي بگورستان برفت
باجنازه ياري ازياران برفت

مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم هڪ ڏينهن قبرستان ڏانهن تشريف وئي ويا. دوستن مان هڪ دوست جي جنازي سان گڏجي تشريف وئي ويا.

خاک رادر گورا و آگنده کرد
زير خاک آن دانه اش رازنده کرد

ان جي قبر ۾ مٽي وڌائين، ۽ مٽيءَ جي هيٺان ان جي داڻي کي زنده ڪيائين.

(۱) مواهب اللدنيه المقصد الخامس- ايضاً زرقاني شريف جلد ۸ ص ۲۴۵

www.maktabah.org

چون زگورستان پیمبر باز گشت
سوئي صديقه شدو همراز گشت

جڏهن پيغمبر عليه الصلاة والسلام قبرستان کان موٽيا. صديقه رضي الله تعاليٰ عنها ڏانهن ويا ۽ ساٹس همزار ٹيا.

چشم صديقه چون بر رويش فتاد
پيش آمد دست بروي مي نهاد

صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جي نظر جڏهن حضور جي چهري مبارڪ تي پئي تہ اڳتي آئي ۽ پاڻ ڪريمن تي اچي هٿ رکيائين.

گفت پيغمبر چه مي جوئي شتاب
گفت باران آمد امروز از سحاب

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو تہ جلدي جلدي ڇا ٹي ڈسين؟ چيائين تہ اڄ ڪکرن مان مينهن وٹو آهي.

جامهايت مي بجويد در طلب
تر نمي بيند مر زباران اي عجب

ان جستجوءَ ۾ توهان جا ڪپڑا ڳوليان ٹي. عجب آهي جو مينهن ۾ آلا نہ ٹي ڈسان.

گفت چه بر سر فگندي از ازار
گفت کردم آن ردائي تو خمار

حضرت جن فرمايو تہ مٹي تي کهڙو ڪپڑو ڈکيو هيئي.؟ بيبي صاحبہ عرض ڪيو تہ اوهان جي چادر کي مٹي تي ڈکيو هيم.

گفت بهر آن نمود اي پاک جيب
چشم پاکت را خدا باران غيب

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو: اي پاڪ دل! ان ڪري تہ

www.maktabah.org

تنهنجي اک پاڪ کي الله تعاليٰ غيبي بارش ڏيکاري آهي.

نيست آن باران ازين ابر شما
هست ابر ديگر و ديگر سما

اها بارش توهان جي هنن ڪکرن جي نہ آهي، هن جو پيو ڪکر ۽ پيو آسمان آهي.

اين چنين باران ز ابر ديگرست
رحمت حق در نزولش مضمرست

اهڙي بارش ٻئي ڪکر جي آهي، جنهن جي نازل ٿيڻ ۾ الله تعاليٰ جي رحمت پوشيده آهي.

غيب را ابري و آبي ديگر است
آسمان و آفتابي ديگرست

(عالم) غيب جو ڪکر ۽ پاڻي پيو آهي. آسمان ۽ سج به پيا آهن.

ناید آن الا کہ بر خاصان پدید
بَاقِیَان فِیْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِیْدٍ (۱)

(اها بارش) صرف خدا جي خاص بانهن تي ظاهر ٿيندي آهي. باقي ماڻهو ته ان نئين مخلوق جي ڪري شڪ ۾ آهن.

بيشڪ الله سبحانه، وتعاليٰ فرمايو آهي: "اَسْرٰی بِعَبْدِہٖ" يعني الله تعاليٰ پنهنجي خاص بانهي کي سير ڪرايو. ان ۾ اشارو آهي ته سير ڪرائيندڙ پاڻ الله تعاليٰ آهي، جيئن معلوم ٿئي ته بانهي جو سير ڪرڻ، الله تعاليٰ جي خاص عطا ۽ رب پاڪ جي مهرباني سان ٿيو. جيڪا مهرباني حضور عليه السلام جي لاءِ اڳتي وڌي آئي، ۽ اهڙي طرح جو ڪڏهن به گمان ۽ وهم ۾، يا دل ۽ دماغ ۾ ان جو تصور به نہ آيو هيو. (بِعَبْدِہٖ) ۾ ب مصاحبه جي آندل آهي. ان مان هي فائدو ظاهر ٿئي ٿو ته الله تعاليٰ پنهنجي مهرباني، عنايت، حاجت روائي فرمائڻ ۽ حفاظت فرمائڻ سان، پنهنجي محبوب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم سان ان سفر ۾ گڏ رهيو. ان سفر ۾ الله تعاليٰ جي گڏ هجڻ تي هي حديث

(۱) سوره ق آيت ۱۵

www.maktabah.org

شريف شاهد آهي. حضور انور صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي يا الله! سفر ۾ تون ئي منهنجو ساٿي آهين. الله تعاليٰ جي هن فرمان ۾ غور ڪر. جيئن ارشاد آهي هُوَ الَّذِيْ يُسَيِّرُكُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ (۱)

يعني اهو الله تعاليٰ آهي جيڪو اوهان کي برن ۽ بحرن ۾ سير ڪرائي ٿو. اسريٰ بعبده قول منجهان توتي هي ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته عام مخلوق کان سواءِ خاص حضور انور صلي الله عليه وسلم سان اها الله تعاليٰ جي رفاقت مخصوص ٿيل آهي، ان سفر کي بيان فرمائڻ سان گڏ الله تعاليٰ پنهنجي تسبيح (پاڪائي) به بيان فرمائي آهي، ته جيئن جيڪي شخص الله تعاليٰ جي لاءِ جسم جا قائل آهن يا تشبيه جا قائل آهن يا جيڪي الله تعاليٰ جي لاءِ جهت مڪان ۽ حدود جو خيال ڪن ٿا. انهن جي دل مان مذڪور شين جي نفي ٿي وڃي (ته الله تعاليٰ انهن شين کان پاڪ آهي) ان ڪري ئي الله تعاليٰ فرمايو: لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيَاتِنَا (ته اسان ان کي پنهنجيون عظيم نشانيون ڏيکاريون) يعني ان رات ۾ حضور انور صلي الله عليه وسلم جيڪي به عجيب نشانيون ڏنيون هيون، تن بابت گويا الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مون حضور جن کي انهن نشانين ڏيکاريڻ لاءِ ئي ته سير ڪرايو هيو. مون ڏانهن سير ڪرڻ نه آيو هيو، چو ته آءٌ ڪنهن مڪان ۾ محدود نه آهيان، منهنجي لاءِ مختلف مڪانن جي نسبت هڪ مڪان جي نسبت جهڙي آهي. پوءِ آءٌ ان سان ڪيئن سفر ڪندس. حالانڪ آءٌ ان وٽ آهيان ۽ آءٌ ان سان گڏ آهيان چاهي جتي به هجي.

خط مبارڪ ويهون

فضيلت پناهه، فضائل دستگاهه مخدوم ميان پير محمد جي جواب ۾ لکيل

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ، جن جو هو مستحق آهي، ۽ صلاتون ۽ سلام سندس نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم تي هجن.

اما بعد! توهان تي سلامتي هجي، هي خط ان فقير طرفان آهي

(۱) سورة يونس آيت ۲۲

www.maktabah.org

جيڪو پنهنجي(رب) غني ڪريم جو محتاج آهي. بطرف عالم ،فاضل، وڏن عالمن جي اڳواڻ، يعني ميان پير محمد ڏانهن آهي. شال الله تعاليٰ ان کي پنهنجي حفاظت ۾ محفوظ فرمائي.

اي مخدوم! حديث شريف ۾ آهي، علم جا به قسم آهن، هڪڙو علم قلب وارو آهي، پوءِ اهو علم نفع ڏيندڙ آهي. ٻيو علم زبان وارو آهي، پوءِ اهو علم الله تعاليٰ جي طرفان آدم عليه السلام جي اولاد تي حجت (دليل) آهي (۱) جاڻ ته زبان واري علم کي علم کسبي ۽ علم حصولي چوندا آهن، ۽ قلب واري علم کي علم لدني ۽ حضوري ۽ علم وجداني چوندا آهن.

علم حصولي اهو آهي، جيڪو حواسن جي ذريعي سان حاصل ٿئي ٿو ۽ علم حضوري اهو آهي جيڪو حواسن جي ذريعي کان سواءِ دل ۾ القاءُ ٿئي.

مولانا رومي فرمائي ٿو:

دانشانرامي ستاند جان زجان
نيي زراه دفترونيي از زبان

ان جو روحاني علم، روح سان حاصل ڪري ٿو، نه ڪتاب جي رستي سان، ۽ نه زبان سان.

پوءِ زبان واري علم مان مراد شريعت وارو علم آهي، جنهن کي سيني ماڻهن تي ظاهر ڪرڻ عالمن تي واجب آهي. ورنه هن عتاب هيٺ ايندا، جيئن حديث شريف ۾ آهي. خبردار بيشڪ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي اڳيان زور ۾ڇڙي درجي تي اهو عالم هوندو، جنهن پنهنجي علم مان ٻين ماڻهن کي فائدو نه ڏنو، اها روايت دارمي شريف ۾ آهي (۲) اهڙي طرح ٻي حديث شريف آهي ته جنهن علم مان فائدو نه ونجي، ان جو مثال ان خزاني وانگر آهي، جنهن مان الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ نه ڪجي. اها مسند احمد ۽ دارمي جي روايت آهي (۳) قلب واري علم مان کي اهڙا به علم آهن، جن جي طالبن کي ضرورت رهي ٿي. ان جو انهن تي ظاهر ڪرڻ لازم آهي

(۱) فضيل بن عياض کان بيهقي شعب الايمان جي حصي ثاني ص۲۹۴ تي مٿين حديث آندي آهي
(۲) دارمي شريف جلد اول ص۸۲
(۳) دارمي شريف جلد اول ص۱۳۸

www.maktabah.org

جيڪي ان جا اهل (لائق) هجن، ۽ ان جو نااهلن کان لکائڻ ۾ لازم آهي، جيئن حديث شريف ۾ حضرت اعمش کان روايت آهي ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم فرمايو علم جون آفتون هي آهن: هڪڙو ان کي وسارڻ، ٻيو ان کي نا اهلن آڏو بيان ڪرڻ سان ضايع ڪرڻ، اها روايت به دارمي جي آهي (۱)

اهو قلبي علم طريقت وارو علم آهي. جيڪي شخص ان علم جي حاصل ڪرڻ جا اهل هجن، تن کان جيڪڏهن نبي سڳورا ۽ اولياءِ ڪرام اهو علم لکائيندا، ته اها انهن جي خيانت ليکبي، جيئن قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي (۽ ڪنهن نبي تي هي گمان نڏو ٿي سگهي ته هو ڪجهه لکائي رکندو) (۲)

انبياءُ عليهم السلام ۽ اولياءُ ڪرام جي خيانت ڪرڻ مان مراد علم لدني جي غنيمت ۾ خيانت ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جهاد اڪبر ۾ نفس ۽ ان جي سڏن واري لشڪر کي شڪست ڏئي، ان تي قبضو ڪيو آهي. (پوءِ) جيڪڏهن ان علم کي ان جي اهل شخصن ۾ تقسيم ڪرڻ، ۽ مستحقن تائين پهچائڻ ۾ قصور ڪيائون ته گويا خيانت ڪيائون.

قلبي علم مان هڪڙو اهڙو به علم آهي. جنهن جو لکائڻ واجب آهي. اهو علم حقيقت ۽ معرفت جا اسرار آهن.

جيئن حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون رسول الله صلي الله عليه وسلم کان علم جا ٻه ٿانو ياد ڪيا آهن. هڪ اهو جيڪو اوهان ۾ پکيڙيان ٿو، پر ٻيو اهو آهي جو جيڪڏهن اوهان ۾ ظاهر ڪريان ته منهنجي هيءَ نڙي ڪپي ڇڏيندؤ (۳) پوءِ اهو اسرارن وارو علم، اهڙو علم آهي جيڪودلين جي ذريعي دلين ۾، دل جي ربط واري مناسبت سان ايندو آهي.

نسبتي پاکان درست کن يا پئي ايشان مرو
غرق شد فرعون بدريا بود موسيٰ پيشرو

نيڪين ڏانهن ارادو صحيح رک، نه ته انهن جي پويان نه وڃ، ڇو ته

(۱) دارمي شريف جلد اول ص۱۵۰
(۲) سورة آل عمران آيت ۱۶۱
(۳) بخاري جلد اول ص۲۳- ايضًا مشڪواة شريف ص۳۷

www.maktabah.org

فرعون بہ درياھ ۾ ٻڏي ويو. توڙي جو موسيٰ عليه السلام ان جي اڳيان ھو.

اھو علم ڪتابن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ تي موقف نہ آھي. مولانا رومي فرمائي ٿو.

دانش آنرا مي ستاند جان زجان
نے زراہ دفتر و نے از زبان

ان جو روحاني علم، روح سان حاصل ڪري ٿو. نہ ڪتاب جي رستي سان ۽ نہ زبان سان.

(حروف مقطعات ۽ متشابھ آيتون) تن بابت شريعت جي مالڪ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله عليھم اجمعين جي زبان فيض ترجمان مان صريح بيان نہ ٿيو آھي. (حروف مقطعات ۽ متشابھ آيتون) بہ اسرارن وارن علمن جي قسمن مان آھن.

سوال: جڏھن انھن جو ڄاڻن دل تي موقوف آھي ۽ لکڻ ۽ پڑھڻ جي ضرورت ڪا نہ آھي تہ پوءِ انھن ڪي قرآن مجيد ۾ آڻڻ جو ڪھڑو فائدو آھي؟

جواب: وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِحِكْمَتِهٖ (ان جي حڪمت ڪي الله جل جلاله، وڏيڪ ڄاڻي ٿو) پر ھن مسڪين جي سمجھ ۾ ھي اچي ٿو تہ ھڪ فائدو انھن جي آڻڻ ۾ ھي آھي، تہ جڏھن سچو طالب تلاوت جي شرطن سان (قرآن مجيد) پڑھندو تہ البت ان جي اسرارن کان بي نصيب نہ ٿيندو. تلاوت جي شرطن مان ھڪ شرط طالب جي دل جو حاضر ھجڻ آھي.

جيڪو شخص دل جي حضور کان سواءِ قرآن مجيد تلاوت ڪندو، ان جو مثال ان ٽانو وانگر آھي، جيڪو ٽانو اڳ ۾ ئي ڪنھن شيءِ سان پريل ھجي. جيڪڏھن ان ۾ ٻي ڪا شيءِ وجھبي تہ ڪانہ ماپندي، بلڪ ھارجي پوندي. اھڙي طرح جيڪا دل وسوسن ۽ خيالن سان پريل ھوندي ان ۾ قرآن ڪريم جو نور نہ ماپندو. حديث شريف ۾ آھي، گھٽا قرآن جا پڑھندڙ آھن، جن تي قرآن لعنت ڪري ٿو.

الله تعاليٰ فرمائي ٿو: لَا يَمَسُّهٗۤ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ (۱) يعني قرآن جي اسرارن کي ھٿ نہ لائي، مگر اھا دل جيڪا وسوسن ۽ خيالن جي خرابي کان پاڪ ھجي، اگرچہ پڑھندڙ لفظن جي معنيٰ نہ ٿو ڄاڻي، تہ بہ ان جو پڑھڻ فائدي کان خالي نہ آھي.

(۱) سورة الواقعة آيت ۷۹

www.maktabah.org

جيئن مثال طور ڪو بيمار هجي، ان کي سندس بيماري جي دوا هٿ اچي وڃي، ۽ هو ان کي کائي ته فائدو پوندس. توڙي جو بيمار کي اها خبر نه آهي ته هي دوا منهنجي بيماري جي آهي. ٻيو فائدو، قرآن ڪريم ۾ انهن جي آٹو جو هي آهي ته جڏهن ڪنهن عارف کي اسرار الاهي مان ڪو اسرار دل ۾ الهام ٿئي، ۽ جڏهن ان جو شاهد قرآن ڪريم ۾ ڏسندو ته ان جي دل کي اطمينان ٿيندو، چاکاڻ ته الهام ظني علم آهي، پر جڏهن ان جو شاهد قرآن ڪريم ۾ يا حديث نبوي ۾ يا اڳين عارفن جي ڪلام ۾ لهندو، ته ان جو ظن بدلجي يقين کي پهچي ويندو. والله اعلم بالصواب.

پر شب قدر کي مخفي رکڻ ۾ جيڪو راز رکيل آهي، ان جي حقيقت کي ته الله تعاليٰ وڌيڪ ڄاڻي ٿو، ليڪن جيڪي هن فقير جي سمجهه ۾ آيو آهي، اهو هي آهي ته جيئن ڀانهن کي عبادت ۽ شب خيزي جي لاءِ رغبت ۽ حرص ڏياريو وڃي، جو شب قدر کي حاصل ڪرڻ جي اميد ۾ ڀانهان شب خيزي ڪن، ڇو ته نفس جي هي عادت آهي ته هو هميشه واري ڪم ۾ ڊرائپ ۽ سستي ڪندو آهي، پر ٿورڙي وقت لاءِ همٿ جي چيلهه ٻڌندو آهي، نه ته جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي: هر شب، شب قدراست اگر قدر بداني، يعني سڀ ڪا رات قدر جي رات آهي، جيڪڏهن تون رات جاڳڻ جو قدر ڄاڻين!

موت ۽ قيامت جي مخفي رکڻ ۾ به اها حڪمت آهي، ته ڀانهن کي گناهن کان ڊيڄارجي ته جيئن ان جي علم نه هجڻ سبب ڊڄن، ۽ خيانت ڪرڻ کان هٽ هٽائين.

نقل آهي ته هڪ درويش هميشه شيطان کي ڏسڻ جي تمنا رکندو هيو، پوءِ هڪ ڏينهن شيطان کي ڏٺائين، شيطان کيس چيو ته اڄان تنهنجي سؤ (۱۰۰) سال عمر آهي، درويش سوچيو ته سؤ سال عبادت ڪرڻ مشڪل آهي، تنهن ڪري في الحال ته عيشن خوشين ۾ گذرايان، جڏهن سؤ سال ويجهو ٿيندو پوءِ توبهه تائب ٿي وري عبادت ڪرڻ شروع ڪندس، پر حقيقت ۾ ان جي عمر اوتري ڪا نه هئي، بلڪ ان سان اهو شيطان جو مڪر ۽ ڪوڙ هيو، جيئن ان حضرت آدم عليه الصلاة والسلام سان ڪوڙ ڳالهايو هيو، پوءِ اهو درويش عيش عشرت ۾ لڳي ويو، ان ئي حال ۾ مري ويو، شال الله تعاليٰ اسان کي ابليس جي مڪرن کان پناهه ۾ رکي. پوءِ کي ته ماٹهن مان "كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ" جانورن وانگر آهن، بلڪ انهن کان به وڌيڪ ڏليل آهن، جو مرڻ تائين فاني حياتي مان اميد نه ٽا لاهين، انهن جا ڪن، ڊگهين اميدن ۽ غفلت جي ڪپهه سان پريل

www.maktabah.org

آهن، جنهن سبب جي ڪري "كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ" (۱) خداوندي فرمان (يعني هر جاندار موت چکندو) نہ ٿا ٻڌن، ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي قول مبارڪ (موت کي گهٽو ياد ڪريو جو اهو لذتن کي پچندڙ آهي) (۲) ڏانهن ڪن نہ ٿا ڏين، انهن غافلن جو مثال ان گهٽي وانگر آهي، جنهن کي هر سال ٻہ ٻيرا ان کترڻ لاءِ زمين تي ليٽائيندا آهن ۽ جنهن وقت کهڻ لاءِ ان کي ليٽائيندا تہ هو بي سمجهائپ سبب حسب عادت هن ٻيري ٻہ سمجهندو آهي تہ ان کترڻ لاءِ ٿا ليٽائين. اهڙي طرح کي ماڻهو جڏهن بيمار ٿا ٿين ۽ ڪيترا ٻيرا ان مان وري تندرست ٿا ٿين. جنهن وقت انهن کي اجل جو ڪاسائي، بيماري واري هٿ سان ليٽائيندو تہ سمجهندا، اها اڳئين بيماريءَ وانگر بيماري آهي.

چني اٽئي ويڙهہ، متي آهين روجهڙي
ماريئڙو تو پير، چاڙهيون وتي سينگڙي

ڪي صالح ٻانها آهن، جيڪي هر ڏينهن کي، هر رات کي، بلڪ هر "دم" کي آخري "دم" سمجهن ٿا، موت ۽ قيامت لاءِ منتظر آهن ۽ ڏسندا رهن ٿا.

بيت

عمر جو آواز، ٻيو ڪالهہ جنهين کي ڪن
سي ٻڪر ٻاجهارا ٿيا، چڪيا ڪين چرن
ڪڙا ڪن ڪٽ، هانجي لاءِ حميرجي

۽ اهي صالح ٻانهان شرمسار آهن تہ اسين کهڙي منهن سان پنهنجي مالڪ ڏانهن ويندا سون.

ڪنڌ ڪٽندس ڪيئن، جڏهن ڏسندس ماڳ ملهير جا

موت بابت، الله تبارڪ وتعاليٰ جو فرمان آهي، وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن جي قبضي ۾ سارو ملڪ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي، اهو جنهن موت ۽ زندگي هن لاءِ پيدا ڪيا تہ توهان جي جاچ ٿئي تہ توهان مان ڪنهن جو ڪم زياده سٺو

(۱) سورت آل عمران آيت ۱۸۵
(۲) مسند امام احمد بن حنبل جلد ٻيو ص ۲۹۳، ايضاً مستدرک حاڪم جلد چوٿون ص ۳۲۱

www.maktabah.org

آهي. (۱) والله اعلم بالصواب

پر رضا جو بحث: اي مخدوم! رضا جو مقام سيني مقامن کان مٿاهون آهي، رضا جو مطلب هي آهي ته ٻانهي کان خداوند تعاليٰ راضي هجي، ۽ ان جو دارومدار هن تي آهي ته ٻانهو به الله تعاليٰ جي حڪر کيل ڪمن ۽ منع کيل ڪمن کي تسليم ڪري، انهن تي راضي هجي، پر ان ۾ هي شرط آهي ته ٻانهي کي خدا تعاليٰ جي رضا طلب ڪرڻ جي نيت هجي، ڇو ته عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. جيڪڏهن ٻانهي جي نيت (جنهن کي حامل ذاتي ۽ علت غائي اصلي مقصد چئجي) عبادت ۽ تسليم ۾ رياء ۽ ماڻهن جي پسنديدگي جي لاءِ هوندي ته ان جاسپ عمل ضايع ٿيندا، ۽ جيڪڏهن سندس علت غائي (اصلي مقصد) بهشتن ۽ حورن قصورن جي حاصل ڪرڻ جو آهي ته ان کي سندس عملن جو اجر ۽ بشارت ملندي، ۽ اهڙن شخصن کي "ابرارن" مان ڳڻي سگهبو، ۽ جيڪڏهن سندن علت غائي ۽ مقصد محض الله تعاليٰ جي رضا طلبن لاءِ آهي ته اهڙي شخص کي مخلص ٿا چون، ۽ اهڙو شخص جيڪڏهن بهشت ۽ ان ۾ جيکي انعام ۽ نعمتون آهن، تنهن لاءِ عبادت ٿو ڪري، ۽ الله تعاليٰ جي لقاءَ جي نيت نه اٽس ته اهو ان جو گناهه آهي، جو حَسَنَاتُ الْاَبْرَارِ سَيِّئَاتُ الْمُقَرَّبِيْنَ يعني ابرارن جا نيڪ عمل سي الله تعاليٰ جي مقربن جا گناهه آهن.

بيت

حرام است بر طالب رہ خدا
تمنا کند از خدا جز خدا

يعني: الله تعاليٰ جي رضا طلبيندڙ تي هي ڳالهه حرام آهي، جو الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيءِ کنهن شيءِ جي الله تعاليٰ کان تمنا ڪري.

هاڻي ڄاڻڻ گهرجي ته حق تعاليٰ جو امر به قسم آهي، هڪڙو امر ايجابي. ٻيو امر ايجادي- امر ايجابي مان مراد سندس امر ۽ نهي آهن، ۽ امر ايجادي مان مراد، الله تعاليٰ جي تقدير آهي. پوءِ ايجابي امرن جي اطاعت ڪرڻ ۾ ٻانهي جو نافرمان ٿي خلاف ڪرڻ ته ممڪن آهي، پر ايجادي امرن جي خلاف ڪري سگهڻ ناممڪن آهي.

ايجابي امرن جي اطاعت ڪرڻ مان مراد هي آهي ته حڪر کيل

(۱) سورت الملک آيت ۲،۱

www.maktabah.org

ڪمن جي تابعداري ڪرڻ ۽ منع ڪيل ڪمن کان روڪجي پوڻ، ان کي تسليم چوندا آهن، ۽ ظاهر وارا امر ۽ نهي کان چڱي طرح واقف آهن.

ايجادي امرن جي اطاعت ڪرڻ مان مراد هي آهي ته تقدير تي راضي رهڻ ۽ صبر ڪرڻ. باطن وارا ان ڳالهه جا محتاج آهن ۽ ان سان مشرف ٿيل آهن، يا الله! تون اسان کي انهن مان ڪر.

سوال: حديث ۾ آهي ته "جنهن شخص منهنجي پرک تي صبر نه ڪيو ۽ منهنجي تقدير تي راضي نه ٿيو پوءِ گهرجيس ته منهنجي آسمان جي هيٺان ٻاهر نڪري وڃي، ۽ مون کان سواءِ ڪو ٻيو رب وڃي ڳولهي" (۱) ۽ هيئن به چيو اٿن ته: ڪفر تي راضي رهڻ به ڪفر آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن بندي جي مقدر ۾ گناهه آهن، ۽ هو جيڪڏهن انهن تي راضي ٿو ٿئي ته رِضَاءُ الْكُفْرِ كُفْرٌ ٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن راضي نه ٿو ٿئي ته هي پلڪار آهي ته "مَنْ لَّمْ يَرْضَ عَلٰى قَضَائِيْ" -الخ، يعني جو شخص منهنجي تقدير تي راضي نه ٿيو (ته ان کي) گهرجي ته منهنجي آسمان جي هيٺان ٻاهر نڪري وڃي، ان پلڪار ۾ داخل ٿو ٿئي، هاڻي بندو ڇا ڪري؟

جواب: جيڪو به فعل تقدير الاهي سان ٻانهي جي هٿان ظاهر ٿو ٿئي، ان جا به ٻاسا آهن، هڪ ٻاسو "خلقت" (پيدا ڪرڻ) جو، جنهن جي نسبت الله تعالىٰ ڏانهن آهي. ٻيو ٻاسو، "ڪسب" (ڪر ڪرڻ) جو، جنهن جي نسبت ٻانهي ڏانهن آهي. پوءِ ڪفر ۽ گناهه ٻئي الله تعالىٰ جا خلقيل آهن، انهن جي خلقت يعني پيدا ڪرڻ تي راضي رهجي، ۽ ڪسب واري پاسي کان ڪفر ۽ گناهه وارن ڪمن کان منهن موڙڻ گهرجي. مولانا رومي فرمائي ٿو:

راضيم در كفر زانروكه قضاست
نى ازان روكه نزاع بحث ماست

ڪفر تي ان سبب جي ڪري راضي آهيون، جو سندس تقدير آهي، ان جي ڪري نه جو ان سان اسان جي بحث جو نزاع آهي.

كفر از روئى قضا خود كفر نيست
حق را كافر مخوان اينجا مايست

(۱) اتحاف السادة المتقين جلد ۱- ص ۴۰۳

www.maktabah.org

قضا جي اعتبار سان ڪفر خود ڪفر نہ آهي، الله تعاليٰ جي مجيندڙن کي ڪافر نہ چئو بس هن جاءِ تي نہ بيهہ.

جڏهن جهتون (پاسا) مختلف هوندا تہ هڪ ئي امر (ڪم) ۾ نفي ۽ اثبات جو هجڻ جائز آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو: وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى (۱) ترجمو: ۽ اي محبوب! اها مٽي جيڪا تو اڇلائي تو نہ اڇلائي هئي بلڪ الله تعاليٰ اڇلائي.

اي دوست! جڏهن توکي رضا جي معنيٰ معلوم ٿي، پوءِ رضا وارن صاحبن جو حال ٻڌ، جن جي مرتبن ۽ درجن ۾ فرق آهي. ملائڪ پنهنجي ارادي کان معصوم آهن. لَا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ (۲) ترجمو: الله تعاليٰ جي حڪم کي ٽارن نہ ٿا ۽ جيڪو انهن کي حڪم هجي، اهو ئي ڪندا آهن. پڻ انبياءِ عليهم الصلواة والسلام پنهنجي نفس جي سڏن ۽ خواهشن جي ارادي کان معصوم آهن، ۽ ابدال ۽ پنهنجي ارادي کان محفوظ آهن، ۽ اولياءِ ڪرام ۽ پنهنجي نفس جي سڏن ۽ خواهشن کان محفوظ آهن. معصوم ان کي چئجي، جنهن جي وجود ۾ گناهن اچي ئي نہ، محفوظ اهو آهي، جنهن جي وجود ۾ ڪنهن وقت گناهہ اچي وڃي، پر ان کي جلد تنبيهہ ڪئي ويندي آهي تہ ان گناهہ کان جلدي توبهہ تائب ٿي وڃي.

جاڻڻ گهرجي تہ ارادو ٻانهي جي خواهش کي چئبو آهي، پوءِ چاهي (اها خواهش) پنهنجي لاءِ ڪري يا ٻئي لاءِ ڪري، نفس جي خواهش اها آهي جو اها پنهنجي نفس لاءِ گهري، پوءِ جيڪڏهن انبياءِ عليهم السلام ملائڪن وانگر ارادي ڪرڻ کان معصوم (پاڪ) هجن ها تہ شفاعت جو دروازو بند ٿي ويندو.

پوءِ ابدال دعا گهرڻ کان خاموش آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ دعا گهرڻ، گويا حڪيم مطلق تي اعتراض ڪرڻ جي مترادف آهي، جيئن مولانا رومي فرمائي ٿو:

بشنو اكنون قصهٔ آن رهروان
كه ندارد اعتراضي در جهان

انهن سالڪن جو هاڻي قصو ٻڌ، جو جهان جي ڪنهن ۾ معاملي

(۱) سورة انفال آيت ۱۷ع

(۲) سورة تحريم آيت ۶ع

www.maktabah.org

جي باري ۾ اعتراض نه ڪندا آهن.

ز اولیاءِ اهل دعا خود دیگرند
گه همي دوزند گاهي مي درند

اولياءِ الله مان پيا دعا وارا به آهن، ڪڏهن سبندا آهن، ڪڏهن ڦاڙيندا آهن.

قوم دیگر می شناسم از اولیاء
که دهان شان بسته باشد از دعا

ولين جي پي هڪڙي جماعت کي سجاڻان ٿو، جو انهن جو وات دعا کان بند ٿيل رهندو آهي.

از رضا که هست رامِ آن کرام
جستن دفع قضا شان شد حرام

اهي پلارا رضا الاهي جي ڪري، قضا جي ٽارڻ لاءِ دعا ڪرڻ حرام سمجهندا آهن.

در قضا ذوقي همي بينند خاص
کفر شان آيد طلب کردن خلاص

قضا ۾ انهن کي خاص قسم جي لذت ايندي آهي، ان کان ڇوٽڪارو طلبڻ کفر سمجهندا آهن.

جملگي یکسان بود شان نیک وبد
ازچه باشد این ز حسن ظن خود

انهن لاءِ چگو ۽ برو سڀ هڪ جهڙو هوندو آهي، اهو ڇو هوندو آهي؟ پنهنجي حسن ظن (چگي گمان) جي ڪري (هوندو آهي)

اهڙن شخصن جي جماعت تي ابدالن جي صفت جو غلبو آهي.

خون خورو خامش نشین کان دل نازک
طاقت فریاد داد خواه ندارد

رت پيئ ۽ ماڻ ڪري ويهه. ڇاڪاڻ جو هيءَ نازڪ دل مظلوم جي

www.maktabah.org

فرياد ٻڌڻ جي طاقت نہ ٿي رکي.

پوءِ جيکي دعا نہ ٿا گھرن، انھن جا کيترا ئي قسم آھن، انھن مان ھک جماعت کي يقين آھي تہ الله تعاليٰ جيکي بہ گھربو آھي، ان سڀ ۾ اسان جي لاءِ چگائي آھي، جيئن سيدنا عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آھي: اسين ھر حال ۾ خوش آھيون، جيئن بہ صبح کريون، چاکاڻ تہ يقين سان ڄاڻون ٿا تہ الله تعاليٰ جي ارادي سان جيکي بہ ٿئي ٿو، ان ۾ اسان جي پلائي آھي، ۽ بي جماعت آھي، جن کي الله تعاليٰ جي عظمت، سوال کرڻ کان مانع آھي، جيئن قدسي حديث ۾ آھي، جيکو شخص مون کان سوال کرڻ جي بجاءِ منھنجي ذکر (يادگيري) ۾ مشغول رھيو، ان کي آءٌ سوال کرڻ وارن کان بہ وڌيڪ بھتر عطا کندس. (۱)

يعني جنھن کي منھنجي عظمت جي ذکر مشغول رکيو، ان کي زور پلو انعام ڏيندس، ۽ ٽين جماعت آھي، اھي پنھنجي نفس جي بدگماني سببان سوال نہ ٿا ڪن، تہ متان سوال ڪيون ۽ ان ۾ نفس جو غرض ھجي، جيئن حديث ۾ آھي اَلْحَزْمُ سُوْءُ الظَّنِّ (۲) (يعني) احتياط بدگماني جي کري کيو ويندو آھي. پنھنجي نفس ۾ (ھي ڳالھ ممکن آھي) تہ کو غرض رکيو ھجيس چاھي دعا ۾ يا عبادت ۾.

سپردم بتو مايۂ خويش را
تو داني حساب کم و بيش را

مون پنھنجي موڙي تنھنجي حوالي کري ڇڏي، ٽوري ۽ گھٽي جو حساب تون ڄاڻ.

کي عارف آھن، جيکي دعا ۽ سوال صرف حکم جي تعميل کرڻ لاءِ کندا آھن، پر قبوليت جو انتظار نہ ھوندو اٿن، جيئن حافظ شيرازي فرمائي ٿو:

حافظ وظيفۂ تو دعا خواندن است بس
در بند آن مباش کہ نشنيد يا شنيد

اي حافظ تنھنجو ورد صرف دعا گھرڻ آھي، ان فکر ۾ نہ ھج تہ ٻڌائين يا نہ ٻڌائين.

(۱) ترمذي شريف جلد ٻيو ص ۱۱۶
(۲) کنوز الحقائق ص ۱۴۸

www.maktabah.org

آئينہ سکندر جام جمست بنگر
تابر تو عرض دارد احوال ملک دارا

سکندر جو آئينو جشميد جو جام آهي،ڈس تان تہ توتي دارا جي ملک جا احوال پيش ڪري.

آئينہ مان مراد دل آهي،۽ دارا مان مراد نفس آهي، پوءِ جنهن وقت ڪامل مڪمل ٻانهون ان درجي ڪي پهچندو،۽ پنهنجي نفس جي غرضن کان واقف ٿيندو تہ پوءِ ان جو هر حڪم عبادت وارو، عارفن جي ڪم وانگر ٿي پوندو، ۽ حقيقت ۾ عارفن ۽ ڪاملن جي وچ ۾ فرق آهي. انهن ڪاملن جي غلطي بہ ٻين جي فرضي ڪمن کان پلي آهي، جيئن اسبق السابقين ۽ اصدق الصادقين سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جو قول مبارڪ آهي تہ ڪاش! آءٌ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي سهو هجان ها!

مولانارومي فرمائي ٿو:

ڪارپاڪان را قياس از خود مگير
گرچہ ماند درنوشتن شَير شِير

الله وارن جي ڪمن ڪي پاڻ تي قياس نہ ڪر، توڙي جو لکڻ ۾ شير (شينهن)۽ شِير (ڪير) هڪ جهڙا هوندا آهن.

جملہ عالم زين سبب گمراه شد
ڪم ڪسي زابدال حق آگاهہ شد

ان سبب جي ڪري سارو جهان گمراه ٿي ويو، تمام ڪي ٿورا خداتعاليٰ جي ابدالن کان واقف ٿيا.

اشقيا را ديدهٔ بينا نہ بود
نيڪ وبد در ديده شان يڪسان نمود

بدبختن ڪي ڏسڻ واري اک نہ هئي، چگو ۽ برو انهن جي اک ۾ هڪ جهڙو نظر آيو.

هر دوگون آهو گيا خوردند و آب
زين يڪي سرگين شد و زان مشکناب

www.maktabah.org

ٻنهي قسمن جي هڙٻن،گاهه ۽ پاڻي کاڏو پيتو. ان هڪ مان قولهڙيون ٿهيون ۽ ٻئي مان خالص مشڪ.

صد هزاران اين چنين اشباهه بين
فرق شان هفتاد ساله راه بين

اهڙا لکين مثال تنهنجي سامهون آهن(پر) انهن ۾ ستر سالن جي واٽ جيترو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اين خورد گردد پليدي زوجدا
وآن خورد گردد همه نور خدا

هي کائي ٿو ته پليدي ان مان نڪري ٿي ۽ هو جو ڪجهه کائي ٿو، خدا جو نور بنجي وڃي ٿو.

اين خورد زايد هم بخل وحسد
وآن خورد زايد هم نور احد

هي کائي ٿو ته سراسر بخل ۽ حسد پيدا ٿئي ٿو، ۽ هو کائي ٿو ته سڀ خدا جو نور بنجي وڃي ٿو.

آن پسر راکش خضر ببريد حلق
سر آن را درنيابد عام خلق

اهو ڇوڪرو خضر عليه السلام جنهن جي منڊي وڍي هئي، ان جو راز عام خلق نه ٿي سمجهي سگهي.

پوءِ جڏهن ته انهن ڪاملن جي ڪمن ۾ درحقيقت فرق آهي، بلڪ انهن جا گناهه به نيڪيون آهن، جيئن الله تعالىٰ فرمائي ٿو. يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنَاتٍ (پوءِ اهڙن جي) برائين کي الله پلائين سان بدلائي ڇڏيندو.

رباعي

موسيٰ اندر درخت آتش ديد
سبز تر ميشد آن درخت از نار

(۱) مواهب اللدنيه المقصد الخامس- ايضاً زرقاني شريف جلد ۸ص ۲۴۵

www.maktabah.org

شهوة و حرص مرد صاحب دل
همچنان دان وهمچنان انگار

موسيٰ عليه السلام وڻ ۾ باھ کي ڏٺو تہ اھو وڻ باھ سان وڌيڪ سرسبز ٿي رھيو ھو.

ولين جي حرص ۽ شھوت کي بہ اھڙي طرح ئي ڄاڻ ۽ سمجھ.

پوءِ جڏھن انھن کاملن، الله تعالیٰ جي مرضي کي عاجزي ۽ زاري ڪرڻ ۽ دعائن گھرڻ ۾ ڏٺو، تڏھن انھن رضا الاھي حاصل ڪرڻ خاطر دعا کي، جيڪا عاجزي جو ھٿيار آھي اختيار ڪيو اٿن.

دوست دارم خويشتن نہ از برائي خويشتن
بلکہ بھر آنکہ دلبر دوست ميدارد مرا

پاڻ سان محبت اٿم (پر) پنھنجي ڪري نہ، بلکہ ان جي ڪري، جو دلبر جي مون سان محبت آھي.

زندگي گھرجي تہ ان (مالک حقيقي) جي رضا جي لاءِ گھرجي، موت گھرجي تہ ان جي (وصال) لاءِ گھرجي. مولانا رومي فرمائي ٿو:

اين قدر بشنو کہ چون کلئ کار
مي نگردد جز بامر کردگار

ايترو تہ ٻڌ، جو جڏھن سمورا ڪم، خدا جي حڪم کان سواءِ نٿا ٿين.

چون قضائي حق رضائي بندہ شد
حکم اورا بندۂ خواھندہ شد

جڏھن الله تعالیٰ جو حڪم ٻانھي جي رضامندي جو سبب ٿيو تہ ٻانھون ان جي حڪم کي چاھيندڙ ٿي ويو.

بي تکلف ني پئي مژد وثواب
بلکہ طبع او بران شد مستطاب

تڪلف کان سواءِ نہ ڪنھن بدلي ۽ ثواب لاءِ، بلکہ ان جي طبيعت

www.maktabah.org

ان تي خوش ٿي وئي.

زندگي خود نخواهد بهر خود
بلکه خواهد از پئي حکم احد

اهو پنهنجي زندگي، پنهنجي لاءِ نه ٿو گهري، بلڪ الله تعاليٰ جي حڪم جي ڪري گهري ٿو.

بهر يزدان ميزيد ني بهر گنج
بهر يزدان مي مرد نه از خوف ورنج

اهو الله تعاليٰ لاءِ جيئي ٿو، خزاني لاءِ نه، اهو الله تعاليٰ لاءِ مري ٿو، خوف ۽ تڪليف کان نه.

اي مخدوم! رضا ۽ تسليم کان مٿي ڪو بيو مقام ڪونه آهي، جو رضا جي درجي کي ڇڏي، ان ڏانهن منتقل ٿجي، ۽ انهيءَ مقام سان صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين مخصوص ٿيل آهن. نه اولياءِ الله ۽ نه بي باقي امت. پوءِ هن جاءِ تي ائين سمجهڻ نه گهرجي ته جيڪي بانها دعا گهرن ٿا، انهن رضا کي ڇڏي ڏنو آهي، بلڪ (حقيقت ۾) انهن جي دعا گهرڻ ئي رضاءِ الاهي واسطي آهي، ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي ارادن کان فاني ٿي ڪري، الله جل جلاله' جي ارادي سان دعا گهرن ٿا، ڇوتہ اهي "بِيْ يَسْمَعُ وَبِيْ يُبْصِرُ وَبِيْ يَبْطِشُ" (منهنجي ذريعي سان ٻڌي ٿو ۽ منهنجي ذريعي سان ڏسي ٿو ۽ منهنجي ذريعي سان پڪڑي ٿو.) جي درجي کي پهتل آهن. ان وقت اهو دعا گهرندڙ ۽ جنهن لاءِ دعا گهري ٿي وڃي، حق ئي آهي. بانهي جو ڪجهہ بہ نہ آهي، ۽ اهي بانهان جيڪي مٿي ذڪر ڪيل اعتراضن سبب دعا نہ ٿا گهرن ۽ اهي بانهان، جيڪي دعا گهرن ٿا، سي نفس جي غرضن تي واقف ٿي ڪري، پاڻ کي قدرت جي قبضي ۾ ڏسن ٿا (۽) لغزشن کان بچيا آهن. پوءِ جو ڪجهہ بہ گهرن ٿا رباني الهام جي امر موجب گهرن ٿا، حتيٰ ڪہ الله تعاليٰ جي اذن کان سواءِ ڪنهن لاءِ شفاعت بہ نہ ٿا گهرن، ڇاڪاڻ ته ان ۾ انهن جو ڪنهن بہ قسم جو ڪو غرض نہ آهي، جيئن رب تعاليٰ فرمائي ٿو: مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ڪير آهي جو الله تعاليٰ وٽ سفارش ڪري، مگر ان جي حڪم سان.

ڇاڻ گهرجي ته هن جهان ۾ بانهي کي جيڪا بہ تڪليف پهچي

www.maktabah.org

ٿي، اها جلالي صفت جي ڪري آهي، ۽ جيڪو به نفعو ۽ انعام ٻانهي کي ملي ٿو، اهو جمالي صفت جي ڪري آهي، جيئن ڪڪر جڏهن پهريائين ظاهر ٿيندو هيو، ۽ جيستائين اهو معلوم نه ٿيندو هيو، ته اهو ڪڪر جلال جي اثر جو نتيجو آهي يا جمال جو، ته تيستائين حضور انور صلي الله تعالىٰ عليه وسلم امت تي شفقت سبباڻ غمگين ٿيندا هيا. (ته متان اهو ڪڪر عذاب جو نه هجي) سندن غمگين ٿيڻ، پنهنجي نفس لاءِ نه هوندو هيو، چاڪاڻ ته پاڻ ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم ته خدا تعالىٰ جي هن حڪم موجب عذاب کان امن ۾ آهن. لِيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ (۱) (تان ته الله تعالىٰ توهان جي سببان گناهه بخشي، توهان جي اڳين جا ۽ توهان جي پوين جا)

پوءِ جڏهن رحمت جا آثار ڏسندا هيا، جيڪي جمال جي اثر جي ڪري هوندا آهن، ته پاڻ ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن کي فرحت ايندي هئي، ۽ اهو خوش ٿيڻ امت تي سندن شفقت جي ڪري هوندو هيو. نه جلال جي انڪار جي سببان، بلڪ امت جي ضعيف حال جي سببان، جو متان اهي ان تڪليف کي ڪٽي نه سگهن ۽ بي صبري ۽ خوف ۾ پئجي وڃن. ۽ حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن جي ڪلام ۾ هي آيو آهي جو پاڻ جلال کي جمال کان مقدم سمجهن ٿا.

ان جو تفصيل هن طرح آهي، ته الله تعالىٰ جون سموريون صفتون ٻن قسمن جي درجن ۾ (ورهايل) آهن. هڪڙيون جلالي آهن، ٻيون جمالي- پوءِ بهشت، ايمان، معرفت ۽ صالح عمل، جمالي صفتن جو قسم آهن، ۽ دوزخ، شرڪ، ڪفر ۽ گناهه جلالي صفتن جي نتيجي جو اثر آهن. پوءِ سڀ ڪا شيءِ "كُلُّ شَيْءٍ يَّرْجِعُ اِلٰى اَصْلِهٖ" موجب پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي، پوءِ جيڪو شخص ايمان جي شرطن سان صالح عمل ڪندو ته اهو اثر جمالي صفت جو آهي، جنهن ڪري جنت ۾ ويندو، جو اها جنت به جمالي صفت جو اثر آهي، ۽ جنهن شخص، شرڪ، ڪفر ۽ گناهه وارا ڪم پسند ڪيا، جيڪي جلالي صفتن جو اثر آهن، ته اهو انهن جي ڪري دوزخ ۾ ويندو، جو اهو دوزخ به جلالي صفت جو ئي اثر آهي. پوءِ نئين ڪڪر ڏسڻ سان غم ان ڪري ٿيندو هيو ته متان هي نشاني امت جي ڪفر، گناهه ۽ سرڪشي جي سببان هجي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا بَلْ هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ تُدَمِّرُ كُلَّ شَيْءٍ بِاَمْرِ رَبِّهَا (۲)

(۱) سورة فتح آيت ۲ء

(۲) سورة الاحقاف آيت ۲۴- ۲۵

www.maktabah.org

ترجمو: يعني (هود عليه السلام جي قوم وارا) چوڻ لڳا ته هي ڪڙ آهي، جيڪو اسان تي وسندو (حضرت هود عليه السلام انهن کي فرمايو) بلڪ هي ته اهو آهي، جنهن جي اوهان کي جلدي هئي. هڪ آنڌي آهي، جنهن ۾ دردناڪ عذاب، هر شيءِ کي تباه ڪري ڇڏيندڙ آهي پنهنجي رب جي حڪم سان.

جڏهن هي مقدمو معلوم ڪيئي، پوءِ هي ڳالهه ڄاڻڻ گهري ته هرهڪ طالب جو اسماءِ حسنيٰ مان ڪنهن نه ڪنهن اسم سان تعلق ۽ تخلق آهي. جلالي سان هن طرح تعلق ته، ڀانهي کي جيڪاڪ تڪليف پهچي ٿي، اها جلالي صفت جو اثر آهي، ته ان کي گهرجي جو ان کي نعمت ڪري پائين. قرآن ڪريم ۾ آهي عَسٰٓى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ (۱) ترجمو: عين ممڪن آهي ته جنهن شيءِ کي اوهين خراب سمجهو ٿا، اها توهان لاءِ پلي هجي.

هر خراب شيءِ نفس لاءِ جبل جي مثال آهي، جيڪا ان کي گويا فناً ٿي ڪري ڇڏي. حضرت خواجه صاحب جن جي ڪلام ۾ ان قسم واري تعلق ڏانهن اشارو آهي، پوءِ جڏهن جلال واري صفت جو تعلق ڀانهي سان مڪمل ٿيو ته (ازخود) ان جون عادتون ان ۾ ظاهر ٿيندیون. عادتن جو ان ۾ ظاهر ٿيڻ، هن طرح آهي ته جلال واري صفت ان ڀانهي ۾ ظاهر ٿي پوندي، جنهن سبب جي ڪري، ان ڀانهي جو رعب ۽ دهشت، دشمنن ۽ بي دينن تي ظاهر ٿيندو، جيئن مولانا رومي فرمايو آهي ته جڏهن روم جي بادشاهه جو ايلچي حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي اڳيان آيو هيوته ڏسڻ سان سندس بدن ۾ ڏڪڻي پئجي وئي.

آمد او آنجا واز دور ايستاد
مر عمر را ديد در لرزه فتاد

ايلچي آيو، ۽ پري بيهي رهيو. حضرت عمر رضي الله عنه کي ڏنائين ته ڏڪڻي ۾ پئجي ويو.

گفت باخود من شهان را ديده ام
پيش سلطانان مه بگزيده ام

پاڻ کي چوڻ لڳو ته مون ڪيترن بادشاهن کي ڏٺو آهي، ۽ڏن

(۱) سورة البقره آيت ۲۱۶

www.maktabah.org

بادشاهن جي اڳيان عزت وارو هوندو آهيان.

بي سلاح اين مرد خفته بر زمين
من بهفت اندام لرزان چيست اين

هي مرد بغير هٿيارن جي زمين تي ستو پيو آهي. ان ستنين ئي عضون سان ڏکان ٿو، هي ڇا آهي؟

هيبت حق است اين از خلق نيست
هيبت اين مرد صاحب دلق نيست

اها خدا تعاليٰ جي هيبت آهي، مخلوق جي نه آهي. هن گودڙي پوش انسان جي هيبت نه آهي.

مقصد ته طالب کي هر حال ۾ رضا تي راضي رهڻ واجب آهي، جيئن حديثن ۾ آيو آهي ته الله تعاليٰ هميشگي واري عمل کي پسند فرمائي ٿو. طريقت وارا به رضا کي مقاماتن ۾ شمار ڪن ٿا.

صوفين جي اصطلاح ۾ مقام ان کي چئجي، جو طالب ان تي هميشه فائز هجي، ۽ حال ان کي چوندا آهن جو اهو ڦرندو رهي. ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ ته ڪڏهن ڪهڙي حال ۾.

ليڪن مبتدي طالب ۽ منتهي جي رضا واري صورت هڪ ٻئي کان مختلف آهي، چاڪاڻ ته مبتدي نفس جي غرضن کان ڪما حقه، واقف نه آهي پوءِ ان خوف کان ته متان نفس جو ڪو دعا گهرڻ ۾ غرض هجي، تنهن ڪري دعا گهرڻ واري وات کي ڇڏي ٿو ڏئي، ۽ پر منتهي نفس جي غرضن کان چڱي طرح واقف هوندو آهي (۽ هو) سڀ ڪنهن ڪم ۾ رب جي رضا کي يقين سان جاڻي سوال ڪري ٿو، ۽ جنهن ڳالهه جي باري ۾ انهن کي علم نه هوندو آهي ته (ان لاءِ دعا گهرڻ) کان پاسو ڪندا آهن. جيئن حضرت نوح عليه السلام قوم جي عذاب وقت دعا گهري هئي ته جواب مليو هيس. قَالَ يَا نُوحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ فَلَا تَسْئَلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ اِنِّيْ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجَاهِلِيْنَ* قَالَ رَبِّ اِنِّيْ اَعُوْذُبِكَ اَنْ اَسْئَلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ (۱)

ترجمو: فرمايائين اي نوح! اهو تنهجي گهر وارن مان نه آهي. بيشڪ ان جا ڪم نيڪ نه

(۱) سورة هود آيت ۴۶، ۴۷

آهن، تون مون کان اها ڳالهه نه گهر، جنهن جو توکي علم نه آهي، آءٌ توکي نصيحت فرمايان ٿو ته نادان نه بڻج. (نوح عليه السلام) عرض کيو اي رب آءٌ تنهنجي پناهه گهران ٿو ته توکان اها شيءِ گهران جنهن جو مون کي علم نه آهي.

تفسير وجيز واري ان آيت جو تفسير هن طرح کيو آهي ته مون کان اهڙي شيءِ جو سوال نه ڪر، جنهن جو توکي ڪو علم نه آهي. هن هنڌ تي ڪن ماڻهن جو گمان آهي ته انهن منتهي طالبن رضا جي واٽ ڇڏي سوال ۽ دعا کي پسند کيو اٿن. اهو انهن جو گمان غلط آهي. بلڪ انهن (منتهي طالبن) جي رضا مبتدين جي رضا کان ڪامل آهي، ڇاڪاڻ ته اهي (مبتدي) سوال نه ڪرڻ جي ڪري مناجات واري لذت کان محروم ٿيا آهن، ۽ منتهي طالبن جيتوڻيڪ باطن ۾ (فنا في الله) ۽ (بقا بالله) ٿي ڪري، ربوبيت وارو رنگ ورتو اٿن ته به اهي ظاهر ۾ عبوديت جو اقرار ڪن ٿا.

منم آن بنده مرد تمامي
کند با خواجگي کار غلامي

مان ان ڪامل انسان جو ٻانهو آهيان، جيڪو سرداري هوندي به غلامي وارا ڪم ڪري ٿو.

ڇاڻڻ گهرجي ته جلال ۽ جمال ٻئي الله تعاليٰ جون صفتون آهن، ۽ الله تعاليٰ جون سڀ صفتون قديم آهن. جيڪڏهن سابق (اڳين) کي مسبوق (پويون) چونداسون، ته مسبوق کي سابق جي بنسبت حادث چئي سگهبو. (نعوذبالله منها)

الله تعاليٰ پنهنجي ازلي علم ۾ جڏهن ڪنهن شخص جي لاءِ نازن، نعمتن ۾ بهتري ڏٺي آهي ته ان کي نازن نعمتن ۾ پالي ٿو، جيڪي جمال وارن صفتن جو اثر آهن. جڏهن انهن کي ڪو ڏک ۽ تڪليف پهچي ٿي ته بي صبري ۽ خوف ۾ پئجي وڃن ٿا، پر ڪنهن جي پلائي ازلي علم ۾ ڏکن ۽ مصيبتن ۾ جاتي اٿس ته انهن کي ڏکن ۽ مصيبتن ۾ ئي رکي ٿو. جو اهي جلالي اثر کان آهن. جيڪڏهن انهن کي نازن ۽ نعمتن ۾ رکي ها ته هٽ ۽ گناهن ۾ پئجي وڃن ها. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ (۱) ترجمو: ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي سيني ٻانهن جو رزق ڪشادو ڪري ڇڏي ها ته ضرور زمين ۾ فساد پکيڙن ها.

(۱) سورة شوريٰ آيت ۲۷

پوءِ جلالي صفت وارن کي جلال پسند آهي، ۽ جمالي صفت وارن لاءِ جمال پلو آهي. اهڙي طرح طالبن مان کن جي پرورش جلالي صفت واري تجلي سان ٿئي ٿي، ته کن جي جمالي صفتن جي تجلي سان، ۽ کن جي وري بنهي صفتن سان پرورش ٿيل آهي. پوءِ مبتدي طالب جو تعلق جلالي صفت سان به هجي ٿو ته جمالي صفت سان به، يا وري بنهي سان تعلق هوندو اٿس.

منتهي طالبن مان به کنهن ۾ جمال واريون عادتون پيدا ٿيل هونديون آهن، ته کنهن ۾ جلال واريون ۽ کنهن ۾ وري ٻئي هونديون آهن.

پاڻ سڳورا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن نه سکر جا صاحب هئا، نه مبتدي هئا، بلڪ پاڻ منتهين کان به وڌيڪ منتهي هئا. جلال جي ڪري سندن رعب هڪ مهيني جي پنڌ تائين ٿي پيو، ۽ اهو جلال جو اثر هيو، جنهن شخص کين بغير معرفت جي ڏٺو ٿي ته ان تي رعب ٿي پيو، ۽ اهو به جلال جي ڪري هيو، ۽ جنهن کي معرفت هئي، تنهن کي دوست ٿي رکيائون، ۽ اهو جمال جي ڪري هيو.

مواهب اللدنيه (ڪتاب) ۾ آهي، هڪڙو شخص حضور انور صلي الله تعاليٰ عليه وسلم وٽ آيو ۽ اچي سندن اڳيان بيٺو. پوءِ ان کي اچي ڏڪڻي ۽ خوف ورتو، ۽ ساڳي ئي ڪتاب ۾ آهي ته حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم مسجد شريف ۾ اوڪڙو ويٺل هيا ته بيبي قيلهٰ بنت مخرمهٰ حضور جن کي ڏٺو ۽ ڏسڻ سان خوف جي ڪري ڏڪڻ لڳي. (انتهيٰ)

اهو سڀ ڪجهه سندن جلالي صفت جي اثر کان هيو. مولوي رومي فرمائي ٿو:

آمد و آنجا واز دور ايستاد
مر عمر را ديد و در لرزه فتاد

ايلچي اتي آيو ۽ پري کان بيهي رهيو. حضرت عمر کي ڏٺائين ته ڏڪڻي ۾ پئجي ويو.

هيبتي زان خفته آمد بر رسول
حالتي خوش کرد برجانش نزول

ايلچي تي ان ستل جي هيبت طاري ٿي وئي. هڪ سڻي حالت ان

www.maktabah.org

جي جان تي نازل ٿي ويئي.

مهر وهيبت هست ضد يک دگر
اين دو ضد را جمع ديد اندر جگر

محبت ۽ هيبت ٻئي هڪ ٻئي جا ضد آهن. انهن ٻنهين ضدن کي ان پنهنجي جگر ۾ هڪ هنڌ ڏنو.

پوءِ روم جي ايلچي تي جيڪا هيبت طاري ٿي هئي، اها حضرت عمررضي الله عنه جي جلالي صفت جي اثر کان هئي، ۽ سڀني حالت ۽ محبت (جيڪا ان کي محسوس ٿي هئي سا) سندن جمالي صفت جي اثر کان هئي.

حضرت امير عمررضي الله تعالىٰ عنه، صحابہ ڪرام ۾ مڪمل (مرتبي وارو) هيو، تنهن ڪري کين سڀ ۽ نقص جي نسبت ڏيڻ جائز نہ آهي.

مواهب اللدنيہ ۾ آهي، هن امت جي شريعت، اڳين شريعتن جي بنسبت وڏيڪ ڪامل شريعت آهي، جنهن جي واضح هجڻ سبب ان بابت وڏيڪ بيان ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ آهي. (اهـ)

هي جيڪي منهنجي سمجهہ ۾ آسان هيو، سو بيان ڪيم، پوءِ كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ * موجب سڀ کو ماٺهو پنهنجي علم موافق سمجهي۽ ڇاڻي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالىٰ ڏانهن پهچڻ جا طريقا (رستا) مخلوقات جي تعداد جيترا آهن، پوءِ جيڪو بہ طريقت واري جنهن بہ رستي تي هليو تہ ان انهيءَ جي ڳالهہ ڪئي.

ڇاڻڻ گهرجي تہ "خوف" ۽ "حزن" جا گهٽا ئي قسم آهن. هڪڙن کي دنيا جي آفتن اچڻ جو خوف ۽ ڊپ هوندو آهي، ۽ ٻين کي آخرت جي سزا ۽ عذاب جو خوف ۽ ڊپ هوندو آهي. اهڙن کي "ابرار" چوندا آهن، ڪن کي مولا تعالىٰ جي قرب (حاصل ڪرڻ) جو غم هوندو آهي. اهي مقرب آهن، انهن وٽ سزا ۽ عذاب جو غم ڪرڻ گناهہ آهي. ابرارن جون نيڪيون سي مقربين لاءِ گناهہ آهن، ۽ طالبن مان هڪڙي جماعت آهي، (جن کي مخلصين ٿا چون) جن کي رضا جي طلب آهي، انهن کي رضا جي وڃائڻ جو خوف ٿيندو آهي. اهي جيڪڏهن محبوب جو رضامندو جدائي ۽ پري گذارڻ ۾ ڏسندا آهن تہ ان تي ئي راضي رهندا آهن. مولانا جامي فرمائي ٿو:

هجري کہ بود مراد دلبر
از وصل هزار بار خوشتر

www.maktabah.org

اهو وچوڑو، جو محبوب جي مراد آهي، وصل کان هزار پيرا بهتر آهي.

ميل من سوئي وصالش قصد او سوئي فراق
ترک کام خود گرفتم تا برآيد کام دوست

منهنجو لاڑو، ان جي وصال ڈانهن (پر) ان جو ارادو جدائي ڈانهن آهي. مون پنهنجي مراد ڇڈي ته پلي دوست جي مراد پوري ٿئي.

ابرارن جون نيڪيون، اهڑن مخلصن لاءِ گناهه آهن. مواهب اللدنيه ۾ آهي:- حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي امت جي خصوصيتن مان هڪ هيءَ خصوصيت به آهي، ته سندن شريعت بنسبت اڳين شريعتن جي وڏيڪ کامل شريعت آهي، جنهن جي واضح هجڻ سبب،ان بابت وڏيڪ بيان ڪرڻ جي ضرورت کانه آهي، ڇوته اها بلڪل واضح حقيت آهي. تون حضرت موسيٰ عليه السلام جي شريعت ڈانهن نظر ڪري ڏس، ته سندس شريعت جلاليت ۽ قهر واري هئي (جو) ان جي امت کي توبهه قبول پوڻ لاءِ هي حڪم ڪيو ويو هيو ته پنهنجي پاڻ کي قتل ڪيو (ته پوءِ اوهان جي توبهه قبول پوندي) ۽ انهن تي چربي ۽ ڪُرن وارا جانور ۽ ٻيون پاڪ شيون حرام ڪيون ويون، ۽ انهن تي غنيمت جو مال کائڻ به حرام ڪيو ويو، ۽ انهن کي بداعمالي سبب عذاب به جلد ملندو هيو، ۽ انهن تي سخت تڪليفون ۽ بار رکيا ويا، جو کنهن تي به انهن کان سواءِ کونه رکيا ويا هيا، ۽ الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ موسيٰ عليه السلام وڏي هيبت ۽ شان وارو هيو، ۽ سخت مزاج به هيو ۽ خدا کارڻ غصو ڪندو هيو ۽ الله تعاليٰ جي دشمنن کي پڪڙ ڪندو هيو. (سندس جلال ۽ هيبت سبب) کوبه ان ڈانهن نظر ڪري کونه سگهندو هيو ۽ هاڻي حضرت عيسيٰ عليه السلام جو حال ٻڌ، جو هو جمال واري صفت جو مظهر هيو ته سندس شريعت به نرم ۽ احسان ۽ پلائي واري هئي. ان نه کنهن سان جنگ ۽ جهڳڙو ڪيو،۽ سندس شريعت ۾ لڑائي ته مورڳو کانه هئي. نصارن تي سندن دين ۾ جنگ ڪرڻ حرام آهي، حالانڪ انهن جنگ ڪري، پنهنجي دين جي بيفرماني ڪئي آهي. انهن جو ڪتاب انجيل، نصارن کي حڪم ڏئي ٿو ته جيڪو اوهان جي ساڄي ڳل تي چماٽ هڻي، ان کي کاٻو ڳل پيش ڪيو (يعني انتقام نه ونو) ۽ جيڪو اوهان کان ڪپڑو کسي ان کي پنهنجي چادر ڏئي ڇڈيو، ۽ جيڪو اوهان کي هڪ ميل هلڻ لاءِ ڇڪي هلي ته ان سان به ميل هليا هلو. اهڑي طرح پيا احڪام به انهن کي مليل آهن. انهن (نصارن) جي شريعت

www.maktabah.org

ھر کابہ سخت تکليف ۽ سخت پابندي کانہ آھي، پر پوءِ بہ نصارن تہ پنھنجي طرفان "رھبانيہ" شروع کري ڏني، حالانڪ انھن تي فرض کانہ ڪئي وئي ھئي. پر اسان جو نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جلال ۽ جمال واري سڀني صفتن جا جامع ڪامل مظھر ھيا. انھن مضبوطي ۽ انصاف سان الله تعاليٰ جي راھہ ۾ تڪليفون برداشت ڪيون، ۽ نرم دل، مھربان ۽ احسان ڪرڻ وارا ھيا. پوءِ سندن شريعت ۾ين سڀني شريعتن کان زور ڪامل آھي، ۽ سندن امت بہ ۾ين سڀني امتن کان زور ڪامل آھي، ۽ انھن جا حال ۽ مرتبا بہ اڪمل آھن. ان (جامع ڪامل مظھر ھجڻ) جي ڪري سندن شريعت جا احڪام ۽ امور (وچٽرائپ ڪري) فرض، واجب ۽ مستحب ٿي ڪري آيا آھن، ۽ (امت تي آساني خاطر) مباح امر بہ ان شريعت ۾ آھن. ان شريعت ۾ سختي واري جاءِ تي سختي جو حڪم آھي، تہ نرمي واري جاءِ تي نرمي بہ آھي. تلوار رکڻ (جنگ بند ڪرڻ) واري جاءِ تي تلوار رکڻ جو حڪم آھي تہ پلائي واري جاءِ تي پلائي ڪرڻ جو بہ حڪم آھي. ظلم کان روکڻ لاءِ نصيحت ڪئي وئي آھي ۽ ان کي حرام بہ سڏيو ويو آھي ۽ انصاف جي تعريف بہ ڪئي وئي آھي ۽ ان کي قائم ڪرڻ جو بہ حڪم ڪيو ويو آھي ۽ احسان ڪرڻ لاءِ بعض آيتن ۾ دعوت بہ ڏني وئي آھي. (۱)

پوءِ جڏھن ان عبارت مان معلوم ٿيوتہ حضرت موسيٰ کي جلاليت واري صفت ھئي، ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي جماليت واري صفت، ۽ خاتم المرسلين صلي الله عليه وسلم جلال ۽ جمال جي ٻنھي صفتن جا جامع ھيا. پوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام جيڪو اولوا العزم نبين مان آھي، تنھن کي جلالي صفت ھجڻ ڪري صاحب سڪر ۽ ناقص چوڻ، اھا ڳالھہ نبي جي ادب کان پري آھي.

الله تعاليٰ وڌيڪ ڄاڻي ٿو.

خط مبارڪ ايڪيھون

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ - الخ - آيت شريف بابت، مخدوم پير محمد رحمة الله جي سوال جي جواب ۾ لکيو ويو

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

تفسير حسيني ۾ "اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ" آيت جي معنيٰ ھن طرح آھي

(۱) مواھب اللدنيہ جلد اول ص۴۲۸. باب خصائص امة صلي الله عليه وسلم

www.maktabah.org

تہ بيشڪ اسان پيش ڪيو، امانت کي- ان مان مراد عبادت آهي. يا شرعي حدون مراد آهن. موضح (ڪتاب) وارو چوي ٿو تہ (امانت مان مراد) نماز، روزا، زڪواة، حج، جهاد ۽ ماڻهن جي امانتن جي حفاظت ڪرڻ، ۽ زبان کي بيفائدي گفتگو کان روڪڻ آهي، ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ جنابت واري حالت ۾ غسل ڪرڻ مراد آهي. (۱)

تفسير بيضاوي ۾ آهي تہ امانت مان مراد عقل (سمجهہ) ۽ مڪلف هجڻ آهي. (۲) کي چون ٿا تہ امانت مان مراد فرائض آهن، ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ان مان مراد خلافت آهي.

تفسير ديلمي ۾ آهي تہ، امانت مان هي مراد آهي تہ هن ڪثيف عالم اجسام ۾ الله تعاليٰ جي امرن ۽ نهي وارن ڪمن کي پورو ڪجي، ۽ تابعداري سان، بدن ۽ عضون جي محنت مشقت سان انهن عبادتن تي قائم رهجي، پر لطيف عالم اجسام ۾ نفس ۽ قلب جا عمل، امانت مراد آهن، ۽ هي ٻئي (نفس ۽ قلب) جسم لطيف آهن، ۽ قلب تہ نفس کان گهڻو لطيف آهي، ۽ روحانيت واري عالم ارواح ۾ نفس جا عمل بہ مراد آهن. (انتهيٰ)

ڪن وٽ امانت مان مراد محبت آهي. هي جيڪي امانت بابت تفسير بيان ٿيو سو عامين ۽ خاصن جي مزاج موجب آهي، پر جيڪي خواص الخواص ٻانها آهن، سي ڄاڻن ٿا تہ اها امانت هي آهي جو الله تعالي، نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي زبان مبارڪ تي ٻگالهائي شاهدي ڏني آهي تہ مون کي زمين ۽ آسمان نہ ماپائيندا (البتہ) مؤمن ٻانهي جو قلب مون کي ماپائيندو.

۽ هي ٻيو الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ، آءٌ ٻانهي جي گمان وٽ آهيان (۳) جيسين مون سان گڏ آهي. ۽ گمان جي جاءِ قلب آهي، ۽ الله تعاليٰ داؤد عليہ السلام کي فرمايو هيو تہ اي داؤد! منهنجي لاءِ گهر واندو ڪر تہ آءٌ ان ۾ رهان. گهر مان مراد قلب آهي. پوءِ جنهن شخص منهنجي رهڻ واري هنڌ کي ڍڪن ۽ گڏهن ۽ ٻين اسبابن ۽

(۱) تفسير حسيني ص۶۸۴

(۲) تفسير بيضاوي جلد ٻيو ص۲۰۲

(۳) اها حديث شريف مشڪواة کان سواءِ ٻين ڪتابن، جهڙوڪ مسند امام احمد بن حنبل، دارمي شريف، بخاري شريف، مسلم شريف، ترمذي شريف ۽ مسند ابي يعليٰ ۾ پڻ مذڪور آهي.

www.maktabah.org

فصلن جي (محبت) سان مشغول ڪري ڇڏيو، ۽ ان کي منهنجي ذات کان سواءِ بين کان خالي نه ڪيائين تہ اهو شخص پريٽ شيطاني صفت هجڻ سبب ظالم ٿيو، ۽ بهيميہ (چوپاين جانورن) جي صفت رکڻ ڪري جاهل ٿيو. (انتهيٰ عبارت ديلمي)

تاويلات عبدالرزاق کاشي ۾ چيو ويو آهي، تہ امانت مان مراد توحيد آهي. ڪن وٽ امانت مان مراد الله تعاليٰ جي اسماءِ حسنيٰ سان پاڻ کي متصف ڪرڻ آهي. اهو سڀ ڪجهہ تفسيرن تان نقل ڪيو اٿر.

پر پيارا! جيڪي عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ڳجها راز آهن، تن جي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم کي وڌيڪ ڄاڻ آهي.

رباعي

آن لعل گران بها ز کان دگرست
وآن دريگانہ را نشان دگرست
انديشہ اين وآن خيال ما ومن است
افسانہ عشق را بياني دگرست

هو ڳري قيمت وارو لعل ان جي کاڻ ٻي آهي، ۽ ان يگاني موتيءَ جو نشانو ٻيو آهي. هن ۽ هُن جي فکر وارو خيال مون سان آهي. پر عشق جي افساني جو بيان ڪو ٻيو آهي.

عاشقن جي زبان هيڻان اهڙيون ڳالهيون مخفي ۽ لکل آهن، جنهن جو چپ بہ محرم راز نہ آهي. تنگ دل وارن جي سيني منجهہ جيڪو نفس آهي، سو پڻ سندن دوست نہ آهي، ۽ عاشقن ۽ معشوقن جي وچ ۾ جيڪا گفتگو آهي سا پڻ اکين جي اشارن کان سواءِ سمجهي نٿي سگهجي. اهڙي طرح عاشقن ۽ معشوقن جي وچ ۾ جيڪا جستجو آهي سا پڻ پروڻ جي پير کان سواءِ ڏسي نہ سگهبي. شعر:

شعر: يكلمنا في الوجوه اعيننا
فنحن سكوت والهواءُ يتكلموا

اسان سان (محبوب) ڳالهائي ٿو. اسان جون اکيون سندن منهن ۾ آهن. اسين خاموش آهيون، سڏون ڳالهائين ٿيون.

www.maktabah.org

رباعي

هر کجا من ويار بهر باز رسيديم
ازبيم بد انديش لب خويش گزيديم
بيواسطه گوش وزبان طرف چشم
بسيار سخن بود که گفتيم وشنديم

جتي به آءٌ ۽ دوست گڏ ٿياسون، ته دشمن جي خوف کان (چپ چپ ۾) پنهنجا چپ چڪياسون. ڪنن ۽ زبان جي واسطي کان سواءِ، صرف اکين جي اشارن ۾ گهٽيون ڳالهيون هڪ ٻئي کي چيون سون ۽ ٻڌيون سون.

بيت

ڪاجا ڳالهه ڳجهي، هڪ ميان ٻي مگٽي
سالڪ پيا پيماس ۾، عاقل ويا اجهي
ڪهڙي خبر خلق کي، اهڙي سر اسرار جي

چوٽي آهي ته جيڪا ڳالهه دل مان نڪرندي سا دل ۾ ويندي. يعني الهامي ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ دل وارا ڪن گهرجن. جيئن مولانا رومي فرمائي ٿو:

سينه خواهم شرح شرحه از فراق
تا بگويم شرح درد اشتياق

درد ٻڌائڻ لاءِ مون کي اهو سينو درڪار آهي، جيڪو فراق کان ٽڪرا ٽڪرا هجي، تان ته مان ان جي اڳيان درد شوق کولي بيان ڪيان.

رباعي

سريست درين سينه گفتن نتوانيم
دريست درين بحر که سفتن نتوانيم
مشکل هم اين است که ما مشکل خودرا
گفتن نتوانيم، نهفتن نتوانيم

هن سيني ۾ هڪ اهڙو راز آهي، جيڪو ٻڌائي نه ٿا سگهون. هن

www.maktabah.org

درياءَ ۾ هڪ اهڙو موتي آهي، جنهن کي پوئي نه ٿا سگهون. مشڪل ته اها آهي جو اسان پنهنجي مشڪل کي نه زبان سان چئي سگهون ٿا، ۽ نه لکائي ٿا سگهون.

اي مخدوم! امانت مان مراد اها ذات آهي، جيڪا سڀني اعتبارن ۽ تمام صفتن جو مجموعو آهي. بخلاف ٻي موجودات جي، جاکاڻ ته انهن مان هرڪا شيءِ ڪنهن نه ڪنهن رباني صفات مان، ڪنهن هڪڙي صفت جو مظهر آهي، جنهن لاءِ هي حديث قدسي تائيد ڪري ٿي. (مون کي زمين ۽ آسمان نه ماپائيندا. (البت) مؤمن ٻانهي جو قلب مون کي ماپائيندو).

۽ هي جو چيو اٿن ته امانت مان مراد محنت ومشقت ۽ عبادت وغيره وارا ڪم آهن، پوءِ اهي صرف انسان لاءِ مخصوص نه آهن، بلڪ انهن ڪمن ۾ ملائڪ ۽ جن به شريڪ آهن، ۽ ڀٽ آسمان ۽ زمينون به ان ۾ شريڪ آهن. جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي: قَالَتَا اَتَيْنَا طَائِعِيْنَ (۱) ۽ هي جو امانت مان مراد عقل ۽ محبت ورتي اٿن، ته انهن ٻنهي ۾ امانت جي بار کڻڻ، ۽ ان جي نگهباني ڪرڻ جي صلاحيت آهي، جيئن مولانا جامي فرمائي ٿو:

آدمي چيست برزخ جامع
صورت خلق حق درو واقع

آدمي ڇا آهي. اهو هڪ برزخ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ الله تعالىٰ جي خلقڻ واري صورت پيل آهي.

نسخۂ مجمل است مضمونش
ذات حق وصفات بي چونش

اهو هڪ اجمالي نسخو آهي. حق جي ذات ۽ صفات بيمثال ان جو مضمون آهي.

متصل بادقائق جبروت
مشتمل بر حقائق ملكوت

اهو جبروت جي باريڪين سان مليل آهي، ۽ ملڪوت جي حقيقتن تي شامل آهي.

(۱) سورت حم سجده آيت ۱۱

www.maktabah.org

باطنش در محیط وحدت غرق
ظاهرش خشک لب بساحل فرق

ان مخلوق جو باطن سمنڊ ۾ ٻڏل آهي. ان جو ظاهر سڪل آهي فرق جي ڪناري تي.

یک صفت نیست از صفات خدا
کہ نہ در ذات او بود پیدا

خدا جي صفتن مان هڪ به اهڙي صفت نه آهي، جيڪا ان جي ذات ۾ مظهر نه هجي.

هم علیم است وهم سمیع وبصیر
متکلم ومرید وحي قدیر

علیم به آهي، سميع به آهي، بصير به آهي، ڳالهائيندڙ به آهي، ارادو فرمائيندڙ به، حي ۽ قدير به آهي.

همچنین از حقائق عالم
هم چیزي در وبود مدغم

اهڙي طرح ساري جهان جون حقيقتون، سيئي منجهس ڇپيل آهن.

خواه افلاک خواه ارکان گیر
خواه کان یا نبات حیوان گیر

توڙي آسمان، توڙي ستون هجن، توڙي ڪاٺيون هجن يا نباتات ۽ حيوان هجن.

صورت نیک وبد نوشته درو
سیرتي دیو ودد سرشته درو

ان(انسان) ۾ نيڪ ۽ بد صورت لکيل آهي،۽ ان ۾ جن ۽ ڀاڙيندڙ جانور جي عادت آهي.

www.maktabah.org

گر نہ مرآت وجہ باقي بود
از چہ رو شد فرشتہ را مسجود

جيڪڏهن انسان، بقا واري ذات جي آرسي نہ هجي ها تہ ملائكن جو مسجود ڇو ٿئي ها.

بود عكس جمال حضرت پاك
اگر ابليس رہ نبرد چہ باك

جڏهن تہ انسان ان ذات پاك جي جمال جو عكس هيو، پوءِ جيكڏهن ابليس سجدي كرڻ واري وات نہ ورتي تہ كهڙو خوف آهي.

هرچہ در گنج كنت كنز نهان
بود دروي خدا نمود عيان

جيكي "كنت كنزا مخفيًا" واري خزاني ۾ مخفي راز هيو، تنهن كي خدا تعاليٰ ان انسان ۾ پڌرو كيو.

خلق را در ظهور پيدائي
هستي اوست علت غائي

خلق جي ظاهر كرڻ ۾ جيكا علت غائي هئي، سا سندس ذات آهي.

زانكہ عرفان بود سبب مارا
اوست مظهر كمال عرفان را

اسان جي لاءِ پاڻ سڃاڻائڻ كي سبب ٺاهيائين. اهوئي معرفتن جي كمالات جو مظهر آهي.

ان ڳالهہ جو تفصيل هن طرح ڄاڻڻ گهرجي تہ "عالم" ٽي آهن. هكڙو عالم الاهي، ٻيو عالم امر، ٽيون عالم خلق- انهن ٽنهي عالمن مان هرهك جا ٻہ كتاب آهن. هكڙو مجمل، جنهن كي ام الكتاب ٿا چون، ٻيو مفصل، جنهن كي كتاب المبين چون ٿا. پوءِ عالم الاهي ۾ ام الكتاب ذات بحت ئي آهي، ۽ سندس علم، كتاب المبين آهي.

www.maktabah.org

عالم امر کان قلم ام الکتاب آهي، ۽ لوح (فرحي) کتاب المبين آهي. عالم خلق کان کرسي، ام الکتاب آهي، ۽ عرش، کتاب المبين آهي. ۽ جيڪي ام الکتاب ۾ مجمل آهي سو کتاب المبين ۾ مفصل آهي. پوءِ انسان اهو کتاب آهي، جيڪو انهن ڇهن ئي کتابن جو جامع آهي، ۽ تنهي عالمن جو آئينو آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو سَنُرِيْهِمْ آيَاتِنَا فِي الْآفَاقِ وَفِيْ اَنْفُسِهِمْ (۱)

جيئن ته انسان جو نفس ام الکتاب آهي عالم خلق ۾، ۽ کرسي جو آئينو آهي، ۽ عالم خلق ۾ انسان جو بدن کتاب المبين آهي، ۽ عرش جو آئينو آهي، ۽ انساني روح ام الکتاب آهي. عالم امر ۾ ۽ اهو قلم جو خاص آئينو آهي، ۽ انسان جو قلب کتاب المبين آهي عالم امر ۾، ۽ اهو لوح (قرهي) جو آئينو آهي، ۽ سڀ انسان ذات، حق سبحانه' وتعاليٰ جي ذات جو آئينو ۽ ام الکتاب آهي، ۽ انسان جي تفصيل جو علم، سو حق سبحانه' وتعاليٰ جي علم جو آئينو ۽ کتاب المبين آهي.

مولانا رومي فرمائي ٿو:

علم حق در علم صوفي گم شود
اين سخن کي باور مردم شود

حق تعاليٰ جو علم، صوفي جي علم ۾ گم ٿئي. اها ڳالهه عام ماڻهن کي مڃڻ ۾ کيئن ايندي؟

يعني حق تعاليٰ جو علم- کامل انسان جي علم ۾ گم ٿئي ٿو. پوءِ جيئن حق سبحانه' وتعاليٰ سيني عالمن لاءِ محيط آهي، جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي: اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ (۲) ۽ ٻئي هنڌ ارشاد آهي، وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ (۳) ته اهڙي طرح انسان به مڙني عالمن جو آئينو آهي.

انهيءَ سببان ته حق سبحانه' وتعاليٰ جو خليفو يعني نائب ٿيو آهي. اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً (۴) الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمايو آءُ زمين ۾ پنهنجو

(۱) سورت حم سجده آيت ۵۳
(۲) سورت روم آيت ۱۱
(۳) سورت
(۴) الحاوي للفتاويٰ ص۲۳۸

www.maktabah.org

(نائب) خليفو بنائڻ وارو آهيان.

پوءِ خليفو اهو هوندو آهي، جيڪو پنهنجي اصل مالڪ جي غير حاضري ۾ سونپيل ڪمن جي پوئواري ڪري، ۽ مالڪ جي حاضر ٿيڻ وقت معزول (ڏيوٽي تان لٿل) هجي. بلڪ معدوم (ڪجهہ بہ نہ) هجي. پوءِ هي انساني ستارو، اونداهي رات ۾ تہ روشن، ۽ چمڪندڙ آهي، ۽ گڏ ٿيڻ واري ڏينهن يعني قيامت ۾ ان خلافت کان معزول ۽ معدوم هوندو. پوءِ امر ٿيندس تہ هي پنهنجي عملن جو ڪتاب اڇي پڙهہ جيئن ارشاد آهي: اِقْرَأْ كِتَابَكَ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ حَسِيْبًا، يعني اهو ڪتاب تنهنجي حساب ڏيڻ لاءِ جهان جي ٻين ڪتابن کان ڪافي آهي. پوءِ جنهن شخص بہ انسان جي تفصيلي علم کي حاصل ڪيو، اهو حق تعالىٰ جي علم کان واقف ٿيو. "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ"- جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.

جيڪڏهن تون هن ڪتاب کي پورو پڙهندين تہ ڪامل انسان ۽ حق سبحانہٗ وتعالىٰ جو خليفو ٿيندين، ۽ آدم عليہ السلام وانگر سڀني جهانن جو علم حاصل ڪندين، ۽ اسماءَ ڪلها وارو آدم عليہ الصلواة والسلام جو علم هو، اهو ان ڪتاب وارو علم هيو، جيڪڏهن سمورو ڪتاب پڙهي نہ سگهين تہ پوءِ (هن آيت شريف جي حڪم موجب) "فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ"- جيترو ان مان آسان لڳيو اوترو پڙهو، پر هن ڪتاب جي علم کان بلڪل خالي هجڻ، انسانيت جي مرتبي کان تمام پري آهي.

همچو نابينا مبر هر سوئي دست
تا ترا زير گليم ست هر چہ هست

انڌي وانگر هر طرف هٿ نہ ڌڳهو ڪر، چاڪاڻ تہ تنهنجي لاءِ جو ڪجهہ آهي، سو گودڙي هيٺان آهي.

بيت

ڪُنْ ڪنهن چيو، فيَكُوْنُ ڪير ٿيو
عدم تي اَحَدِيَّت جو پرتو پيو
منجهان تنهن ٿيو، مادو معلومات جو

بيت

مادو معلومات جو، آيو عين انسان
هيءُ ۽ هو جهان، تفصيل آهي تنهن جو

بيت

ڏيو هاري ڏيل ۾- پسين جي پيهي
ته ظاهر باطن علم جو مُلان مجهيئي
سڌ سوڏن پيئي خاص انهين خيال جي

فارسي شعر

تو بقيمت ورائي دو جهاني
چه کنم قدر خود نميداني

تون ملهه ۾ ٻنهي جهانن کان به مٿي آهين، چاکريان پنهنجو قدر نه ٿو چاڻين.

آئينه سکندر جام جم است بنگر
تا بر تو عرض دارد احوال ملک دار

سکندر جو آئينو، جمشيد جو جام آهي. ڏس تان ته توتي دارا جي ملک جا احوال پيش ڪري.

اها ڳالهه جيڪڏهن سمجهه ۾ نه آئي اٿو ته ٻئي طريقي سان بيان ڪريان ٿو. بشرطيڪ دل جي ڪنن سان ٻڌو.

چاڻ ته،جڏهن اسماءِ الاهي وارو خزانو "کنت کنزاً مخفياً" جي ڪاڻ ۾ مخفي هو جنهن وقت ازلي ارادي جي خواهش ٿي ته ان خزاني کي کولي ظاهر ڪجي. پوءِ جيڪا شيءِ ممڪنات مان غائب هئي، تنهن سڀ کي عدم جي دوکان تي اجمالاً ظاهر ڪري رکيائين. انساني روح به ان مان آهي. وري ٻنهي جهانن تي پنهنجي تجلي ڪيائين، ۽ موجودات جي هر هڪ فرد کي پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن هڪ اسم جو مظهر بنايائين، ۽ انسان کي پنهنجي اسم اعظم جو مظهر ڪيائين، ۽ اهو اسم اعظم الله آهي. جو سندس ذاتي نالو آهي، جهڙي طرح انسان سيني عالمن جو جامع آهي، ته اسم الله به

www.maktabah.org

سيني عالمن جو جامع آهي.

پوءِ اسر "الله" جي لفظ ۾ جيڪو الف آهي، تنهن مان مراد عالم الاهي جي ذات آهي، ۽ متحرڪ (حرڪت واري) لام مان مراد عالم ملڪوت آهي، جنهن کي عالم امر ۾ چوندا آهن، ۽ لام ساڪن مان مراد ملڪ آهي جنهن کي عالم خلق ۾ چئبو آهي. پوءِ ملڪوت جي لام جو متحرڪ هجڻ، ۽ ملڪ جي لام جو ساڪن هجڻ، تنهن ۾ هڪ مخفي راز ڏانهن اشارو آهي، ته عالم ملڪوت، حرڪت ڏيندڙ، هلائيندڙ آهي. عالم ملڪ کي، ۽ "عالم ملڪ" ساڪن (بينل) آهي. اهو پاڻ حرڪت نه ڪندو آهي، ۽ توکي خبر نه آهي، ته جسم ۽ ملڪ جو هڪ قسم آهي، جنهن کي پنهنجي چرپر ناهي. ساڪن آهي، ۽ قلب وري ملڪوت جي قسم مان آهي، جيڪو "محرڪ" حرڪت ڏيندڙ آهي. ۽ اسم الله ۾ جيڪا "ه" آهي، ان مان مراد انسان آهي، ۽ اها "ه" جنهن وقت اسم الله سان موصول (مليل) آهي، ته ان کي هڪ دائري ۾ هن طرح "ه" ٿا لکن، پر جنهن وقت اها "ه" اڪيلي هوندي آهي، ته ٻن دائرن ۾ (هن طرح) "هـ" ٿا لکن.

ان ۾ هڪ مخفي ڳالهه ڏانهن اشارو آهي، ته جيستائين انسان جو ٻنهي جهانن جي اسبابن سان ڳانڍاپو هوندو ته اهو ناقص آهي، ڇاڪاڻ ته انسان عالم خلق مان آهي، جيڪو ممڪن جو دائرو آهي، ۽ جڏهن دل جي تعلق کي ٻنهي جهانن جي اسبابن کان ڇني، مسبب الاسباب سان ڳنڍيائين ته ڪامل ٿيو، ۽ ٻنهي دائرن، واجب ۽ ممڪن جو جامع ٿيو.

تو بقيمت وراءِ دوجهاني
چه کنم قدر خود نيماني

تون ملهه ۾ ٻنهي جهانن کان به مٿي آهين، ڇا ڪريان؟ جو پنهنجو قدر نه ٿو ڄاڻين؟

آدمي چيست برزخ جامع
صورت خلق حق درو واقع

آدمي ڇا آهي. اهو برزخ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي خلقڻ واري صورت پيل آهي.

پوءِ جڏهن ته حق سبحانه وتعاليٰ کي ڪماحقه سڃاڻڻ محال هيو،

www.maktabah.org

ڏڻهن نفس جي سجاڻڻ لاءِ اهي ڪتاب، جيڪي الله تعاليٰ جي قديم فضل سان نوع انسان جي ڀلائي لاءِ مقرر ٿيل هئا، سي نازل فرمايائين، ڇاڪاڻ ته نفس جي معرفت الله تعاليٰ جي معرفت لاءِ هڪ ديباچو آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَالَمْ يَعْلَمْ* (۱) انسان کي اهو ڪجهه سيکاريائين، جيڪي ڪجهه ان نه ٿي ڄاتو، ۽ اهي علم قرآن ڪريم ۾ آڻي پورا ڪيائين، جيئن فرمان آهي اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ (۲)

پوءِ جيئن انسان ۾ ٽي ام الڪتاب هيا، تيئن قرآن ۾ به ٽي ام الڪتاب ڪيائين. پوءِ جيڪي قرآن ڪريم ۾ مفصل بيان ٿيل آهي، سو سورت فاتحه شريف ۾ مجمل آهي، ۽ جيڪي سورت فاتحه ۾ مفصل بيان ٿيل آهي سو بِسْمِ اللّٰهِ ۾ مجمل آهي، جيڪي بِسْمِ اللّٰهِ ۾ مفصل آهي، سو بِسْمِ اللّٰهِ جي "با" ۾ مجمل آهي. پوءِ سورت فاتحه قرآن جي اُمِّ الْكِتَاب آهي، ۽ بسم الله سورت فاتحه جي اُمّ الڪتاب آهي، ۽ "با" بِسْمِ اللّٰهِ جي اُمّ الڪتاب آهي.

ڏڻهن ته انسان الله پاڪ جو خليفو آهي ته "با" پڻ "الف" جو خليفو آهي، ۽ "با" کي اهو شرف ڪسر "زير" کان مليو آهي. جيئن قدسي حديث ۾ آهي: آءٌ پڳل دلين وٽ آهيان."

ڏڻهن ته "با" الف جو خليفو هئي ته ان بِسْمِ اللّٰهِ جي سيني اکرن تي حڪم هلائي سيني کي زير ڏنائين، جوته ماٺهو بادشاهن جي قاعدن جا تابع هوندا آهن. سمجهدار انسان لاءِ هڪ حرف به ڪافي آهي.

ڏڻهن هي متيون مقدمو معلوم ڪيئي (ته هاڻي) ڄاڻڻ گهرجي، ته امانت مان مراد سندس صفتن سان سندس ذات ستوده صفات کي سجاڻڻ آهي.

محبت ۽ عقل، اهي ٻئي امانت جي حفاظت ڪرڻ، ۽ برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا، جيئن ته محبت ٿي امانت جي بار کڻڻ جي وڏيڪ صلاحيت رکندڙ هئي، ڇاڪاڻ ته ڏڻهن ٻي مخلوقات جي اڳيان امانت جي بار کڻڻ جو ارشاد ٿيو ڏڻهن انهن جي عقل اهو امانت وارو بار ڳرو سمجهي، امانت جي بار کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، انهن جو اهو انڪار خوف کان هيو، تڪبر کان نه هيو، جيئن ڪنهن عربي

(۱) سورة العلق آيت ۵

(۲) سورة المائده آيت ۳

www.maktabah.org

شاعر چيو آهي:

حَمَلْتُمْ جِبَالَ الْحُبِّ فَوْقِيْ وَاِنَّنِيْ
لَا اَعْجِزُ مِمَّنْ حَمَلَ الْقَمِيْصَ وَاضْعُفَا

يعني توهان مون تي محبت جا پهاڙ رکيا آهن. آءٌ عاجز نه ٿيندس، قميص جي کڻڻ کان ضعيفي ڪري.

تامست نگردي نکشي بار غم عشق
آري شتر مست کشد بار گران را

جيستائين مست نه ٿيندين، عشق جي غم جو بار نه ڇڪي سگهندين، هائو! مست اٺ ئي ڳرو بار کڻندو آهي.

ع انسان جي جڏهن نظر امانت جي رکندڙ تي پئي، ته ان جي حسن تي مست ٿي پيو، ع (ان مستي ۾) امانت جي بار کي کڻي بيهي رهيو، ع محبت واري مستي ۾ امانت واري بار جي ڳرائپ کان جاهل رهجي ويو، ع طاقت کان مٿي وزن کڻڻ سبب نفس تي ظلم ڪري ڇڏيائين.

تفسير حسيني ۾ آهي ته آسمان ع زمين تي امانت جو پيش ڪرڻ اختياري هيو، ع انهن جي انڪار ڪرڻ جو سبب محض خشيت ع خوف کان هيو. معصيت ع نافرماني کان نه هيو، ع انسان جو امانت کي قبول ڪرڻ، همت جي ڪري هيو. طاقت ع قوت جي ڪري نه هيو، جيئن ڪنهن چيو آهي:

آسمان بار امانت نتوانست کشيد
قرعه اين فال بنام من ديوانه زدند

آسمان امانت جو بار کڻي نه سگهيو، هن فال جو ڪُٽو مون چريي جي نالي تي ڪڍيائون.

ڪن (۱) جو چوڻ آهي ته آسمانن ع زمينن جي اڳيان امانت صرف پيش ڪئي وئي، پر انسان تي فرض ڪئي وئي، جن جي اڳيان پيش ڪئي وئي، انهن منهن موڙيو، ع جن تي فرض ڪئي وئي، انهن ان کي ڪنيو. لازمي طور ارشاد

(۱) تفسير حسيني واري قيل جو لفظ آڻي، ان مان مراد تفسير قشيري جو صاحب، امام ابوالقاسم قشيري رحمه الله تعالىٰ عليه آندي آهي.

www.maktabah.org

رباني، مهرباني واري زبان سان ٽيو، ته (اي هانها!) بار کڻڻ تنهنجو ڪم آهي. نگهباني ڪرڻ منهنجو ڪم آهي، جڏهن تو منهنجي بار کي فرمانبرداري سان کنيو آهي، ته اسان به توکي انهن آسمانن ۽ زمينن جي وچ تي کنيو آهي. حَمَلْنَاهُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ (۱)

راهه اورا باو توان پيمود
بار اورا باو توان برداشت (۲)

ان جي واٽ تي ان جي ئي مهرباني سان هلي سگهبو، ان جي بار کي ان جي (فضل ۽ قوت) سان کڻي سگهبو.

ڪن جو چوڻ آهي ته امانت جي بار کي آسمانن ۽ زمينن جي اڳيان پيش ڪرڻ وقت ربوبيت ۽ عظمت واري وصف سان پيش ڪيو ويو، (جنهن ڪري) ڊڄي ويا، ۽ آدم عليه السلام ۽ سندس اولاد تي امانت جي بار کي احسان ۽ حسن واري وصف سان انهن جي اڳيان پڌرو ڪيائين، (جنهن ڪري) انهن ان بار کي قبول ڪيو، ۽ کنيو. ڪن جو وري چوڻ آهي، ته آسمان ۽ زمينون جنتي هيا، ۽ جنت جو بنياد هيا، جنهن ڪري ڊڄي ويا، ۽ امانت کي دليون ئي ته کڻنديون آهن، ۽ آدم عليه السلام حقيقت شناس هيو، جنهن ڪري ان امانت وارو بار کنيو.

الله تعالىٰ جو قول ته "انه' كان ظَلُوْمًا جَهُوْلاً" بيشڪ اهو (انسان) پنهنجي جان کي تڪلف ۾ وجهندڙ وڏو نادان آهي.

ان حيثيت سان ته امانت جو حق پورو نه ڪيائين نه وري ان جي حقن جي رعايت ۽ حفاظت ڪيائين ۽ (جاهل هن ڪري ٽيو جو) امانت جي حقيقت کان اڻ جاڻ ٽيو. جهولاً غلبي جي اعتبار سان، انساني جنس جي وصف آهي.

ڪن جو چوڻ آهي، ته امانت مان مراد اها عبادت آهي، جيڪا طبعي ۽ اختياري طرح عام طور ڪئي وڃي.

امانت پيش ڪرڻ مان مراد، امانت ڏانهن سڏڻ آهي، جنهن ۾ عام ڪري فعل جي طلب واري معنيٰ هوندي آهي. مختار مذهب اهو آهي.

۽ امانت پيش ڪرڻ مان بي مراد هيءَ آهي، ته اها ٻئي کان ظاهر ڪرڻ جو ارادو ڪيو وڃي، ۽ امانت کڻڻ مان مراد هي آهي، ته ان ۾ خيانت ڪيائين، ۽

(۱) سورة بني اسرائيل آيت ۷۰
(۲) تفسير حسيني ص۶۸۴

www.maktabah.org

ان جي ادا ڪرڻ کان روڪجي پيو. ان جو مثال "نحوين جو" هي قول آهي "حَامِلُ الْاَمَانَةِ وَمُحْتَمِلُهَا" اهو ان ماڻهوءَ لاءِ چئبو آهي، جيڪو امانت کي ادا نه ڪري (۽) پوءِ ان جي ذميداري کان بري ٿي وڃي. پوءِ ان کان انڪار ڪرڻ، ممڪن کي آڻڻ جي مترادف آهي. ظلم، جهالت، خيانت ڪرڻ ۽ ڪوتاهي (ان ۾ شامل آهن.)

ڪن جو چوڻ آهي، ته جڏهن الله تعالىٰ (آسمانن ۽ زمينن جا) جسم جوڙيا، ته انهن ۾ سمجهه به پيدا فرمايائين (پوءِ) انهن کي چيائين، ته مون کي فرائض مقرر ڪيا آهن،۽ جنت تابعداري ڪندڙن لاءِ پيدا ڪئي آهي،۽ نافرمانن لاءِ جهنم جي باهه به پيدا ڪئي اٿم. پوءِ انهن عرض ڪيو، ته اسان کي جنهن مقصد لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ،ان جا تابعدار آهيون. اسان نه کو فرض ڪٽنداسون، نه کو اسان کي ثواب ۽ عذاب گهرجي، پر جڏهن آدم عليه السلام کي پيدا ڪيو ويو، ته ان تي به ساڳي طرح (امانت) پيش ڪئي وئي. پوءِ ان امانت کي کنيو. پوءِ نفس تي ظلم ڪيائين، جو اهڙو بار ڪٽايائينس جيڪو دشوار هيو،۽ ان (بار) جي پڇاڙي ثقيل هجڻ کان نادان هيو. (۱)

تفسير حسيني ۾ آهي، ته جڏهن آسمانن، زمينن ۽ جبلن ۾ امانت جي ڪٽڻ جي صلاحيت ڪانه هئي، تڏهن انسان پنهنجي قابليت سان ان بار کي قبول ته ڪيو پر قوت غضبي جي غلبي سبب نفس کي تڪليف ۾ وجهي ظلوم ٿيو،۽ شهواني قوت جي غلبي سبب جهول ٿيو. عقل مان فائدو هي آهي، ته هنهي قوتن، (سبعي، بهيمي) کي حد کان تجاوز ڪرڻ نه ڏئي. هنهي کي اعتدال جي راهه تي قائم رکي. انسان کي به مڪلف ڪرڻ جو اصلي ۽ وڏو مقصد هي آهي، ته هنهي قوتن شهواني ۽ غضبي کي اعتدال ۾ رکيو وڃي،۽ اهي ٻئي قوتون، هن ٻن صفتن ۱- سبعي ۲- بهيمي جو نتيجو آهن. پوءِ ظالم هجڻ ۽ جاهل هجڻ، حمل (امانت جي بار ڪٽڻ) واري علت جي سبب آهي.

صوفياءِ ڪرام جو چوڻ آهي، ته ظلم ۽ جهل انسانيت جو شان آهي، جيئن چئبو آهي، ته الماءُ طهور يعني پاڻي جو شان پاڪائي ڪرڻ آهي. اهڙي طرح اهي ٻئي صفتون (سبعي بهيمي) پڻ انسانيت جو شان آهن، پر جڏهن انسان امانت کي ڪٽندڙ ٿيا، ته ڪن انهن مان ظلم ۽ جهل کي چڏي ڏنو،۽ گهٽا ان تي

(۱) تفسير بيضاوي جلد ۲ ص۲۰۲

www.maktabah.org

قائم رهيا، يا ته اهي غالب فردن جي لحاظ سببان، نوع انساني لاءِ ٻئي صفتون آهن.

سورت احقاف ۾ ارشاد آهي. اهو انسان ظالم ۽ جاهل آهي، اهو مخلوق وٽ ظالم ۽ جاهل آهي، پر خالق وٽ نه آهي. (۱)

پيدا است درين مقام معلوم
پروانه ز آتش آتش از موم

هن جاءِ تي هي ڳالهه ظاهر آهي ته، پروانو باهه تي، ۽ باهه ميڻ تي.

تا موم نگشت بادم نور
تاب رخ او نگشت مشهور

ميڻ جيسين باهه سان گڏ نه ٿئي، تيسين ان جي منهن مان روشني نه پکڑي.

تحقيق ترا چون موم کردند
پس نام ترا ظلوم کردند

جڏهن توکي ميڻ کيائون، سچ پچ پوءِ تنهنجو نالو ظلوم رکيائون.

آنجا بقبول خود نشاندند
اين جا بلقب جهول خواندند

هُتي پنهنجي قبوليت سان ويهاريائون، هِتي جهول جي لقب سان سڏيائون.

ابن يامين را عجب حالت بنگر
در صحرا دزد، درخانه بردار

يوسف عليه السلام جي پاءُ ابن يامين جو عجب حال ڏس، باهر چور ۽ گهر ۾ پاءُ.

دربار تو چون صاع ملک يافتند
اين گفتگو با تو ازان ساختند

(۱) تفسير حسيني ص۶۸۴

www.maktabah.org

جڏهن ان جي بار ۾ بادشاهه جو ماڻ لڏائون، هي گفتگو توسان ان وقت ڪيائون.

حضرت خواجه پارسا رحمة الله عليه پنهنجي تفسير ۾ فرمايو آهي. ان پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو، جو مطلب هي آهي، ته هو پنهنجي ذات کي (هستي کي) مطلق هويت ۾ فنا ڪري ٿو، ۽ جهل جو مطلب هي آهي، ته هو حق سبحانه وتعالىٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به ڪونه ٿو سجاڻي. (يعني غير جي سجاڻڻ کان جاهل آهي) ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود ڪونه آهي) چئي ما سوي الله جي نفي ٿو ڪري. (۱)

چون ملائک گوئي لا علم لنا
دست تو گيرد الا علمتنا

جڏهن ملائڪن چيو لا علم لنا- تنهنجي مدد سان ئي کين جيڪو تو سيکاريو اهو ٻڌايائون.

مولانا جامي فرمائي ٿو:

ظلم او آنکه هستي خود را
ساخت فاني بقاءِ سرمدارا

ان جو ظلم هي آهي ته ان پنهنجي هستي کي هميشه واري بقا ۾ فنا ڪيو.

جهل او آنکه هر چه جز حق بود
صورت آن ز لوح دل نزدود

ان جو جهل هي آهي ته ان حق تعالىٰ کان سواءِ ٻي هر شيءِ جي صورت کي دل واري قرهي تان نه ميٽايو.

نيک ظلمي که عين معدلست
نغز جهلي که مغز معرفتست

اهڙو نيڪ ظلم عين انصاف آهي. اِهو جهل معرفت جو مغز آهي.

(۱) تفسير حسيني ص۶۸۴

www.maktabah.org

اي نکرده، دل از علائق صاف
مـزن از دانشـي حقائـق لاف

اي تو! جڏهن پنهنجي دل تعلقاتن کان صاف نه ڪئي آهي، ته پوءِ حقائق کي ڇاٽڻ جي ٻڌاڪ نه هڻ.

زانکـه در عالـم خدا دانـي
جهـل علم است، علم ناداني

ڇاڪاڻ ته خداداني ۽ واري جهان ۾ جهل، علم آهي ۽ علم جهل آهي.

فتوحات ۾ فرمايل آهي ته جيڪڏهن بار نه ڪٽي ها ته ظالم هجي ها، ۽ جهول عالم جي معنيٰ ۾ آيو آهي، ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ جي علم جي انتها کي پهچڻ، معرفت کان پنهنجي جهل ۽ عجز جو اقرار ڪرڻ آهي، جيئن مصرعو آهي:

اَلْعِجْزُ عَنْ دَرْكِ الْاِدْرَاكِ اِدْرَاكٌ (۱) يعني ادراک جي درک کان عاجزي، خود ادراک آهي.

حضرت مير قاسم الانوار فرمايو آهي ته ظلم ۽ جهل، عدل ۽ علم جا ضد آهن، پر هن هنڌ تي "اِذَا جَاوَزَ الشَّيْءُ عَنْ حَدِّهِ اِنْعَكَسَ ضِدَّهُ"- جي معنيٰ پنهنجو جلوو ٿي رکي، يعني جڏهن شيءِ پنهنجي انتها کان تجاوز ڪندي آهي، ته پنهنجي ضد ڏانهن موٽندي آهي. ظلوم ۽ جهول ٻئي مبالغي جا صيغا آهن. جڏهن انهن ٻنهي صفتن، انتها کان تجاوز ڪيوته لازمي طرح پنهنجي ضد ڏانهن موٽي آيون.

۽ روح الارواح وارو فرمائي ٿو ته هتي "ظَلُوْمًا جَهُوْلًا" بطور مدح جي آيو آهي، نه مذمت واسطي، ڇاڪاڻ ته جڏهن حضرت آدم عليه الصلواة والسلام طاقت کان مٿي امانت جو بار پنهنجي همت سان کنيو، تڏهن ڪيس چيائون ته پنهنجي نفس تي ظلم ڪري ڇڏيئي، ۽ تو نه ٿي سمجهيو ته اهوبار ڳرو آهي. آدم عليه السلام انهن کي چيو ته آءٌ ذات حق کان سواءِ بي هر شيءِ کان جاهل هيس، (پوءِ) جهان ۾ آدم عليه السلام لاءِ ظَلُوْماً جَهُوْلاً جو آواز مشهور ٿيو، ۽ جهان وارا هن راز کان غافل آهن.

شرح نزهت الارواح ۾ آهي ته ظَلُوْمًا جَهُوْلاً ظاهر ۾ ته ذم جا لفظ

(۱) فتوحات مکيه ص ۲۵۵ جلد ۲

www.maktabah.org

آهن، پر هتي مدح جي معنيٰ ۾ پڌرا ٿيا آهن. انهن ۾ انسان جي واسطي وڏي مدح آهي. پوءِ الله تعاليٰ انسان کي ظلوم، جهول سڏي سندس کامل تعريف ڪئي آهي. هي ڳالهه به هن مثال سان مشابهت رکي ٿي، جيئن کو بادشاهه پنهنجي وڏن وزيرن کي، جيکي بادشاهه وٽ، مقرب هجڻ جو دم هٽندا هجن، کو ڪم چوي ۽ اهي سڀ ان ڪم ڪرڻ کان عاجز ٿي پون، پر هڪ خدمتگار، جيکو سيني جي نظرن ۾ حقير هجي، اهو ڪم پورو ڪري ڏيکاري. پوءِ بادشاهه انهن وڏن وزيرن کي چوي ته اوهان ته مون وٽ وڏي عزت وارا هيو ۽ تڪبر سان اسان جي دربار ۾ مقرب هجڻ جو دم هٽندا هيو، پر ان جي باوجود اوهان کان هي ڪم ٿي نه سگهيو، ۽ هي هڪ غريب، حقير، جنهن کي اوهان حقارت جي نظرن سان ڏٺو ٿي، تنهن اسان جي حڪم کي مڃي ڏسيل ڪم کي پورو ڪري ڏنو آهي. پوءِ تون ڏس ته انهن کي بادشاهه جي بارگاهه ۾ ڪهڙي نه شرمندگي ٿيندي، ۽ جنهن کي بادشاهه غريب ۽ حقير چيو، اها ان لاءِ ڪمال واڪاڻ ۽ عين تعريف آهي. الله تعاليٰ اسان انسانن کي به ان اعتبار سان ظلوم ۽ جهول سڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته ملائڪن ته آدم عليه السلام کي فساد ۽ فسق سان منسوب ڪيو هيو، ۽ اهي ظلم ۽ جهل جا لوازم آهن. پوءِ الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمايو هيو ته اِنِّيۡۤ اَعۡلَمُ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ آءٌ جو ڪجهه ڄاڻان ٿو، سو توهان نه ٿا ڄاڻو. الله تعاليٰ پنهنجي قديم علم کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽ انسان کي شرف ڏيڻ لاءِ امانت جي بار کڻڻ جو حڪم ملائڪن کي ڏنو. جڏهن اهي ان امانت جي بار کڻڻ کان عاجز ٿي پيا، تڏهن الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمايو ته توهان جنهن کي ظالم ۽ جاهل ٿي سڏيو، ۽ خوني فسادي ٿي چيو، ان ته اسان جي امانت جي بار کي کنيو، پر توهان تسبيح ۽ تقديس پڙهڻ جي باوجود اسان واري امانت جي بار کي کڻي نه سگهيا آهيو. پوءِ ان لحاظ سان الله تعاليٰ جو انسان کي ظلوم ۽ جهول چوڻ تعريف طور آهي، ۽ الله تعاليٰ جو انسان کي ظلوماً جهولاً چئي ملائڪن کي ڳالهه ڪري ٻڌائڻ به، هڪ قسم جو طعنو آهي.

لوائح ۾ آيل آهي ته عجب جهڙي ڳالهه آهي جو عشق (صرف) بشريت واري عالم ۾ آهي، ملائڪن جي ملڪ ۾ ڪونه آهي. ان جو سبب هي آهي ته ملائڪ سڳورا عصمت (پاڪدامني) ۽ لطف جي ڄانو ۾ نهايل آهن. ڄانو ۾ پليل مرد، محبت جو درد سهي ڪونه سگهندو. بي دردن کي عشق ۽ محبت جو ڪو قدر ڪونهي. عشق لاءِ هڪ جماعت مناسب آهي، جن جي بازار جي سرمايي جي صفت اَتَجۡعَلُ فِيۡهَا

www.maktabah.org

مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا (۱) آهي، ۽ انهن جي زماني جي سينگار جو رستو "اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا" آهي.

عاشقان را درد بدنامي خوش ست
عاشقانرا سوز ناكامي خوش ست

عاشقن کي بدنامي وارو درد پسند آهي. عاشقن کي نامرادي وارو سوز پسند آهي.

تفسير حسيني ۾ آهي ته جڏهن امانت وارو سج الوهيت واري برج جي ڪناري مان چمڪيو، تڏهن آسمان چيو ته اي رب مون کي ته بلندي واري صفت بس ڪافي آهي، زمين دانهن ڪئي ته مون کي پکيڙ واري نعمت حاصل آهي. جبلن مان آواز آيو ته اسان کي به هڪڙي هنڌ بيهڻ جو شرف حاصل آهي، مڙني چيو ته اسان ان امانت واري بار کي ڪٽي نه سگهنداسون، ائين نه ٿئي جو اسان تي ڪا آفت اچي وڃي، ۽ اهي صفتون به اسان کان کسجي وڃن. خاڪي انسان چيو ته مون کي ڪهڙو خوف آهي، جو مون کان چا وڃندا! اڳتي وڌي اچي ان بار کي نيازمنديءَ وارو ڪلهو ڏنائين، جنهن کي جسيم افلاڪ به نه ڪٽي سگهيا هئا، ۽ "هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ" جو نعرو هٽڻ شروع ڪيائين، ته ايجان وڏيڪ هجي ته به حاضر آهيان. پوءِ انهن سيني انسانن کي چيو ته اي دلير خاڪ! اها سڀ طاقت ڪٿان آندئي؟ زبان حال سان انهن کي چوڻ لڳو ته مهربان يار جي مدد سان ڳرا بار ڪٽي سگهيا آهن.

آن بار كه از بردن آن عرش ابا كرد
با قوت تو حاملِ آن بار توان بود

جنهن بار جي ڪٽڻ کان عرش انڪار ڪيو (اي يار!) ان کي تنهنجي طاقت سان ئي ڪٽي سگهيو.

مطلب ته امانت واري پوشاڪ جو بار انسان جي استقامت واري قد کان سواءِ، جنهن جي نالي فرمان ٿيل آهي "اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً (۲) (مان زمين ۾ خليفو پيدا ڪرڻ گهران ٿو) ٻئي ڪنهن تي پورو نه آيو.

(۱) سورة البقره آيت ۳۰

(۲) تفسير حسيني ص۶۸۴ ايضاً روح البيان جلد ٽيون ص۱۶۶

www.maktabah.org

جڏهن اهو ڪم انهيءَ عظمت تي پهتو، تڏهن حاسد شيطان جيڪي انسان جا پراڻا دشمن آهن، انهن جي بدنظر کي دفع ڪرڻ لاءِ غيرت واري باهه تي "اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا" جي حرمل کي وڏائون.

ع تا کور شود هر آنکه نتوان ديد

يعني جيئن ته جيڪو حسد کان سواءِ نه ٿو ڏسي سو انڌو ٿئي.

ان ظلوم جهول کي "اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا" جي طعني ملڻ باوجود، هن کي امانت جو بار مٿي تي کڻڻ گهٽو پسند آيو.

در هجر تو خوش مي کشم اين بار گران را
اي دوست مرا طاقت سر باري نيست

تنهنجي جدائي ۾ هنن ڳرن بارن کي خوشي سان پيو چڪيان. اي دوست! مون کي ته منهن موڙڻ جي مجال نه آهي.

عالم شهادت ۽ عالم غيب ۾ رهندڙ انتهائي غيرت ۾ پئجي حيرت ڪرڻ لڳا، ته چا لڳي خاڪي انسان، ۽ چا لڳي رب الارباب - پر چا ڪجي. جڏهن ته بادشاهه محمود جي، هيترن غلامن مان نظر اياز تي پيئي.

رباعي

اگر بادشه بر در پير زن
نشيند تو اي خواجه سُبلت مَکن
چرا در جهان افگني بانگ شور
سليمان اگر گشت مهمان مور

جيڪڏهن بادشاهه پوڙهي عورت جي دروازي تي اچي ويهي ته اي سائين! تون مڇون نه پَٽ. جيڪڏهن سليمان عليه السلام ماکوڙي جو مهمان ٿيو آهي ته تون چا لاءِ ٿو جهان ۾ گوڙ ڪرين.

پوءِ جيڪو شخص نفساني خواهشن جو تابع ٿيو سو امانت ۾ خيانت ڪندڙ ۽ ڏوهي ٿيو، ۽ جنهن عقل معاد کي پنهنجو وزير ڪيو، تنهن امانت جي حفاظت ڪئي. امانت جي حفاظت هي آهي ته پنهنجي هستي ۽ ان جي توابع کي حق

www.maktabah.org

سبحانه' کان ڄاڻي، انهن کي الله تعاليٰ جي اخلاقن سان سينگارجي، ۽ انهن کي الله تعاليٰ جي امرن بجا آڻڻ ۾ سرگرم رکجي، ۽ منع کيل ڪمن کان روڪجي، ۽ نفس جي غرضن پوري ڪرڻ جي لاءِ ايتري ڪوشش نه ڪجي، مگر شريعت ۾ ضرورت آهر، جيتري اجازت هجي (ته ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ منع نه آهي) امانت ۾ خيانت هي آهي ته پنهنجي هستي ۽ ان جي قوتن کي پنهنجي طرفان ڄاڻي، نفس جي غرضن پوري ڪرڻ ۾ ان کي مصروف رکجي. ان کان وڌيڪ ظالم ٻيو ڪير ڪونه آهي، جيڪو الله تعاليٰ جي ملڪ کي پنهنجو ملڪ ٻيو ڄاڻي، ڇاڪاڻ ته ظلم معنيٰ آهي وَضْعُ الشَّيْءِ فِيْ غَيْرِ مَحِلِّهٖ، يعني غيرمحل ۾ ڪنهن شيءِ جو رکڻ ظلم آهي.

پوءِ ماٺهو ٽن ٽولن جا ٿيا، جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي، فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ وَمِنْهُمْ سَابِقٌ بِالْخَيْرَاتِ (۱) يعني ته انهن مان کي پنهنجي جان تي ظلم ڪن ٿا، ۽ انهن مان کي درمياني چال تي آهن، ۽ انهن مان کي (اهڙا آهن جيڪي الله جي حڪم سان) چگن ڪمن ۾ گوءِ ڪٽن ٿا.

۱- جنهن شخص پنهنجي هستي کي پنهنجي طرفان سمجهي، نفساني خواهشن ۾ مصروف ڪري غرق ڪيو (اهو پهرين ٽولي) "ظالم لنفسه" مان آهي، ڇاڪاڻ ته اصل ۾ اها امانت ۾ خيانت آهي، ۽ امانت معرفت ئي آهي. پوءِ (ان خيانت جي ڪري) ڪافر ٿيا.

۲- ۽ ڪي وري اهي آهن، جن پنهنجي هستي کي پنهنجو ڪري ڄاتو آهي، پر الله تعاليٰ جي ربوبيت جا اقراري آهن، ۽ ڪن امرن ۽ نهي وارن ڪمن جي بجاآوري ڪن ٿا، ۽ ڪن ڪمن ۾ خيانت ڪن ٿا، اهڙي قسر وارا "مقتصد" آهن. انهن جي خيانت ۾ (۽ پهرين ٽولي جي خيانت ۾) فرق آهي. اهي معافي گهرڻ لاءِ استغفار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، ۽ گناهن کان نجات لهندا. پوءِ انهن مان ڪن کي گناهن جي اندازي جيترو عذاب ٿيندو، يا شفاعت سان ڇٽندا.

۳ ٽئين ٽولي وارا اهي آهن، جيڪي بصيرت جي نور سان ڄاڻن ٿا ته سندن هستي، پنهنجي توابع سميت، الله تعاليٰ جي طرفان آهي، ۽ پڻ پنهنجا پسند ڪيل ڪم ۽ موڇارا اخلاق، الله تعاليٰ کان سمجهي ثواب جي طمع گهٽ رکي، صرف باري تعاليٰ جي رضا جا منتظر آهن. اهي "سَابِقٌ بِالْخَيْرَاتِ" آهن، جن جو رتبو "يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّئَاتِهِمْ حَسَنَاتٍ" (۲)

(۱) سورت فاطر آيت ۳۲

(۲) سورة الفرقان آيت ۷۰

www.maktabah.org

آهي. (يعني اهڙن جي) برائين کي الله پلائين سان بدلائي چڏيندو.

۽ پڻ سمورا کتاب، جيکي الله تعالىٰ ڪان نازل ٿيل آهن، تن سيني ۾ اصل امانت کي سچاڻڻ، ۽ ان جي لوازمن جي حفاظت ڪرڻ جو بيان، ۽ ان جي جزا جو بيان ۽ خيانت جي تشريح، ۽ ان جي سزا جو بيان ٿيل آهي.

تو آن مرغي که عالم دانئه تست
همه معلوم علم افسانئه تست

تون اهو پکي آهين، جو سارو جهان تنهنجو داڻو آهي، سڀ معلومات جو علم تنهنجو افسانو آهي.

عجائب قصه مشکل حديثي
که عقل از زيرکي ديوانئه تست

قصا عجيب آهن، ۽ ڳالهه ٻڌائڻ مشڪل آهي، چاڪاڻ ته عقل به ڏاهپ جي ڪري تنهنجو ديوانو آهي.

تو اي مفلس ازان بدنام گشتي
که جائي گنج تو ويرانئه تست

اي سڄڻ! تون ان ڪري ته بدنام ٿيو آهين، جو تنهنجي خزاني واري جاءِ سنج ۾ آهي.

عاشقي ديده نه بر روئي بتان دوختن است
خون دل خوردن ودم نازدن وسوختن است

محبوبن جي اڳيان پنهنجيون اکيون سبي چڏڻ عاشق هجڻ نه آهي، بلڪ دل جو رت پيئڻ ۽ ٻڪ نه هڻڻ، ۽ پاڻ کي سارڻ آهي.

ٽي سگهي ٿو ته انسان ڪامل مان مراد حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ذات مبارڪ هجي، چاڪاڻ ته سندن ذات ئي ڪامل فرد آهي، ۽ آسمانن ۽ زمينن ۽ جبلن تي امانت پيش ڪرڻ، تنهن ۾ ٽي سگهي ٿو ته اها امانت پڻ ڪامل انسان تي پيش ٿي هجي.

چاڪاڻ ته پاڻ سڳورا علوي توڙي سفلي، سيني حقيقتن جا جامع ۽

www.maktabah.org

الاهي اسرارن جا خزانا آهن ،۽ انهيءَ امانت جي شروعات پهريائين وحيءَ سان ٿي هئي. جنهن وقت الله تبارک وتعالىٰ جبرئيل جي صورت ۾ پنهنجي تجلي متن ڪئي تنهن وقت جبرئيل عليه السلام کين چيو ته "اقرا" يعني پڙهه. پوءِ آسمانن، زمينن توڙي جبلن جي حقيقت واري لباس ۾ سندن جامع هجڻ جي حقيقت ڏٺي ٿي. ڇاڪاڻ ته پاڻ سيني مرتبن جي جامع هجڻ سان گڏوگڏ، هڪڙي وڏي شان جا مالڪ آهن ،۽ پاڻ انسان هجڻ جي باوجود ، سيني موجوداتن جي حقيقتن جا جامع آهن. پوءِ خدائي حقيقتن واري امانت پيش ڪرڻ سا هن شان واري لاءِ (يعني پاڻ سڳورن لاءِ) ثابت ٿي آهي. جنهن جي ڪنجي وحي آهي،۽ ان امانت جي نگهباني ڪرڻ قرآن جي صورت ۾ جو وڏي عظمت وارو آهي، سا ان جي تجلي آهي. پوءِ اهو شان ابديءَ ۽ ازليءَ معرفتن جي ڳرن بارن کڻڻ سببان ٽڪجي ٿيو،۽ امانت جي حقن جي پوري سڃاڻپ ۽ نگهداشت نه ڪرڻ، ۽ پانهائپ جا مقرر ٿيل حق پورا ادا نه ڪرڻ،۽ امانت کي قائم رکڻ واسطي حوادثن جي حملن،۽ ان جي صدمن کان بچڻ واسطي واڻن،۽ پيچرن کان واقف نه هئڻ،۽ پڻ اسماءِ الاهي وارين تجلين مان سڀ کا تجلي باطن ۾ قسمين قسمين پنهنجا حڪر هلائين ٿيون، جن مان قهر ۽ جلال ۽ عظمت ۽ جبروت ۽ ملڪوت واريون تجليون آهن. انهن مڙني اسبابن کي نظر ۾ رکي ان شان (يعني پاڻ سڳورن) امانت جي بارکڻڻ کان انڪار ڪيو،۽ الله تعالىٰ جو "اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ" چوڻ سو انسان ڪامل واسطي هيو، جنهن کي "اقرا" جي لفظ سان جبرئيل جي ڳالهائڻ ۾ ظاهر ڪيو،۽ موجوداتن جو انڪار ڪرڻ، سو پڻ پاڻ سڳورن صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي ڳالهائڻ "ما انا بقارئ" سان هيو جڏهن ته شان (يعني پاڻ سڳورا) مڙني موجوداتن جي حقيقتن جا جامع آهن،۽ انڪار ڪرڻ وقت متن الله تعالىٰ جي تجلي جبرئيل عليه السلام جي غط (يعني قابو ڪري بند ڪرڻ) واري صورت ۾ ايتري قدر ظاهر ٿي، تانجو موجودات وارو لباس لهي ٿيو،۽ ڪن لباسن کي جيڪي شان ۾ ظاهر ٿيا هئا، تن کي مخفي رکيائين. پوءِ جبرئيل ٻئي ۽ ٽئين ڀيري به غط ڪيو ته ان سان پاڻ سڳورن جو جامع انسان هجڻ،۽ احڪامن کي پڌرو ڪرڻ، ۽ پڙهڻ ظاهر ۽ ثابت ٿئي.

پوءِ پاڻ سڳورن اگرچه هر ڀيري "ما انا بقارئ" پي چيو، ليڪن سندن ٽئين ڀيري به نه پڙهڻ واري بار بار قول ۾ فرق آهي. هڪڙو پاڻ کي روڪڻ، ٻيو محض نفي جي خبر ڏيڻ، يعني آءٌ پڙهندڙ ناهيان، ٽيون پڇڻ واسطي،۽ ان ڳالهه جي هي حديث

www.maktabah.org

تائيد ٿي ڪري، جا ابو اسود حضرت عروة کان روايت ڪئي تہ پاڻ فرمايائون ڪيف اقرا، يعني ڪهڙي طرح پڙهان؟ ۽ جڏهن زوردار ٿي غط پورا ٿيا، ۽ تجلي پنهنجو ڪم پورو ڪيو، تڏهن ان شان، جنهن امانت جي بار کڻڻ کان انڪار ڪيو، تنهن تان چپيل پردو لهي ويو، ۽ اهو شان، جنهن امانت جي بار کڻڻ کان انڪار پي ڪيو، سو جامع انسان هجڻ جي شان سان ظاهر ٿيو.

۽ توکي ان شان جي، جيڪو انسانيت جو جامع آهي ان جي حقيقت جي خبر آهي تہ اهو ڇا آهي؟ جيڪو الوهيت جي ڪنارن کان هڪڙو چمڪندڙ نور آهي، ۽ان مرتبن جي سڀني ذاتين ڪي ڪمالين وارن وصفن سان وڏي جسر ۾ گڏ ڪري ورتو آهي، ۽ اها (اصل ۾) حقيقت محمدي آهي، پوءِ اهو انسان الله پاڪ جي اسر جو جامع آهي، جيڪو برزخ ڪبريٰ مان پڌرو ٿيو آهي، پوءِ مان توکي "بسم الله" جو تفسير جيڪو محققن کان بيان ٿيو آهي، ان جو ذڪر ڪريان ٿو، انهن جو چوڻ آهي، تہ بسم الله، يعني ڪامل انسان حق سبحانه' وتعاليٰ جي اسر جو تفسير آهي. پوءِ جڏهن پاڻ سڳورن جو الله جي اسر واري تجلي سان جامع هجڻ ثابت ٿيو، ۽ حق سبحانه' وتعاليٰ جون الاهي تجليون غطن جي ترتيب وار مٿس پڌريون ۽ ظاهر ٿيون، تڏهن امانت ڪبريٰ جي بار کڻڻ جي قوت پيدا ٿي. پوءِ ڪين هن ڳجهه جي کولڻ لاءِ "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّکَ الَّذِيْ خَلَقَ" سان مخاطب ٿيا، جنهن جو تفسير هي آهي، تہ هن اسر سان تون امانت جو بار کڻ، جو اها عبارت شان انساني هجڻ جي آهي، ۽ اهو اسر تنهنجي رب وارو آهي، جنهن توکي هنن غطن سان پرورش ڪئي. "فَخَلَقَ" يعني پوءِ تو ۾ امانت جي بار کڻڻ جي قوت ايجاد ڪيائين، پوءِ (جيئن) بادشاهن جي سوکڙين ۽ انعامن جا بار بہ بادشاهن جي مهرباني سان ئي کڻي ٿا سگهجن، "فحمله الانسان" يعني پوءِ ان بار کڻڻ جي لائق انسان ٿيو، جنهن امانت جو بار ڪنيو.

پوءِ پاڻ سڳورن جو "مَآ اَنَا بِقَارِيءٍ" چوڻ ادب واري زبان جي واڌ سان هو، نہ انڪار جي واڌ سان. پوءِ "ما انا بقاريء" جي معنيٰ هي آهي، تہ آءٌ هن جهان واري (رسم) حقيقت سان پڙهندڙ ناهيان، ۽ آءٌ تنهنجي نالي سان پڙهندس. پوءِ "اقرا باسم ربک" چيو ويو- لغت وارا چون ٿا تہ غط جي معنيٰ (حبس النفس بالتحرک) يعني ساهہ کي چرڙ ڦرڙ کان بند ڪرڻ، جيئن پاڻي ۾ ٻبيءَ وقت چوندا آهن: غَطَ فِي الْمَاءِ يعني پاڻي ۾ پنهنجي ساهہ کي چرڙ ڦرڙ کان بند ڪيائين. هن ۾ صوفين، مشائخن لاءِ

بهترين حجت آهي، جو اهي پنهنجي مريدن کي تربيت واسطي ساهه بند ڪرائيندا آهن، ڇاڪاڻ ته وحيءَ جي شروعات ۾ پاڻ سڳورن ساهه کي بند ڪري ڇڏيو هو، پوءِ تون هنن حقيقتن جي سمجهڻ ۾ ڇگو فڪر ڪر ته غنيمتون حاصل ڪندين.

خط مبارڪ ٻاويهون

قلب سليم جي ڪيفيت بابت، مخدوم ميان پير محمد رحمة الله تعاليٰ عليه ڏانهن لکيو ويو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ، جن جو هو مستحق آهي، ۽ صلاتون ۽ سلام سندس نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم تي هجن.

امابعد! توهان تي سلامتي هجي. هي خط ان فقير جو آهي، جيڪو پنهنجي غني رب ڪريم جو محتاج آهي. عالم، فاضل، وڏن عالمن جي اڳواڻ، يعني ميان پير محمد ڏانهن. شال الله تعاليٰ ان کي پنهنجي حفاظت ۾ محفوظ رکي. يَوْمَ لَا يَنْفَعُ مَالٌ وَّلَا بَنُوْنَ ۝ اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ۝ (۱) ترجمو: جنهن ڏينهن نه مال ڪم ايندو، نه پٽ، مگر اهو جيڪو الله تعاليٰ جي حضور ۾ حاضر ٿيو سلامت دل ڪٽي.

قلب سليم، ظاهري ۽ باطني ذڪر سان ٿيندوآهي يا ايمان سان؟! اهو ايمان، زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ دل سان ان جي تصديق ڪرڻ آهي. تفسير ديلمي ۾ لکيل آهي ته: يعني سلامتيءَ وارو قلب اهو آهي، جيڪو الله تعاليٰ کانسواءِ ٻي هر شيءِ کان خالي هجي، ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ارادي ۽ رضامندي سان پريل هجي.

رساله قشيري ۾ لکيل آهي، ته "قلب سليم وارو اهو شخص آهي، جيڪو گمراهي کان سلامت رهيو، تنهن کان پوءِ ٻئي طرف، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ کان بچيو، ڇاڪاڻ ته اهي سڀ شيون (گمراهي ۽ اکين سان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ وغيره) آفتون آهن، جن کان وڏن بزرگن پاڻ بچايو آهي، پر ننڍا بزرگ به انهن ذريعي آزمايا ويا آهن." (۲)

---

(۱) سورة شعراء آيت ۸۸، ۸۹

(۲) لطائف و ارشارات قشيري جلد ۵ ص ۱۵، ۱۶

www.maktabah.org

قلب سليم جي معنيٰ لاءِ ڪن هي به چيو آهي ته "قلب سليم اهو آهي، جيڪو نفس جي سلامتي جي ڪري بچڻ ارادن کان بچيل رهي." (انتهيٰ)

علامہ ڪاشيءَ جي تصنيف "اصطلاحات صوفيہ" ۾ آهي ته، قلب سليم، انهن ڪاملن جو قلب آهي، جيڪي "اهل تمڪين" جا آهن، اهو انهن کي مختلف درجات مطابق عطا ٿيل آهي،۽ قلب سقيم (يعني بيمار قلب) اهو ناقصن جو قلب آهي، جيڪي اهل اضطرار جا آهن. نقص کان بچي ڪمالیتن تائين پهچڻ فناءِ ڪلي تي موقوف آهي،۽ سقيم مان مراد جسماني ۽ روحاني تعلقات سان وابستگي آهي،۽ سليم مان مراد انهن تعلقات کي قطع ڪرڻ آهي، جنهن جو پيو نالو خلو متخيلہ (۱) به آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي فرمان مطابق، قلب گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي،جنهن جي صحيح هجڻ سان جسم صحيح رهندو آهي،۽ ان جي خراب هجڻ سان جسم خراب ٿيندو آهي، ۽ دل وارن وٽ، قلب هڪ جوهر آهي، جو عالم امر کان، جامع حقيقت انسانيت جي آهي، جيڪو روح ۽ نفس جي وچ ۾ واسطو آهي،۽ انسانيت جو ان تي ئي دارومدار آهي.

۽ قدسي حديث ۾آهي ته "قلب اندر دل آهي،۽ دل اندر روح آهي." ۽ دل مان مراد اهو ئي جوهر وارو قلب آهي،۽ حُڪماءُ (فلاسفر) ان کي نفس ناطق (مادي کان خالي جوهر) چوندا آهن، ان جو باطن روح آهي،۽ نفس حيواني (طبعي جسم) ان جو مرڪب آهي،۽ ان جو ظاهر قلب ۽ جسم جي وچ ۾ واقع آهي.

هن حديث مان (انسان جي) "حقيقت جامعہ" مراد آهي،۽ صوفين جي اصطلاح ۾ قلب کي ڪبوتر ۽ عقل اول چوندا آهن،۽ طبعيت ڪُليہ کي شڪاري باز چون ٿا. ان کي عقل اول ڪڏهن جسماني پستي ۽ عالم سفلي کان، عالم علوي ۽ فضاءِ قدسي جي اوج ڏانهن، شڪاري باز وانگر مٿي کڻي ٿو وڃي،۽ طبعيت ڪُلي،ڪنهن وقت ان کي، بلڪ گهٽوڪري نفساني خواهشن ۾ قاسائي، عقاب وانگر عالم سفلي ڏانهن وٺي ٿي وڃي.

پوءِ سمجهڻ گهرجي ته انساني روح مَردن جي مثال آهي،۽ نفس

(۱) يعني مَاسِوَي اللهِ جي تعلق وارن خيالن کان قلب جي خالي هجڻ کي خلو متخيلہ چئبو آهي (مترجم)

www.maktabah.org

حيواني عورت جي مثال آهي، ۽ انهن ٻنهي جي ازدواجي ميلاپ سان فرزند قلب ڄائو. پر ان قلب ۾ استعداد کڙي وانگر ٻنهي پاسن، عالمِ علوي ۽ عالمِ سفلي سان آهي. پوءِ جيڪڏهن قلب جو لاڙو عالم علوي ڏانهن ٿي پيو تہ مَردن جي مرتبي کي ماڻيندو، ۽ مردن واري ميراث هٿ ڪندو، ۽ جيڪڏهن ان جو لاڙو عالم سفلي ڏانهن ٿي پيو تہ زالن جي ٽولي ۾ داخل ٿيندو، ۽ زالن واري ميراث ونڊندو، جو اهو بهشت آهي، ڇو تہ مولیٰ تعالیٰ جو طالب مرد آهي، ۽ آخرت جو طالب عورت آهي.

۽ مَردن جي ورثي بابت (حديث ۾ آيل) آهي تہ "اهو اهڙو هوندو جو، جنهن کي نہ اکين ڏٺو هوندو نہ ڪنن ٻڌو هوندو، نہ وري ڪنهن جي دل ۾ ان جهڙو تصور ئي آيو هوندو.

اهو حق سبحانہ وتعالیٰ جي بي ڪيف جمال جو پرتو آهي، ان ڳالهہ ڏانهن هن آيت سڳوري ۾ اشارو آهي (يعني) (اي انسانو! ڈڇو پنهنجي رب کان، جنهن اوهان کي هڪ نفس مان خلقيو آهي).

هتي نفس مان مراد نفس ناطق آهي، جيڪو ساري جهان جو قلب آهي، ۽ اهوئي آدم حقيقي آهي. اڳتي ارشاد آهي (۽ خلقيائين ان مان ان جي جوڙي زال کي) هتي زال مان مراد نفس حيواني آهي، جيڪو ان مان پيدا ٿيل آهي، کي چون ٿا تہ (اهو جوڙو يعني حضرت حوا) کاڀي پاسيريءَ مان پيدا ڪئي وئي آهي. يعني اهڙي طرف کان جيڪا عالم موجودات سان مليل آهي، پوءِ اهو طرف حق تعالیٰ سان مليل طرف کان، ڪمزور طرف آهي. جيڪڏهن آدم عليه السلام ان سان نہ پرٽجي ها تہ، جيڪر هن دنيا ڏانهن لهي نہ اچي ها. جيئن مشهور آهي، تہ ابليس عليه اللعنة اڳ ۾ حضرت حواءِ کي ڀُلايو، پوءِ ان کي آدم جي ڀُلائڻ لاءِ وسيلو بنايائين. اڳتي ارشاد آهي (۽ پکيڙيائين انهن ٻنهي (آدم ۽ حوا) مان گهڻائي مَرد) هتي مردن مان مراد اهل دل شخص آهن، جيڪي پنهنجي پيءُ ڏانهن ٿا چڪين. اڳتي ارشاد آهي، ۽ پکيڙيائين انهن مان گهڻيون ئي زالون. زالن مان مراد نفس پرست ۽ طبعيت پرست انسان آهن، جيڪي پنهنجي ماءُ ڏانهن چڪ رکن ٿا.

ڪتاب سلڪ سلوڪ ۾ آيل آهي تہ: الغرض قلب سليم اها دل آهي، جيڪا ويهن خراب خصلتن کان خالي هجي، ۽ ويهن نيڪ خصلتن سان پريل هجي. ويهہ خراب خصلتون هي آهن: (۱) شرڪ (۲) نفاق (۳) عداوت (۴) دنيا جي رغبت (۵)

www.maktabah.org

حرص (٦) شڪ (٧) جهل (٨) دنيا سان تعلق (٩) طمع (١٠) ڏگهيون اميدون رکڻ (١١) بي صبري (١٢) تڪبر (١٣) حسد (١٤) بدگماني (١٥) بخيلي (١٦) هٺ ڪرڻ (١٧) پاڻ کي وڏو سمجهڻ (١٨) نا اميدي (١٩) خدا جي عذاب کان بي خوف رهڻ (٢٠) خدا تعاليٰ کي وساري ڇڏڻ.

ويهه نيڪ خصلتون هي آهن: (١) توحيد (٢) خلوص دل (٣) خير خواهي (٤) پرهيزگاري (٥) قناعت (٦) يقين (٧) علم (٨) معاملات خدا تعاليٰ جي سپرد ڪرڻ (٩) ماڻهن کان نا اميد رهڻ (١٠) اميدون گهٽائڻ (١١) صبر (١٢) موت ياد ڪرڻ (١٣) نفس کي بک ڏيڻ (١٤) چگو گمان نيڻ (١٥) سخاوت (١٦) توبهه (١٧) نوڙت (١٨) خوف (١٩) اميد (٢٠) الله تعاليٰ جو يادگيرو ۽ سندس محبت (١)

پوءِ قلب جو بيمار يا تندرست هجڻ، انهن خصلتن جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ تي منحصر آهي. جڏهن قلب سليم جي صفت معلوم ٿي ويئي ته پوءِ ڄاڻڻ گهرجي ته قلب مان خراب عادتن جو ختم ٿيڻ، الله تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ سان وابسته آهي. خاص ڪري لَا اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ سان جيڪو افضل ذڪر آهي.

تفسير ديلمي وارو فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ ،واري آيت جي تفسير ۾ لکي ٿو ته توهان مون کي ياد ڪريو ته مان توهان کي ياد ڪريان (يعني الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مون کي اهڙي طرح ياد ڪريو جو توهان جا قلب ۽ خيالات هميشه مون ڏانهن متوجهه هجن، پوءِ آءٌ بہ اوهان کي ياد ڪندس. يعني اوهان جي دلين کي ۽ سرن (رازن) کي بصيرت ڏيندس ته جيئن اوهان منهنجي ذات ۽ صفات کي ڏسو. پوءِ اوهان کي منهنجي معرفت حاصل ٿي پوندي ۽ پڻ "فَاذْكُرُوْنِيْ" جي معنيٰ هي بہ آهي. اوهين منهنجو پنهنجي زبانن سان ايترو ته ذڪر ڪريو جو اوهان جي قلبن ۽ اسرارن جي مشاهدي تائين رسائي ٿئي.

اي طالب! جاڻ ته بيشڪ زبان سان ذڪر ڪرڻ، قلب ۽ روح جي مشاهدي ڏانهن جلدي وٺي ويندو آهي. اهو ذڪر لا اله الا الله جو آهي. جيڪو تمام گهٽو آزمايل آهي، ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته الله جو ذڪر تمام وڏو آهي. اهو ڪلمو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وارو آهي، ۽ الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته طيب ڪلمو پاڪ وڻ جي مثال آهي، اهو ڪلمو بہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ آهي.

(١) سلڪ سلوڪ ص ١١، ١٢- سلوڪ ع ١٠

www.maktabah.org

مون مرشد حقيقي دام برکاته' جي مکاشفي جي برکت سان ان کلمہ کي هڪ عجيب وڻ جي صورت ۾ ڏٺو، جيڪو زمين کان وٺي آسمانن تائين بلند هيو، ان جي ٽارين جا مختلف رنگ هئا، ۽ هر هڪ ٽاري تي قسمين قسمين جا پکي، ۽ قسمين قسمين جون حورون ۽ غلمان ويٺل ڏٺم. جن جو حسن جمال بيان نہ ٿو ڪري سگهجي، تن سيني زبان سان (کلمي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ) جو ورد پئي ڪيو، ۽ هر گهڙي ان وڻ مان اهڙي قسم جون ٽاريون ۽ اهڙي قسم جون حورون غلمان نڪرندا ٿي رهيا، ۽ آسمان ڏانهن چڙهندا ٿي ويا، پوءِ وري پئي هندان ٿي نڪتا، جيڪي آسمان ڏانهن وڃندا ٿي ويا، اهو مشاهدو، ان ابتدائي زماني جو آهي، جڏهن ذڪر لا اله الا الله جو ورد شروع ڪيو هيم، پوءِ اهڙي طرح اهو مشاهدو ڪيترا سال ٿيندو رهيو.

پوءِ اي طالب! جاڻ تہ الله تعالىٰ جو اهو ذڪر نفس کي خراب وصفن کان پاڪ ڪرڻ ۾ روشن اثر رکي ٿو، ۽ اهو تمام گهڻو آزمايل آهي، ۽ بيشڪ اسان اهو به مشاهدو ڪيو تہ ان ذڪر لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ سان جڏهن نفس مان خراب وصفون گهٽجڻ ۽ جدا ٿيڻ لڳيون ٿي تہ اهي ماڻهن ۽ ناپاڪ جانورن جي شڪلين ۾ ٿي نڪتيون، جهڙوڪ ڪتي، خنزير، ٻلي، خچر، گڏهہ، ڪئي، نانگ، وڇون، چور، ڪيسا ڪترينڊڙ، مڪار، جواري يا ان جهڙن جي شڪل ۾ ٿي ڪري نڪتيون ٿي، جنهن ان ذڪر کي آزمايو هوندو، سو اسان کي ان ڳالهہ ۾ سچو ڄاڻندو. پوءِ غير حق جي خيالات کان جيترو قلب کي تصفيو حاصل ٿو ٿئي، اوترو ئي نفس کي برائين کان تزڪيو حاصل ٿيندو آهي.

تزڪيہ نفس مان، نفس جي پاڪائي مراد آهي، جڏهن تہ تصفيو ۽ تزڪيو پئي ڪمال محنت سان حاصل ٿين ٿا، پوءِ نفس ان وقت سهڻن اخلاقن جي عادت ونندو. پوءِ انهن ٻنهي (تصفيئي ۽ تزڪئي) کان پوئتي هٽڻ نہ ٿو جڳائي. ڇاڪاڻ تہ رنگ تي رنگ نہ چڙهندو آهي.

پوءِ هن آيت سڳوري لَا يَمَسُّهٗۤ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ (۱) ترجمو: (نہ هٿ لائين هن قرآن مجيد کي مگر پاڪ) جو مقصد بہ هي آهي تہ يعني قرآن ڪريم جي اسرارن ۽ اخلاقن کي اهو ڇُهي، جنهن جي دل غير جي ڏسڻ کان پاڪ هجي، جيڪو قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ ڏانهن پاڻ کي محتاج ٿو ڄاڻي، خُلُقُهُ الْقُرْاٰنُ ۾ ان ڏانهن اشارو ٿيل آهي.

پوءِ جيڪو شخص دل جي پاڪائي سان هڪ پيرو ذڪر ڪندو، ان کي سنا اخلاق حاصل ٿيندا، ۽ جيڪو بار بار پير ذڪر ڪندو تہ ان کي قلب ۾

(۱) سورت الواقعه آيت ع۷۹

www.maktabah.org

استحڪام پيدا ٿيندو، ۽ جڏهن قلب ۾ استحڪام پيدا ٿي ويو ته (سمجهه) قلب سلامت رهندو، جو وري ان ۾ گنديون عادتون موٽي نه ايندیون. جيئن چوٽي آهي مَا رَجَعَ مَنْ رَجَعَ اِلَّا عَنِ الطَّرِيْقِ (منزل مقصود تي پهچي ڪوبه ڪونه موٽيو آهي،بلڪ جيڪو موٽيو، سواءَ واٽ مان موٽيو) ان مرتبي کي حاصل ڪرڻ لاءِ هيو طريقو به آهي. جيڪو رابطي سان وابسته آهي. ڪامل مڪمل مرشد سان، مريد جي دل جي ڳانڍاپي کي رابطو چئبو آهي، چاڪاڻ ته عام رسمي حڪمت جو قاعدو آهي ته مُفيض (فيض ڏيندڙ) ۽ مُستفيض (فيض وٺندڙ) ٻنهي ۾ مناسبت جو هجڻ ضروري شرط آهي. مثال جيئن ته باهه جي طبعيت خشڪ آهي ته اها اثر به خشڪ شيءِ تي ڪندي ۽ آلي شيءِ کي نه وٺندي.

نسبتي پاکان درست کن يا پئي ايشان مرو
غرق شد فرعون بدريا بود موسيٰ پيشرو

الله وارن پاڪ ٻانهن سان نبست صحيح رک، يا انهن جي پٽيءَ نه وچ (غلط نسبت جي ڪري) فرعون به درياهه ۾ ٻڏي ويو، توڙي هو موسيٰ عليه السلام جي پٽيان ٿي ويو.

مريد ۽ مرشد جي وچ ۾ مناسبت، سچو اعتقاد ۽ سچي دوستي آهي. اعتقاد به اهڙو هجي جو مرشد جي ڪنهن به ظاهري ڪم تي اعتراض نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اعتراض ڪندين ته "هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ" (هي تنهنجي ۽ منهنجي جدائي جو وقت آهي) جو اعلان ٻڌندين.

فسحت ميدان ارادت بيار
تا بزند مرد سخن گوئي گوءِ

ارادي جو ميدان ڪشادو آڻ، ته جيئن سخن گوءِ (قابل) ماڻهو (ارادي واري ميدان ۾) اڻي اڇلائي هڻي.

دوستي ايتري قدر هجڻ گهرجي، جيئن حديث ۾ آيو آهي: "توهان مان تيستائين ڪو به مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين آءٌ هن کي سندس جان، مال، اولاد پيءُ ماءُ ۽ سمورن ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه هجان." (۱)

مولانا رومي فرمائي ٿو:

(۱) بخاري شريف جلد اول ص ۷

www.maktabah.org

دانشان رامي ستاند جان زجان
ني زراه دفترو ني از زبان

انهن جي سمجهه روحاني علم کي روح سان حاصل ڪري ٿي، نه ڪتاب جي رستي سان، ۽ نه زبان سان.

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمةَ الله تعاليٰ عليه شرح صراط مستقيم ۾ آندو آهي ته "(اي طالب!) ڪوشش ڪر، ته جيئن تنهنجي دل ۾ ڪامل مرشد جي جاءِ ٿي پوي، يا تون مرشد جي اندر ۾ پنهنجي جاءِ ڪرين، جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ مرشد جي جاءِ ٿي پوندي ته ان جي نورانيت، تنهنجي اندر کي روشن ڪري ڇڏيندي، الله تعاليٰ جو نور يا ته اهوڪامل مرشد پاڻ هوندو، يا ان ڪامل مرشد ساڻ هوندو، اهو تنهنجي دل جي ڪنڌيل آئيني کي اڇو اجرو ڪندو. جيڪڏهن توکي ان ڪامل مرشد جي اندر ۾ جاءِ ملي وڃي، ته پوءِ ان ڪامل جو اندر، نزول رحمت جي جڳهه آهي، اتي الله تعاليٰ جي مهربانين واريون نظرون نازل ٿيندیون رهن ٿيون، جڏهن توکي ان جاءِ تي موجود ڏسندیون ته ضرور ان جي رحمتن واري نظر جو پرتو توتي به پوندو، پر ايترو، جيتري قدر تون ان سان نسبت ۽ محبت ۽ پنهنجائپ ۽ اتفاق رکندين" ۽ حضور عليه الصلاة والسلام جن جي هن حديث پاڪ ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو آهي، ته مرد ان سان گڏ هوندو، جنهن سان محبت ڪندو.

بس ٿو ڪريان جو سياڻن لاءِ اهو ڪافي آهي.

خط مبارڪ ٽيويهون

چند مخصوص ڳالهين بابت، جناب مخدوم پير محمد رحمة الله تعاليٰ جي لکيل سوالن جي جواب ۾ لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون، ان الله تعاليٰ جي لاءِ آهن، جنهن اسان کي هن (دين اسلام) جي هدايت فرمائي، اسان هي هدايت نه حاصل ڪري سگهون ها، جيڪڏهن الله تعاليٰ اسان کي هدايت نه فرمائي ها، تحقيق الله تعاليٰ جا رسول عليهم السلام حق ڪٽي آيا، ۽ صلاتن ۽ سلامن جو تحفو ان ذات کي پهچي، جنهن جو اسم مبارڪ وصال واري

www.maktabah.org

خالص ۽ مٺي پاڻي جي عاشقن لاءِ تمام لذيذ ۽ بيحد مٺو آهي، ۽ پڻ رحمتون ۽ برڪتون سندس آل اطهار، اصحاب ڪبار تي شال نازل هجن.

حمد ۽ صلاة ڪان بعد، توهان تي الله تعاليٰ جون رحمتون ۽ برڪتون هجن.

سوال: حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي تہ: منهنجي لاءِ الله تعاليٰ وٽ هڪڙو اهڙو وقت هوندو آهي، جو ان ۾ مون سان ڪو بہ مقرب ملائڪ ۽ نبي مرسل ڪو نہ پهچندو آهي.

گهي بر طارم اعليٰ نشينم
گهي برپشت پائي خود نبينم

يعني: ڪڏهن تمام بلند گهر ۾ ويهندو آهيان، ڪڏهن تہ پنهنجي پير جي پٺي بہ ڪو نہ ڏسي سگهندو آهيان.

اهو فرمان هميشہ لاءِ نہ فرمايو اٿن، ان جو سبب ڇا آهي؟

پيو تہ حضرت شيخ بايزيد بسطامي قدس الله سره العزيز فرمايو آهي: آءٌ پاڪ آهيان، منهنجو ڪيڏو نہ وڏو شان آهي. (۱) ۽ آءٌ بادشاهن جو بہ بادشاهہ آهيان ۽ جنهن مون کي ڏٺو ان تي دوزخ جي باهہ حرام ٿي، ۽ هوڏانهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ وسلم ۽ صحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي تہ "يا الله! اسان توکي نہ سجاتوسون، جيئن تنهنجي سجاڻ جو حق آهي، ۽ اسان تنهنجي عبادت نہ ڪري سگهياسون، جيئن تنهنجي عبادت ڪرڻ جو حق آهي، ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي تہ مسلمانن، ڪافرن ۽ منافقن بہ ڏٺو هيو، انهن لاءِ تہ باهہ حرام ٿيڻ جو نہ فرمايو اٿن، پوءِ انهن ٻنهي ڪلامن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب: سلطان مان مراد عارف بالله آهي، جيئن تہ ان اڪين جي نار جو لقب ڪتابن ۾ سلطان العارفين مشهور آهي، ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سيدالمرسلين آهن، جڏهن تہ آنحضرت جن جي رسالت وارو منصب دائمي آهي، ۽ شيخ صاحب بہ معرفت واري تخت تي هميشہ سلطان العارفين آهي.

صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح ۾ وجد واري حالت کي وقت چوندا

(۱) تذڪرة الاولياء مترجم ص ۱۴۷

www.maktabah.org

آهن،۽ ان کي حال ۾ چون. ان جي تعريف ۾ هن طرح ۾ چيو اٿن (اَلْوَجْدُ حَالَةٌ يَظْهَرُ صَاحِبَهٗ مَا وَجَبَ كِتْمَانُهٗ) يعني: وجد اهڙو حال آهي، جو وجد وارو ان کي ظاهر کندو آهي،جنهن جو لکائڻ ان کي واجب آهي.

شرح غوثي ۾ آيل آهي ته هڪ پيري سرور کائنات صلي الله عليه وسلم حجري شريف ۾ مراقبي ۾ مستغرق هئا. تانجو نماز جو وقت بلڪل تنگ ٿي ويو هو، پوءِ صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين، ام المؤمنين حضرت عائشه رضي الله عنها کان دير هجڻ بابت پڇيو. حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها حجري شريف ۾ وئي ته سرور کائنات صلي الله فرمايو ته ڪير آهين؟ بيبي صاحبه عرض ڪيو ته آءٌ عائشه آهيان، پاڻ فرمايائون ته ڪير عائشه؟ بيبي صاحبه عرض ڪيو ته عائشه ابوبڪر جي نياڻي، پاڻ وري فرمايائون ته ڪير ابوبڪر؟ بيبي صاحبه عرض ڪيو ته ابوبڪر رسول الله جو اصحابي. پاڻ وري پڇيائونس ته رسول الله ڪير آهي؟ بيبي صاحبه عرض ڪيو ته اوهين الله جا رسول آهيو. تنهن تي پاڻ فرمايائون، اهو الله تعاليٰ آهي، جو سڀ کان وڏو آهي. پوءِ جڏهن پاڻ افاقي ۾ آيا. بيبي سڳوري کان پڇيائون ته مون چا پي چيو. بيبي صاحبه عرض ڪيو ته اوهان منهنجي جواب ۾ فرمايو ته اهو الله آهي جو سڀ کان وڏو آهي. پاڻ فرمايائون ته اها ڳالهه ڪنهن ساڻ ظاهر نه ڪجان! بيبي صاحبه عرض ڪيو ته اصحابي سڳورا باهران اها ڳالهه سموري ٻڌي رهيا آهن، پوءِ پاڻ باهر آيا ،۽ انهن کي فرمايائون ته منهنجي لاءِ الله تعاليٰ وٽ هڪڙو اهڙو وقت هوندو آهي (حديث جي پچاڙي تائين)

اهڙي طرح شيخ بايزيد بسطامي قدس سره العزيز ۾ (سبحاني ما اعظم شاني) جهڙا لفظ وجد واري حالت ۾ چيا آهن. وجد جا ۾ گهٽا وقت آهن،۽ انا سلطان السلاطين چوڻ سو پڻ مقاماتن مان هو. مقاماتن کي دوام ۽ بقاءُ آهي.

تذڪرة الاولياء ۾ شيخ بايزيد بسطامي جي عروج واري حالت ۾ بيان ٿيل آهي ته، سير عروج وقت آءٌ کنهن ۾ پيغمبر عليه السلام جي جاءِ تي نه ٿي پهتس. مگر ان کي سلام ڪيم، پر جڏهن آءٌ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي مڪان تي پهتس ته اتي لکين باهه جهڙا درياءَ ۽ هزارين حجاب ڏسڻ ۾ آيم. مون گهڻي ڪوشش ڪئي ته سندن تنبوءَ جي صرف واڱ کي ڏسان پر ٿي نه سگهيو، نيٺ حق سبحانه وتعاليٰ وٽ وڃي پهتس. يعني پوءِ سڀ کو ماٺهو پنهنجي حيثيت ۽ طاقت آهر، الله تعاليٰ وٽ

www.maktabah.org

پهچي سگهي ٿو، مگر محمد صلي الله عليه وسلم خاص مرتبي تي فائز آهن. جيستائين تون لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ واري وادي کي پار نه کندين. تيسين محمد رسول الله جي واديءَ کي نه پهچندين، ۽ حقيقت ۾ وادي هڪڙي آهي، ۽ وادیون نه آهن.

جيئن حضرت ابوتراب جو مريد هو، سو الله تعاليٰ کي پيو ڏسندو هو. مگر حضرت بايزيد کي ڏسي نه سگهيو (۽ مري ويو) پو حضرت بايزيد بسطامي غرض کيو ته يااالله چا کريان؟ جو پنهنجي خودیءَ کان ڇوٽڪارو لهان؟ فرمان آيو ته تنهنجي خودیءَ کان ڇوٽڪارو، محمد صلي الله عليه وسلم جي متابعت کرڻ ۾ آهي، ۽ ان جي قدمن جي مٽي کي پنهنجي اکين جو سرمون کر.

هڪ ڏينهن ڳالهه نڪتي ته سياڻي قيامت جي ڏينهن سموري خلق محمد صلي الله عليه وسلم جي جهنڊي جي هيٺيان هوندي، تنهن تي بايزيد بسطامي قدس الله سره العزيز فرمايو ته خدا تعاليٰ جو قسر آهي ته منهنجو جهنڊو محمد صلي الله عليه وسلم جن جي جهنڊي کان گهٽو مٽي آهي، جو سمورا پيغمبر ۽ سموري خلق منهنجي جهنڊي هيٺان هوندا.

انهن ٻنهي عبارتن ۾ ظاهر ۽ صريح تباين(فرق) آهي. جواب هي آهي ته پهرئين عبارت جو ڳالهائيندڙ بايزيد بسطامي هو، ۽ بي عبارت جو ڳالهائيندڙ حق سبحانه' وتعاليٰ پاڻ هيو نه بايزيد هيو، چاکاڻ ته ان استغراق واري وقت، سندس قول ۽ فعل بِيْ يَنْطِقُ وَبِيْ يُبْصِرُ وَبِيْ يَسْمِعُ کان هيو، ۽ مَارَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى، جي معنيٰ ۾ به ان حقيقت ڏانهن اشارو ٿيل آهي. پوءِ اهوئي سبب هيو. جو الله تعاليٰ بايزيد جي زبان سان هن طرح لفظ چوايا ته منهنجو جهنڊو محمد مصطفيٰ صلي الله جي جهنڊي کان تمام وڏو آهي. جڏهن تون، اِنِّيْ اَنَا اللّٰهُ، (يعني بيشڪ آءٌ الله آهيان) جو آواز وڻ منجهان ٻڌڻ قبول کرين ٿو ته پوءِ لوائي اعظم من لواءِ محمد صلي الله عليه وسلم و سبحاني ما اعظم شاني وارو آواز به بايزيد جي اندر واري وڻ مان اچي سگهي ٿو.

پيارا نبي کريم صلي الله عليه وسلم جي اَنَا اَحْمَدُ بِلَا مِيْمٍ واري فرمان، ۽ منصور جي اَنَاالْحَقّ چوڻ ۾ فرق نه آهي، مگر هيترو ته پوئين کلام وارو کچي حال جو هيو، ۽ پهرين جو حال پڪو ۽ پختو هو.

من نمي گويم اَنَا الْحَقّ يارمي گويد بگو
چون نه گويم چون مرا دلدار مي گويد بگو

www.maktabah.org

يعني آءُ اَنَا الْحَقّ ڪوڙ ٿو چوان، پر يار ٿو چوي ته چئو. پوءِ آءُ چوڙ چوان، جڏهن دلبر چوي ٿو ته چئو.

ان سڄي ڪلام جو تفصيل هن طرح آهي، ته اهي شطحيات جا الفاظ عام خلق کي چوڻ ڪفر آهن. جيئن ته هن زماني ۾ گهٽان ماڻهو توحيد جا دعويدار شطحي لفظ چون ٿا. البت جن عارفن پنهنجي ذات کي فنا ڪري، پنهنجي خودي کي فاني ڪري ڇڏيو آهي. تن کان جيڪڏهن اهڙا لفظ ظاهر ٿين ته انهن جو نه انڪار ڪبو، نه اقرار، ڇاڪاڻ ته اهي الاهي اسرار آهن.

مولانا رومي فرمائي ٿو:

هرچه گيرد علتي علت شود
ڪفر گيرد ڪاملي ملت شود (۱)

يعني: بيمار جو به وڻندو، بيماري ٿي پوندو، ڪامل انسان ڪفر اختيار ڪندو ته دين بنجي ويندو.

ڇ جيئن الله تعاليٰ موسيٰ عليه السلام کي مجذوب جي باري ۾ ڏوراپو ڏنو هيو.

مولانا رومي رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمائي ٿو:

موسيا آداب دانان ديگرند
سوخته جان وروانان ديگرند

اي موسيٰ دانائن جا ادب ٻيا آهن، سڙيل جان ۽ سڙيل روح وارا عاشق ٻيا آهن.

عاشقان راهر زمان سوزيده نيست
برده ويرانِ خراج وعشر نيست

عاشقن کي ته هر وقت (حقيقي محبوب جي عشق ۾) سڙڻون آهي، غيرآباد ديهه تي نڪا ڏل آهي نه ڪو عشر.

ورخطا گويد وُرا خاطي مگو
گر بود پُر خون، شهيد آنرا مشو

(۱) مثنوي مترجم دفتر اول ص۱۸۵

www.maktabah.org

جيڪڏهن اهو غلط ڳالهه چوي ته به ان کي خطاوار نه چئو. جيڪڏهن شهيد خون ۾ پربو پيو هجي، ته به ان کي نه ڏو (يعني غسل نه ڏي)

۽ اهو جيڪو اوهان فرمايو آهي، ته ڪافرن ۽ منافقن سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم کي ڏنو ٿي. سو قرآن شريف جي نص جي خلاف آهي، الله تعاليٰ فرمائي ٿو: يَنْظُرُوْنَ اِلَيْکَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ(۱) ترجمو: توڏانهن نهارين به ٿا، پر اهي ڏسن ڪونه ٿا. ڪافرن ۽ منافقن کيئن ڏٺو؟ بلڪ جيڪي چون ٿا ته منافقن ڏٺو، انهن آيت جي معنيٰ نه سڃاتي.

بيت

بارو چو بي پت، جيڪس ڏٺو جيڏيون
نت مون جيئن مور نه مٽ، هوند سُمهون کين سڪ ڪري

اي دوست! فيض ڏينڏڙ ۽ فيض ونندڙ جي وچ ۾ نسبت جو هجڻ ضروري شرط آهي:

نسبت پاکان درست کن يا پئي ايشان مرو
غرق شد فرعون بدريا، بود موسيٰ پيش رو

الله جي پاڪ ٻانهن سان نسبت صحيح رک. يا انهن جي پويان نه وڃ، فرعون درياهه ۾ ٻڏي ويو، حالانڪ موسيٰ عليه السلام ان جي اڳيان هيو.

هر که را روئي بهبود نداشت
ديدن روئي نبي اورا سود نداشت

جنهن شخص پنهنجو منهن چگو نه رکيو، تنهن کي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي منهن ڏسڻ مان ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو.

جيئن نبي ۽ امتي جي وچ ۾ ايمان، دوستي ۽ اعتقاد واري مناسبت رکڻ ضروري شرط آهي، تيئن مرشد ۽ مريد جي وچ ۾ به اهڙي مناسبت جو هجڻ ضروري آهي. جڏهن ته منافقن ۽ ڪافرن جي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سان دوستيءَ ۽ ايمان واري مناسبت نه هئي. تنهن ڪري اهي بنا مناسبت جي هدايت کان محروم رهيا. هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي، ته حبدارن، مؤمنن کي پاڻ ڪريمن سان محبت ۽ مناسبت آهي (جنهن ڪري نصيب وارا ٿيا)، ۽ سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن انهن کي،

www.maktabah.org

ان حال جي خبر نہ ٿي ٻڌائي تہ متان محبت ۽ نسبت متان پروسو ڪري ويهي رهن (۽ عمل ڪرڻ ڇڏي ڏين) ورنہ پاڻ ڪريمن جو عام فيض، بي جان شين کي بہ رسيو. پوءِ مؤمنن کي ڪيئن نہ رسندو!!

مثنوي شريف ۾ آهي تہ حضرت انس رضي الله عنه پنهنجي خادم کي امر فرمايو تہ هي دستر خوان، سٽيو ٿي ويو آهي. ان کي باهہ ۾ وجهي ٿوري دير کان پوءِ باهر ڪڍ.

بعد یک ساعت بر آور از تنور
پاک وبراق وسفید از چرک دور

خادم دستر خوان کي باهہ ۾ وجهڻ کان ٿوري دير بعد باهر ڪڍيو تہ صاف چمڪندڙ ۽ سفيد هو. ميراڻ کانہ هيس.

قوم گفتند اي صحابي عزيز
چون نسوزيد ومصفا گشت نيز

ماڻهن حضرت انس رضي الله عنه کي عرض ڪيو تہ اي پيارا صحابي ڇا سبب آهي جو هي دسترخوان سڙڻ جي بجاءِ صاف ٿي نڪتو آهي.

گفت زانکہ مصطفیٰ دست ودهان
پس بمالید اندرین دسترخوان

حضرت انس رضي الله عنه فرمايو تہ ان جو سبب هي آهي، جو هن دسترخوان سان محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجا هٿ مبارڪ ۽ منهن مبارڪ اگهيا هئا.

اي دل ترسنده از نارو عذاب
با چنان دست ولب کن اقتراب

باهہ ۽ عذاب کان ڊجندڙ اي دل! اهڙن هٿن مبارڪن ۽ چپن مبارڪن سان تعلق جوڙ.

چون جمادي راچنين تشريف داد
جان عاشق را چها خواهد کشاد (۱)

(۱) مثنوي دفتر سوم ص۷۸

www.maktabah.org

جڏهن بي جان شي کي اهڙو شرف مليو (جو سڙڻ کان بچي وئي) تہ عاشق جي جند جان کي کهڙي نہ مهرباني ٿيندي.

تفسير تاويلات عبدالرزاق کاشي ۾ "تَرَاهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْکَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ"(۱) آيت مبارک جو هن طرح تفسير کيل آهي (الله تعالیٰ فرمائي ٿو) اي محبوب تون انهن کي ڏسين ٿو تہ اهي تنهنجي طرف(جڏ) نهاري رهيا آهن،۽ حالانڪ انهن کي کجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. يعني تون انهن کي صحيح نظر ۽ بصر سان ڏسين ٿو پيو،۽ اهي حق جي ڏسڻ جي بصيرت نٿا رکن،۽ نہ کي تنهنجي حقيقت پروڙڻ جي بصيرت اٿن. ڇاڪاڻ تہ حقيقت ۾ انهن جون دليون انڌيون آهن،۽ کتاب لطائف قشيري ۾ ان آيت بابت لکيل آهي، تہ انهن جون صرف مٽي واريون اکيون مشاهدو کن ٿيون. پر اهي اکيون انهن جي دلين ۽ اسرارن جي بصيرت کان پوشيده آهن. پوءِ انهن جي ظاهري ڏسڻ کي کو اعتبار ناهي. ۽ چون ٿا تہ اکابرن جو غيبي مکاشفن سان ڏسڻ انهن جي شخصيتن جي حاضر هجڻ سان نہ هوندو آهي، بلڪ انهن جو ڏسڻ غيبي مکاشفات ذريعي قلب کي حاصل ٿيندو آهي،۽ اهو انهن جي احترام جي مقدار ۽ ايمان جي حصول موجب هوندو آهي(۲)

تفسير حسيني وارو چوي ٿو! اي محبوب اهي توکي بصيرت واري اک سان نہ ٿا ڏسن جو حقيقت ۾ اهي توکي ڏسندڙ نہ آهن. پوءِ جيڪڏهن توکي ظاهر ۾ تہ ڏسن ٿا. پر حقيقت ۾ توکي نہ ٿا ڏسن.

سلطان محمود غزنوي(پنهنجي مرشد) حضرت ابو الحسن خرقاني قدس سره، کان پڇيو هو تہ هن ڳالهہ ۾ کهڙو راز رکيل آهي جو سلطان العارفين حضرت بايزيد قدس سره، چوندو هو تہ جنهن بايزيد کي ڏٺو ان تي دوزخ جي باهہ حرام ٿي، حالانڪ سرورڪائنات صلي الله عليه وسلم اهڙي طرح کونہ فرمايو جو کين منافق ۽ کافر ۽ يهودي ڏسندا هئا.

حضرت شيخ ابو الحسن خرقاني رحمة الله تعالیٰ عليه فرمايو تہ"هن ڏسڻ کي ظاهري ڏسڻ تي حمل نہ کر، چوتہ اها ڳالهہ ظاهر آهي، تہ حضرت پيغمبر کريم صلي الله عليه وسلم کي سندن زماني ۾ کن ٿورن شخصن ڏٺو هو. اهڙي طرح

(۱) سورت اعراف آيت ع۔۱۹۸

(۲) تفسير لطائف قشيري جلد ٻيو ص۲۹۲ کذا في عرائس البيان جلد اول ص۲۹۸

www.maktabah.org

حضرت بايزيد بسطامي قدس سره' کي ٻ سندن زماني ۾ ڪن ٽورن شخصن ڏٺو هوندو، جيڪي ان جي حقيقي جمال کي ڏسندڙ ٿيا هوندا."

برائي ديدن رويت مرا چشم دگر بايد
چ ن چشم که من دارم جمالت را نمي شايد(۱)

توهان جي منهن مبارڪ ڏسڻ لاءِ، مون کي هي (اندر واري) اک جي گهرج آهي، جيڪا مون کي ظاهري اک آهي، اها اوهان جي جمال باڪمال کي ڏسڻ لاءِ مناسب ڪانهي.

نقل: مون پنهنجي مرشد مربي، حضرت غوث الزمان مڪمل مهربان قدس سره' جي زبان گوهر افشان مان هي نقل ٻڌو هو. جو پاڻ فرمايائون ته ڪنهن بيمار وٽان هڪ بزرگ جو گذر ٿيو. بيمار جي خراب حالت ۽ عاجزي تي ان بزرگ کي رحم آيو، جنهن دعا گهري ته يا الاهي! ان هستي جي محابي، جنهن کي منهنجي اکين ڏٺو آهي. هن بيمار کي شفا بخش، اهو بيمار انهيءَ وقت چگو ٿلو ٿي ويو. پوءِ اهو بيمار شخص ان بزرگ جي پويان ڊوڙيو، ۽ چيائينس ته خدا جي واسطي هڪ ڳالهه مون کي ٻڌاءِ؟ بزرگ فرمايو کهڙي؟ بيمار چيو ته تنهنجي اکين ڪنهن کي ڏٺو هو؟ بزرگ فرمايو ته منهنجي اکين حضرت شيخ بايزيد قدس سره' کي ڏٺو هو (تنهن تي ان بيمار شخص حيرت مان چيو) ته حضرتا! مون شيخ بايزيد قدس سره' جي ٻارنهن ورهيه خدمت ڪئي اٿم. بزرگ ان کي فرمايو ته تو خدمت ڪئي هوندي!! مگر جن اکين سان مون شيخ بايزيد قدس سره' کي ڏٺو هو تن اکين سان تو ڪونه ڏٺو هوندو.

باروچو بي پت، جيڪس ڏٺو جيڏيون
نت مون جان مورنه مت سمهو کين سڪ ڪري

دوست! ظاهر وارن عالمن جي عشق تي عقل غالب آهي، ان جي ڪري شريعت پاڪ جي خلاف هرگز نه ڳالهائيندا آهن، ۽ الله وارن جي عقل تي عشق غالب آهي، جنهن ڪري شطحيات وارا الفاظ ڪنهن وقت عشق جي غلبي سببان انهن کان صادر ٿين ٿا، ۽ انبياءِ عليهم الصلاة والسلام جو عقل عشق جي برابر آهي. پوءِ انهن جي عبديت وارو لباس، سندن معنوي قد مبارڪ تي ڏهي آيو. پوءِ اسان کي لائق نه آهي، جو اولياءِ الله

(۱) تفسير حسيني ص ۲۸۱

www.maktabah.org

جي قول ۽ فعل تي اعتراض ڪريون. ڇاڪاڻ ته حضرت موسيٰ عليه الصلواة والسلام علم ۽ نبوت سان مشرف هوندي به انهن (حضرت خضر عليه السلام) جي اسرارن کي پهچي نه سگهيو، ته هين کي ڪهڙي طاقت آهي (جو ولين جي اسرارن کي سمجهي سگهن) حديث قدسي ۾ آهي: اَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قَبَائِيْ لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ. يعني منهنجا دوست منهنجي چادر هيٺ ڏکيل آهن، مون کان سواءِ انهن کي ٻيو ڪوبه ڪونه ٿو سڃاڻي. پوءِ هين کي طاقت آهي جو هن بنا دڳ واري واٽ ۾ فاسد سوچ وارو سَمَنڊُ (گهوڙو) ڊوڙائي سگهي.

نه بشر خوانمت اي دوست نه حور ونه پري
اين همه برتو حجاب است تو چيزي دگري

يعني: اي دوست! توکي نه بشر سڏيان، نه حور ۽ نه پري، هي مڙوئي توتي حجاب آهن، حقيقت ۾ تون ته ڪابي شي آهين.

بيت

هوت نه ڏنائون، ڏوهه نه ڏجو جيڏيون
هوند مون جارنائون، مٿي ڏيئي هٿڑا

بس ٿو ڪريان جو سياڻن لاءِ ايترو ڪافي آهي. توهان ۽ توهان جي پاڙي وارن تي سلام هجن.

خط مبارڪ ڇويهون

حقيقت محمدي جي بيان ۾ مخدوم پير محمد رحمة الله تعاليٰ عليه جي طرف لکيل

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ، جنهن اسان کي هن (دين اسلام) جي هدايت فرمائي، جيڪڏهن الله تعاليٰ اسان کي هدايت نه فرمائي ها ته هوند اسان هدايت وارا نه ٿيون ها. بيشڪ اسان جي رب ڪريم جا پيغمبر، حق سان آيا. صلاتون ۽ سلام ان (جي رسول) تي هجن، جنهن جو اسم مبارڪ ان جي وصال جي شوقينن لاءِ ماکيءَ کان به وڌيڪ مٺو ۽ لذيذ آهي، ۽ ان جي آل ۽ اصحابن سڳورن سيني تي رحمتون ۽ برڪتون

www.maktabah.org

هجن. حمد ۽ صلاة کان بعد، توهان تي الله تبارک وتعاليٰ جي طرفان رحمتن ۽ برکتن جو تحفو هجي.

غني رب کريم جي طرف محتاج فقير طرفان، اکابرن جي وڏي فاضل يعني پير محمد کي پهچي (الله تعاليٰ شال ان جي قلب ۽ منهنجي قلب کي پنهنجي معرفت واري نور سان روشن فرمائي)

اوهان جو خط. جيکو گهڻن سوالن تي مشتمل هو، سو سفر جي تکڙي تياري کرڻ وقت پهتو. پوء ان جي جواب ۾ جيکي مون کي آسان سمجهڻ ۾ آيو سوهي آهي.

سوال: ڇا حقيقت محمدي علي صاحبها الصلواة والسلام، انبياء عليهم الصلاة والسلام جي لاءِ به، الله تعاليٰ ڏانهن پهچڻ جو ذريعو ۽ وسيلو ٿيندي، جيئن هن امت لاءِ آهي؟

جواب: اي سليم عقل وارا! ڄاڻڻ گهرجي ته جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم تمام انبياءُ عليهم الصلواة والسلام جي وجود مسعود جي لاءِ وسيلو آهن، ته پوءِ پاڻ ڇونہ انهن واسطي الله تعاليٰ ڏانهن پهچڻ جو ذريعو ۽ وسيلو ٿيندا؟

مواهب اللدنيه ۾ آهي "جڏهن الله تعاليٰ کي پنهنجي مخلوق کي موجود کرڻ، ۽ انهن لاءِ رزق مقدور کرڻ جو ارادو ٿيو ته پهريائين انوار صمديت مان حضرت احديت ۾، حقيقت محمديه کي ظاهر فرمايائين، پوءِ الله سبحانه' وتعاليٰ حقيقت محمديه مان کڏيائين، عالم علوي ۽ عالم سفلي جي سيني جهانن کي پنهنجي حکم جي صورت تي، جيئن جو ان جي علم ۽ قديم ارادي ۾ سبقت ٿيل هئي. پوءِ الله تعاليٰ نبي کريم صلي الله عليه وسلم کي سندن نبوت جو علم عطا فرمايو، ۽ سندن رسالت جي ان حال ۾ کين بشارت ڏني. جڏهن سندن قول موجب، آدم عليه السلام روح ۽ جسد درميان هيو. پوءِ پاڻ کريمن صلي الله عليه وسلم منهنجان ارواحن جا چشمان ڦٽي نڪتا. پوءِ پاڻ کريم جن ملاءِ اعليٰ (يعني مقربين جي مخلوق) ۾ ظاهر ٿيا. پاڻ سڳورا ظاهر ظهور کامل تي آيا، ۽ تمام انبياءُ عليهم السلام ۽ مقربين بارگاهه الاهي لاءِ مٿو چشمو ٿيا. پاڻ سڳورا (پيدائش جي تقدم سبب کائنات جي سيني جنسن جي) جنس عالي آهن، ۽ جميع موجودات ۽ سيني ماڻهن واسطي اکبر پيءُ آهن (ان کري جو جميع کائنات ۽

www.maktabah.org

سيئي ماڻهو سندن نور مبارک مان پيدا کيا ويا آهن) ۽ باطن واري اسر سان جڏهن پاڻ کريمن صلي الله عليه وسلم وارو زمانو سندن جسم کي موجود کرڻ ۽ ان سان روح کي ملائڻ واري وقت جي انتها کي پهتو ته اسر ظاهر ڏانهن زماني جو حکم منتقل ٿيو. پوءِ پاڻ سڀ جو سڀ محمد صلي الله عليه وسلم ٿي جسر ۽ روح سان ظاهر ٿي آيا (مقصد ته الله سبحانه' وتعاليٰ پنهنجي مخفي علم سان تمام کائنات ۾ تصرف فرمايو جو عالم عناصر کي پيدا کرڻ وارو ارادو، جنهن ذات والا صفات جي ظاهر کرڻ سان وابسته هيو، ۽ اها حقيقت محمديه هئي. پوءِ ان ذات مبارک جي روح شريف جو ربط جسر مبارک سان کري، ان کي محمد صلي الله عليه وسلم کري ظاهر فرمايائين) پاڻ کريمن صلي الله عليه وسلم جي ظاهري خلقت توڙي جو آخر ۾ ٿي آهي، پر سندن مرتبو، ۽ ملهه سيني کان مٿاهون مشهور ٿي چکو آهي (جو پاڻ سڳورا تمام ممکنات لاءِ حقيقةَ الحقائق آهن) پاڻ سڳورا اسرارن جا خزانا ،۽ حڪمن جي جاري ٿيڻ جي جاءِ آهن. هر هڪ حڪم سندن ذات مبارک وٽان نافذ (جاري) ٿيندو آهي،۽ کوبه خير سندن ذات مبارک جي وسيلي کان سواءِ کنهن کي به کونه ملندو آهي(۱)

اهڙي طرح حضور اکرم صلي الله عليه وسلم جي ذات مبارک جڏهن انبياءِ عليهم السلام جي ظاهري نبوت جا وسيلا آهن، ته پوءِ انهن جي ولايت ۽ معرفت جا جيکا نبوت جو باطن آهي کيئن نه وسيلو ٿيندا؟

جيئن ٻئي هنڌ مواهب اللدنيه واري فرمايو آهي ته جڏهن الله تعاليٰ اسان جي نبي کريم صلي الله عليه وسلم جو نور پيدا فرمايو ته ان کي امر فرمايائين ته انبياءِ عليهم السلام جي انوار(نورن) ڏانهن ڏسو، پوءِ سندن نور مبارک انبياءِ عليهم السلام جي نورن کي ڏکي ڇڏيو، جنهن سبب چوڻ لڳا اي الله! هي کنهن شخص جو نور آهي، جنهن جي نور اسان کي ڏکي ڇڏيو آهي.

الله تعاليٰ انهن کي ٻڌايو ته هي محمد بن عبدالله(صلي الله عليه وسلم) جو نور آهي. اوهين جيکڏهن مٿس ايمان آڻيندا ته اوهان کي نبي بنائيندس، تنهن تي سيني نبين سڳورن چيو ته اسان ان تي ۽ سندس نبوت تي ايمان آندوسون، پوءِ الله تعاليٰ انبياءِ عليهم السلام کان پڇيو ته ڇا آءٔ اوهان تي ان ڳالهه جو شاهد ٿيان،سيني چيو ته هائو، الله تعاليٰ جو هي قول ان واقعي متعلق آهي. وَاِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ

(۱) مواهب اللدنيه جلد اول ص٦

www.maktabah.org